# سر بروو

مرتب: حميد سنڌي

جيئي سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر بروو

٢٥٠هين عرس جي موقعي تي پڙهيل ۽ ٻيا مقالا

مرتب:
حميد سنڌي

Jeay Sindh

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه / حيدرآباد
١٩٩٥ع/ ١٤١٦هه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ٢٥١هين عرس جي
موقعي تي خاص اشاعت

ٻيو ڇاپو : ١٩٩٥ع
تعداد : هڪ هزار
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ : آغا رياض ۽ اڪبر خشڪ

ملهه : -/100 رپيا

ISBN: 969-81012-X

Jeay Sindh

هي ڪتاب عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي
مرڪز، آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچيءَ وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ڪريان روح رهاڻ لکن منجهه لطيف چئي | حميد سنڌي | ٧ |
| سُر بروي جو تحقيقي جائزو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ١٣ |


## ٢٥٠ ساله عرس جي موقعي تي پڙهيل مقالا


| | | |
|---|---|---|
| سُر بروو سنڌي جو اڀياس | ڊاڪٽر اياز قادري | ٤٩ |
| سُر بروو ـ اظهاري ڪيفيت | سرڪش سنڌي | ٦١ |
| سُر بروو ـ سنڌي راڳڻي ۽ ڪهاڻي | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ٧١ |
| سر بروي بابت ويچار | ڊاڪٽر نور علي شوق | ٧٩ |
| سُر بروو سنڌي منهنجي نظر ۾ | رضيه شيخ | ٨٧ |
| روحاني رازن جو پيندار سُر بروو سنڌي | ڊاڪٽر بشير احمد شاد | ١٠٧ |
| سُر بروو سنڌي جو مطالعو | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | ١٢٩ |
| سر بروو سنڌي | ڊاڪٽر رقيه غلام النبي شاهاڻي | ١٣٧ |
| سربروو سنڌي ـ جائزو ۽ مقام | حافظ عبدالرحيم جمالي | ١٤٥ |
| شاهه جو محبوب | نصرت حسين ابڙو | ١٥٣ |
| سُر بروو سنڌي ۾ انساني جذبن جو اپٽار | حاجي عنايت الله زنگيجو | ١٦١ |
| شاهه لطيف جو سُر بروو سنڌي | نذير ناز | ١٦٩ |


## متفرق مضمون


| | | |
|---|---|---|
| شاهه يڳاڻي هڪ استاد | سيد مظفر علي شاهه | ١٧٧ |


Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | |
|---|---|---|
| صوفي فڪر ۽ لطيف | محمد حسين ڪاشف | ١٨٧ |
| شاهه لطيف ڀٽائي جي فن ۽ فڪر جا ماخذ | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ٢٢٣ |
| شاهه لطيف جو سورميون | سلطانه وقاصي | ٢٤١ |
| لطيف هڪ مسيحا صفت شاعر | سحر امداد | ٢٥٣ |
| شاهه لطيف رحه ۽ مولانا رومي رحه | ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل | ٢٦٣ |
| شاهه ڀٽائي کان اڳ جي سنڌ ۽ اڄ جي سنڌ | قائم سولنگي | ٢٨١ |


Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪريان روح رهاڻ لکن منجهہ لطيف چئي

ماڻهو گهرن مال، آئون سڀ ڏيئنهن گهران سپرين
دُنيا تہِ دوست تان، فدا ڪريان في الحال
ڪيس نام نهالُ، پسڻ تان پري رهيو.

لطيف سرڪار جي هيءَ ڪيفيت هجي يا سجي رسالي ۾ عجب ڪيفيتون هجن هر ماڻهو اُن ۾ نهال آهي. عام ۽ خاص انهن ڪيفيتن مان نڪري ٿو غم، خوشي، فراق، فرحت، حيرت جهڙا جذبا هر ماڻهو منجهہ پلجن ٿا. پر لطيف سائين، عام ماڻهن جي مختلف ڪيفيتن کي اندر ۾ وڻ جيان پالي وڏو ڪري جنهن ڪيفيت ۾ بيان ٿو ڪري اُن سان هر دل اندر ساڳيا جذبا اُڀرن ٿا هو دانهن ڪري اُٿي ٿو.

جنءِ ڪا ڪاني، ڪانہ لهسندي لاتيون ڪري



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڃي پٽي اوچتي، درد پرين جي دانهہ
ويچ ڏنيين کهُ ٻانهہ سورُ هنيين کي سامها.

لطيف سائين اهڙين ڪيفيتن کي بہ بيان ڪيو آهي جيڪي ماڻهو پاڻ سان ويهي پاڻ ڪندو آهي، ڏيهن کي ڏس نہ ڏيندو آهي. هُن هرڪيفيت ۾ جذبي کي وائکو ڪري عام ماڻهو کي آگاهي يا پاڻ سڃاڻڻ واري ڪيفيت ۾ آندو آهي. سندس شاعر هجڻ پنهنجي جاءِ تي آهي، لفظن جي سونهن، بيهڪ پنهنجي جاءِ تي ٻوليءَ جو ڀنڊار ڪولي ڪولي بيان ڪرڻ پنهنجي جاءِ تي پر ”ڪريان روح رهاڻ، لڪن منجهہ لطيف چئي“ واري ڪيفيت منفرد آهي. ”پيرين ڏريان پنبٽيون، هنڌ وڃايان وار“ وارا جذبا انجاتل آهن. لطيف سائين جن جذبن ۽ ڪيفيتن کي بيان ڪيو آهي، اُهي هر هڪ ۾ هوندي بہ ڪنهن هن نموني نہ بيان ڪيا:

پَر وس تين پراڻ، پرين وس نہ پاهجي
لڳو ڪيڻءَ لطيف چي، چِڀَرُ چاتي ساڻ
پرين ڏيکاري پاڻ، خوش ڪري ويا خواب ۾.

هيءَ لطيف سرڪار جو هر جذبي، هر تخيل، هر ڪيفيت سان عشق آهي جو هو پنهنجو پاڻ کي اُن نموني بيان تو ڪري جو عقل دنگ آهي، حيرت عيان آهي، تصوير چٽي آهي.

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سُپرين
ڪي نہ سنيرجن ڪڏهين، ڪي نہ وسرن مور
جيئن ميهِ ڪنديءَ پور، تيئن دوس وراڪو دل سين.

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

جيئن مينهن ڪنڊي پور تيئن دوس وراڪو دل سين وارو تصور، سڌي سنئين تصوير چٽي ڪڍي ماڻهن آڏو آندي اٿس. ارسطوءَ چواڻي تہ "مصوري يا نقش نگاري شعر جو روح آهي." لطيف اصل ۾ روحاني ڪيفيتن جو شاعر آهي، اُن نموني سان ماڻهن منجهہ عام زندگيءَ سان لاڳاپيل ڪيفيت کي روحاني ڪيفيتن سان ڳنڍي ۽ جوڙي پيش ڪيو اٿس. اِهي ئي ڪيفيتون آهن جيڪي اصل ۾ حق حقيقي هيڪڙي واري واٽ ڏسين ٿيون. هيءَ سڀ بي ساختہ ڪيفيتون ۽ جذبا آهن جيڪي اندر مان اُدما بڻجي اچي اُجري مَنَ ۽ روح کي چٽو ڪري بيهارين ٿا.

Latif never thought of his poems as works because they did not entail labour. He created them in ecstatic moodes when no work as work was possible. So, he called them paigham (message) and every time without that he should have suggested has been sung by those who understood the verses and also by those who can not under stand them at all: sung they have been and no one can stop people from singing them.

(Alama I.I.Kazi: Shah his position among the poets).

شاهہ سائين ترن برن ڏکن ڏونگرن درياهہ ۽ سمنڊ مان پنهنجا ڪردار پار نہ اُڪاريا آهن پر پاڻ اُنهن مان اُيريو، نڪتو، اُڪريو آهي.

سندس هر ڪيفيت کي بيان ڪرڻ جو اندازو اهڙو وڻندڙ آهي جو ڏکن ۽ ڏونگرن وارو چٽرُ بہ دل اندر پيهي ماڻهوءَ کي جهونگارائي ٿو. لطيف سرڪار بيان يلي ڪري پر اثرائتو وڪڙ اهڙو اٿس جو هر ماڻهو سائس گڏ بينو جهونگاري ۽ ڳائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيل! آن نہ وسهان، هنجون جي هارين
آئيو آب اکين ۾، ڏيهہ کي ڏيکارين
سڄڻ جي سارين، سي نہ کي رون نہ کي چون.

شاهہ سائين تخيل جو بادشاهہ. لفظن سان اُن کي چٽي من موهي تو ڇڏي.

ايچ ٽي سورلي سندس فڪر جو تماشو آهي. هو هينئن بہ چوي ٿو:

No one can read his poetry without being consions at once that here is some thing really great: here is beauty expressed with the utter frankness of sincerity, without conceits collaboration or pomposity in shah are set forth in sheer adaration and humility, feelings which are the base of all religions and essential to the highest qualities of the poeclever intellctualism. try. Here there is no

(H.T.Sorley - Shah Abdul Latif)

شاهہ سائين وٽ ور وڪڙ وارو فڪر يا خيال نہ آهي، سندس مشاهدي جو ٿي ڪمال آهي. جانب جي جمال جو مشاهدو هجي يا اُن ڪائنات جو جنهن ۾ دهشت درياهہ جي هجي يا برپٽ بيابان يا چنڊ جي چانڊوڪي، شاهہ جي اندر جي ڪيفيت ٿي پنهنجي آهي.

چڱا چنڊ! چئيج سنيها کي سڄڻين
متان اگھن اُيري، پرين جي پٺيج
جهيڻو ڳالائيج، پيرين وجهي هٿڙا.

شاهہ صاحب سُر بروو سنڌي ۾ بہ اُنهن ٿي ڪيفيتن کي بيان

ڪيو آهي جنهن ۾ نه فرق نه ڦند نه ڦير

لڳي جو لطيف چئي، نڪو ٿال نه ٿيل
لڪيءِ لامون ڪوڙيون نيٽين وهي نير
هينئڙا تي سڌير، ڪال ڦرين لڏيو.

وٽس انساني جذبن ۽ ڪيفيتن بيان ڪرڻ جو عجب ڏانو ۽ هُنر آهي. هو هر ڳالهه عام ماڻهو جي من وٽان ڪري ٿو ۽ ڪيس آهستي آهستي روحاني سفر ڏانهن نئين ٿو ۽ ڪيس ٻڌائي ٿو ته جسم ڪي ڏنل تڪليفون روحاني سفر ڪي آسان ڪن ٿيون ۽ اهو سرور بخشين ٿيون جو ماڻهو جهر جهنگ جبل جهاڳي پار پئي ٿو ۽ مالڪ وٽ، سندس مان رهي ٿو.

جڏهانڪر ٿئام، ساڃاهه سپرين سين
تڏهانڪر ٽِرجيترو، وير نه وسريام
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

لطيف سرڪار جي اِنهيءَ پيغام ۾ ڪيفيتن ڪي عام ڪرڻ لاءِ هميشه جيان هن سال به ادبي ڪانفرنس ٿي ۽ اُن موقعي تي مقالا پڙهيا ويا. هن دفعي ڪافي مقالا متفرق موضوعن تي به هئا. "سُر بروو سنڌي" تي جيڪي مقالا پڙهيا ويا ۽ ٻيا مضمون مختلف موضوعن تي مليا سي ٿاهي جوڙي هن گلدستي ۾ گڏ ڪيا اٿم. ڀانيان ٿو لطيفي مهڪار وارو هيءُ گلدستو اوهان ڪي نه رڳو پسند ايندو پر ايندڙ نسل لاءِ به اُن جي خوشبو ۽ مهڪار چوڌاري واسيل رهندي. لطيف سائين جي فڪر مان هر سال جيڪي گل ملن ٿا. اسان جا مفڪر اديب اُن ڪي

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عقيدت سان سنواري ڪنيو اچي لطيف جي دربار ۾ پيش ڪن ٿا. ڏٺي ڪندو تہ سندن مان ۽ شان وڌندو ۽ هو هن لطيفي ميڙ ۾ پنهنجي شرڪت سان اسان کي نوازيندا رهندا.

مان، دوست حميد آخوند ۽ ممتاز مرزا ۽ انهن سيني اديبن دوستن، پانڊيٽڙن جا ٿورائتا آهيان جو هن ادبي ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ ۾ هر سال اچيو هٿ ونڊائين.

جڏهانڪُر ٿيامر، ساڄاهه سُپرين سين
تڏهانکر تِر جيترو، وير نہ وسريامر
اندر روح رهيامر سڄڻ اوطاقون ڪري.

مان هت خاص طرح ٿورا مڃيندس پنهنجي بزرگ ۽ سنڌ جي مفڪر ۽ ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جن جا، جن هن لطيفي ادبي ڪانفرنس جي مهنداري ڪئي آهي ۽ اسان جي رهبري ڪئي آهي. هيءَ سُرن وار تحقيق بہ سندس فڪر موجب سالن کان هلندي اچي. پاڻ گذريل سال ادبي ڪانفرنس جي صدارت ڪرڻ پڻ فرمايائون. سندن سُر بُروو تي تقرير اسان لاءِ وڏي وٿ آهي. اُن کان وڌ سندن ترتيب ڏنل رسالو آهي، جيڪو پنهنجي جاءِ تي اهم دستاويز آهي. هن موقعي تي اسين سُر بروو تي سندن رسالي ۾ ڏنل متن، تبرڪ طور شايع ڪري رهيا آهيون. اُن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا اسين ٿورائتا آهيون.

دعاگو
حميد سنڌي

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سُر بروي جو تحقيقي جائزو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ٢٥٠ سالہ عرس جي موقعي تي، "سُر بروي سنڌي" تي ٿيل ادبي ڪانفرنس جي صدارت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن ڪئي، انهي نسبت سان ڊاڪٽر صاحب جي مرتب ڪيل "شاهه جي رسالي" جي معياري متن "جلد ٢" مان بروي بابت سندن تحقيق ۽ سر هتي شامل ڪجن ٿا.

Jeay Sindh

## سُر بروي ۾ سمايل فڪر

هيءُ سُر سچي عاشق جي محبت ڀرين جذبن ۽ احساسن جي اظهار جو داستان آهي؛ سڄڻ جي سڪ ۽ ساڻس بي انتها پيار واري شعوري ۽ لاشعوري ڪيفيت جو آئينو آهي؛ فراق ۾ عاشق جي اندر جي آهہ ۽ درد جي دانهن جو آواز آهي. محبوب موجود ڪونهي پر هو هر دم عاشق جي اکين آڏو آهي. ڪيس غائبانہ ياد ڪندي عاشق پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اندر جو حال اوري ٿو. ڪانگ کي قاصد ڪري نيهن جا نياپا موڪلي ٿو، ۽ محبوب کي پيار پريا ڏوراپا ۽ محبت جون ميارون ڏئي ٿو. ٻئي طرف هيءُ سُر محبوب جي بي مثال حسن ۽ ناز جي نظاري جو آئينو آهي. سهڻي محبوب جي سهڻي صورت ۽ سيرت ۽ سندس ڳڻ ۽ ڳالهيون ان جا خاص عنوان آهن. تيون تہ عشق ۾ عاشق بي وس آهي: "هيرائي هٿ ڪيو هنيڙو حبيبن" ۽ "لڳيءَ جو لطيف چئي نڪو ڦال نہ ڦيل." عشق زوراور ذات آهي، جنهن سان ڪو بہ حيلو نٿو هلي: "عشق اهڙي ذات جو منجهائي مَيَن ڪي." هن سُر جي چئن ئي داستانن جو مرڪزي موضوع جيتوڻيڪ ساڳيو آهي، مگر ڪنهن حد تائين هر داستان ۾ موضوع جا ڪي خاص تاڃا ۽ اهڃاڻ سمايل آهن.

## داستان پهريون

پنهنجي پياري پرين کي ياد ڪندي، فراق واري حالت ۾ عاشق جي اندر جي آه ۽ درد جي دانهن هن داستان جو هڪ اهم اهڃاڻ آهي:

جڏهن پوي تي ياد، صحبت سپرين جي
فريادئون فرياد، ناڳهہِ وڃن نڪرئو.

ان سان گڏ غائبانہ عاشق جو پنهنجي محبوب سان حال جون ڳالهيون ۽ پنهنجي دلدار سان دل جون ڳالهيون ڪيل آهن تہ: "اي منهنجا محبوب! جيڏو تنهنجو شان آهي مون تي احسان بہ اوڏو ئي ڪر." محبوب هر ڀاڱي ڀلو آهي. هو پنهنجي ذاتي ڀلائي طور ڀلو آهي. سندس انهيءَ ذاتي ڀلائي واري اميد تي عاشق جون پنهنجي پرينءَ کي محبت جون ميارون تہ: 'جانب اٿين نہ جڳاءِ، جئن مارئو موٽئو نہ

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارڻ جهليو تہ ڪانگل جو پيغام ٻڌان: ”ڪاڪيون ڪَتي ڪامَ، تہ کَهيو سُٽيان ڪانگ جو.“ عام خيال اهو تہ پيغام ڏيندي ٿي جيڪڏهن ڪانگ اُڏري ويو تہ ڇٻو تہ واڌائي وارو آهي ۽ پيغام پورو پهچندو. انهيءَ خيال مطابق پيغام وارن اکرن ڪان اڳ واڌائي وارا اکر ڇٻا تہ ”اُڏر ڪانگ“: يعني تہ مٺي مُنيءَ تي يا ٽاريءَ تي ويٺل ڪانگ کي ’اُڏر ڪانگ‘ جي واڌائي ڏيئي پوءِ پيغام جا اکر ڇٻا. جيئن تہ: ”اُڏءِ مٺاڻ ڦانگ، ڪر جاون آون پرين.“ هن سٽ جي پهرين اڌ وارا لفظ واڌائي جا آهن، ۽ پوئين اڌ وارا پيغام طور پنهنجي دل جي مقصد جا تہ ’شال رقيب رلن ۽ پرين اچن.‘ ڪن بيتن ۾ پوري پيغام وارا لفظ آندل آهن. مثلاً

ڪانگل نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوب کي
لالڻ لائيي ڏينهڙا ڪَنهن سَتائي سانگ
اوهان ريءَ اٿانگ، ويئي وِرهہ وَسائيان

نينهن جي نياپن جي هن روايت جو هڪ اهڃاڻ اهو بہ هو تہ ڪانگ لکيت (ڪتابت) ۾ پڻ سنيها تو آڻي:

ڪانگل ڪتابت جي آنديئي خوب خبر
لس جنهين ۾ لکيا دلاسا دلبر

سِڪ پرين سنيهن ڏيڻ جي باوجود سڄڻ جي نہ اچڻ سببان فراق واري حالت ۾ سڪايل کي اهو گمان تہ شايد نکو ڪانگ پرين تائين پهتو تہ نکو پورو پيغام پهچاياڻين. تڏهن متس ميار تہ ”هُئين وسيلو وچ ۾، ڪانگل ٻاريئي ڪانہ!“ اهڙيءَ طرح هن داستان جي

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

بيتن ۾ 'قاصد ڪانگ' ذريعي نينهن جي نياپن واري روايت جا جملي رُخ روشن ٿيل آهن. البت هن داستان جي وائي جو موضوع الڳ آهي: ان ۾ ڪُڌن ڪرتوتن وارن ڪليڄن، رياڪارن، بدخواهن، حاسدن ۽ خود غرض ڪي ڪَوا ۽ ڪانگ سڏيو ويو آهي.

## داستان ٽيون

مني محبوب ۽ پياري پرينءَ جي سهڻي صورت ۽ سهڻي سيرت جو بيان هن داستان جو مکيہ موضوع اهي. وڏي حسن وارو محبوب جڏهن اُتي ناز مان تلي ٿو تہ آڏو زمين 'بسم الله' چئي سندس راه چمي ٿي

ناز منجهارا نڪري جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
تہ پونءِ پڻ بسم الله چئي راه چمي ٿي رند

محبوب جي هن موهيندڙ حسن جا جلوا اهي جو "ڳاڙها ۽ ڳوڙها، سڄڻ دراک ڇڳن جيئن" ۽ سڄڻ سرها ايئن جيئن "عطر ساڻ امُل." سندن بخشش ۽ ڪرم واري نظر اها جو 'پنهنجي مشتاق جي ڪچي ڪڏهن ڪانہ ڪيائون': "ساجن سيبئي، ڍڪئہ ڊولَ ڍلائيون." اي منهنجا محبوب! مون ڪي پنهنجا عيب تو وٽ اچڻ ننا ڏين؛ تون پاڻ اچي ڪا منهنجي حال جي حقيقت ٻڌ. اهي عرض سٺي دوستن دلاسو ڪئو، محبوبن منهنجا سب ڏوهہ معاف ڪيا؛ جڏهن پاڻ آيا تہ منهنجو ڀڳو من سجو ٿيو ۽ 'پيڙ پري ويئي، اچڻ ساڻ عجيب جي'.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## داستان چوٿون

عشق جي ڏاڏائي ۽ زوراوريءَ هن داستان جو هڪ خاص موضوع آهي. عشق زوراور ذات آهي. ”عشق اهڙي ذات جو منجهائي مَين ڪي.“ ٻئي طرف سچائي ۽ اخلاق جي ڪمي آهي، انهيءَ ڪري محبت جي ميدان ۾ سنيالي هلجي. دل جو دلبر هڪڙو ٿي هجي؛ چلولو ٿي در در دوستي نہ لائجي. محبت سراسر درد جو داستان آهن؛ نڙ جي ڪانيءَ واري درديلي ٺوڪ وانگر؛ درد ۽ فراق واري دانهن اوچتو دل ۾ ايري ٿي. پر دل لڳيءَ جو ڪو داد ٿي ڪونهي؛ ”لڳيءَ جو لطيف چٽي نڪو ٿال نہ قيل“. فراق جو سبب سڄڻ جي پنهنجي بي رخي ۽ بي پرواهي ڪانهي؛ هو پاڻ بيوس آهي؛ ”پرين وس نہ پانهنجي.“ منهنجا پيارا پرين پري آهن تہ بہ هر دم مون ساڻ آهن؛ ”اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.“ ”ماڻهو گهرن مال، آءٌ سڀ ڏينهن گهران سپرين.“ محبوبن منهنجو هنيڙو هيرائي هٿ ڪيو آهي، سو ڪائڻ ڪيئن ٿو جدا ٿي سگهي! پر پيارا پرين پُورن وارا آهن؛ عاشقن لاءِ ڪڏهن سندن دروازا ديدار لاءِ کلن ٿا تہ ڪڏهن پاڻ طاقيون ڏيو ڇڏين. جڏهن منهنجو جانب مون وٽ آيو تہ سڀ ڏک ۽ سور سَنجي ڪُنجي ختم ٿي ويا

## ’بروي‘ سر ۽ راڳ جي نوعيت

جدا جدا قلمي رسالن ۾ لفظ ’بروو‘ جدا جدا اُچارن سان لکيل آهن جيئن تہ:

بَروئُو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بَرُئو

بَروءِ

بروئي

برءِ

بِره

بَرَوَه

بَروو

مٿين اچارن مان ظاهر آهي تہ گهڻن رسالن موجب بَرئو، بَرووئو ۽ بَروو اچار وڌيڪ آيل آهن. شاه جي راڳ جي فقيرن جي زباني پڻ سُر جو نالو سر 'بَرُئو' يا 'بَروو' ٻڌايو ويو آهي.

'سُرُ' يا 'راڳ' جي نالي کان الڳ، سنڌي لغت جي لحاظ سان پڻ 'بروو' ۾ معنيٰ سمايل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اصل لفظ وِرِهُ يا بِرِهُ هجي، يعني وڇوڙو، درد ۽ فراق. انهيءَ لحاظ سان ئي ميين محمد ۽ ميين حسين جي لکيل رسالي ۾ هڪ سُر جو نالو 'سُر بِرهُ' ڪري لکيو ويو آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ 'وِرِهُ' ۽ 'بِرهُ' وڌي 'وِرِهو' يا 'بِرِهو' ٿيل هجن. 'وِرِه وارو' يا 'بِرهہ وارو' جيڪو سدائين ڏک ۽ غم جو گهايل ۽ بيمار هجي. 'برهو' واري اچار جي صورت 'بروو' ٿي سگهي ٿي، جنهن جي معنيٰ بہ سنڌي لغت جي لحاظ سان آهي غم ۾ گهايل، مريض ۽ بيمار. مولوي احمد ملاح جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۽ لغات جوڙڻ جاڻو هو تنهن پنهنجي هڪ شعر ۾ 'بَروو' جو لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ آندو آهي:

"بِرهَ خود بَرُوو بَنايُس، بُت بچائي چا ڪريان"


Scanned with CamScanner

هندوستاني موسيقي ۾ ’راڳ بروه‘ موجود آهي، پر سنڌ ۾ ’بروو‘ شروع کان ئي ’سنڌي موسيقي‘ جي هڪ مقامي راڳ يا راڳڻي طور ڳايو ويو. ان جو ثبوت اهو آهي جو شاه جي رسالي جي ’سُر بروي‘ کان جدا، سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي ويندي هن ٢٠ صدي جي پهرئين اڌ تائين قافيون ۽ ڪلام سنڌي ’بروي راڳڻي‘ ۾ ڳايا ويا. سچل، نانڪ يوسف، نواب امام بخش لغاري، فقير نواب ولي محمد لغاري، منٺار فقير راڄڙ جون قافيون ’سُربروو‘، ’روپ بروو‘ يا ’راڳڻي بروو‘ جي عنوان سان موجود آهن(١). فقير نانڪ يوسف جي قافين ۾ ’سنڌي بروو راڳڻي‘ جڻ تلنگ سان لاڳو آهي.

’شاه جي راڳ‘ ۾ به شروع کان وٺي ’سنڌي بروي‘ کي هندوستاني يا هندي ’راڳ برووي‘ کان جدا ڪري ڳايو ويو. اوائلي توڙي وچولي دور ورن قلمي رسالن ۾ انهيءَ فرق کي واضح ڪيو ويو: يعني ته سنڌي بيتن واري سر برووي کي ’بروو سنڌي‘ ۽ هندي بيتن واري سُر بروي کي ’بروو هندي‘ يا بيراڳ ڪري لکيو ويو آهي، جيئن ته هيٺين تختي مان ظاهر آهي.

| سنڌي راڳ جي نالي وار سُر | هندي/هندوستاني راڳ جي نالي وار سُر |
|---|---|
| بروئو سنڌي | بيراڳ هندي |
| بروه | بروئو هندي |
| بروه سنڌي | بروه هندي |

(١) ڏسو راقم جي تصنيف ڪيل ’سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ‘، ڇپيل سنه ١٩٨٧ع، صفحا ٢٦٠، ٢٦٢-٢٦٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| سنڌي راڳ جي نالي وار سُر | هندي/هندوستاني راڳ جي نالي وار سُر |
|---|---|
| بيراڳ سنڌي | بيراڳ هندي |
| بروه (بروٺو) | بيراڳ هندي |
| بروو سنڌي | بروو هندي |
| بروه سنڌي | بيراڳ هندي |
| بروو سنڌي | بروٺو هندي جو |
| | هي سُر بروي هندي جو |
| بروٺو سنڌي | هندي بيراڳ (بروه) |
| بروو | بيراڳ |
| بروو | بيراڳ |
| برءِ و (برٺو) سنڌي | بيراڳ هندي |
| برءَ سنڌي | بيراڳ هندي |
| برٺو سنڌي | بيراڳ هندي |

سنہ ١٩٥٩ع ۾ پٽ تي 'شاه جي راڳ' بابت تحقيقي گڏجاڻين ۾ جڏهن مرحوم پير غلام شاه ٻئي سُر جدا جدا ڪري ڳيا تہ ائين معلوم ٿيو تہ 'بروو سنڌي' جڻ هندوستاني موسيقي جو 'نٽ ملهار' آهي، ۽ 'بيراگ هندي' جڻ 'نٽ ناراين'.

شاه عبداللطيف ڀٽائي پيرو سنڌ جي مقامي راڳڻي 'سنڌي بروو' کي، پنهنجي اعليٰ راڳ جي نظام ۾ هڪ راڳ طور شامل ڪيو. ڪانئس اڳ ميين شاه عنات جي ڪلام ۾ 'سُر بروو' موجود ناهي. البت شاه صاحب کان پوءِ واري دور جي ڪن وڏن شاعرن جي رسالن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ سُر بروو سنڌي سُر بروئو هندي جدا طور موجود آهن(١)

## سُر بروي ۾ ماضي جي روايت ۽ ماحول جا اهڃاڻ

سُر بروو سچو ئي 'معنوي سُر' آهي: يعني تہ ان ۾ ڪنهن افساني يا نيم، تاريخي روايت جي اهڃاڻن بدران فقط سڪ ۽ محبت جو مضمون سمايل آهي. البت هن سر جو داستان ـ٢ سنڌ ۾ مجازي محبت واري ماحول ۽ روايت جو آئينو آهي. انهيءَ روايت موجب ڪانگل وچ جو وسيلو آهي، ۽ مشتاق ۽ محبوب جا هڪ ٻئي ڏانهن پيغام آڻيندڙ ۽ نيندڙ آهي. شاهہ صاحب سنڌ جي اعليٰ علمي توڙي عوامي ادبي روايت کان باخبر هو: سُر بروي ۾ آيل ڪانگل جي عنوان وارا بيت، سنڌ ۾ عوامي زندگي ۾ مجازي محبت جي اهڃاڻن ۽ نينهن جي نياپن واري روايت جو يادگار آهن.

---

(١) مثلاً

خليفي نبي بخش صاحب جو رسالو: بروو سنڌي، بيراڳ هندي
شاهہ شريف ياڏائي جو رسالو: برئو سنڌي، برئو هندي
غلام محمد خانزئي جو رسالو: بروئو سنڌي، بروئو هندي
سچل جي ڪلام ۽ فقير محمد صديق جي راڳنامي ۾ فقط 'سُر بروو' عنوان موجود آهي.
ڏسو راقم جي تصنيف ڪيل 'سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ'، ڇپيل سنہ ١٩٨٧ع، صفحا ٢٦٠، ٢٦٢-٢٦٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر بروو

## داستان پهريون

(١)

جَڏهن پَوي تِي يادِ، صُحبَتَ سُپيرينِ جي
فَريادِئُون فَريادَ، ناگهِ وَجَنِ نِڱِئو.

(٢)

ڪَڙو مَنجهِ ڪَڙي، جيئَن لوهارَ اُپيٽِئو
تِيئَن مُنهنجو جِيءُ جَڙي، سُپيريان سوگهو ڪَيو.

(٣)

جانِبَ تون جيڏو، آهين شانَ شُعُورَ سِين
مون تي ڪِجُ مُنهنجا پِرين، توهُ تُسِي تيڏو
اِيءُ ڪامِلَ ڪَمُ ڪيڏو، جنِ نَوازِيمِ نِگاهَ سِين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۴)

جانِبَ مُنهنجي جِيءَ ۾ جي تو طَمَعَ پوءِ
وَٽُ ڪاتِي، وَڍِ آنگُڙا، اَدَبُ ڪَرِ مَ ڪوءِ
ٻانيان ٻالُ سَندوءِ، جي ساجَنَ سَنئون نِهَارِئين.

(۵)

جانِبَ اِيئَن نہ جڳاءِ، جِيئَن مارِئو موٽِئو نہ پُڇِين
رَتِي رَتُ نہ سِنجِري، سِڪَ تُنهنجي سَاءِ
آسان تو هِي لاءِ، سَهسِين سڪائُون ڪَيُون.

(٦)

ٻَلِي ڪِيَئِي ٻَلا ٻرين، هِيئَن نہ مناسبُ هوءِ
لائي، چِتُ چَرِئو ڪَري، ٻانُ ڪَڍِي وِئين پوءِ
توٽِي حُب نہ هوءِ، تہ پِ هوتَ نہ ڪِجَنِ هيڏِيُون.

(٧)

ٻَلِي ڪِيَئِي ٻَلا ٻرِين، اِيُ نہ شانُ سَندوءِ
ڀِهرِين لايو ٻرِيتَڙو، ڪِينَ پُڇِين تو پوءِ
قادِرُ شالَ ڪَندوءِ، ميڙو هِنَ مِسڪِين سِين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٨)

آڪِيون پِرين تُنهنجِيُون، گهليون ۽ گهوڙا
لاهِين نہ لوڙا، جي تو هاڄي هيرِيُون.

(٩)

نيڻَ سَڪيلا سُپرِين، پؤنرَ پِرُون پالا
چِڪڻَمِ چاڪَ پِرينءَ جا آندر ۾ آلا
يارُ ميڙِين يا الله، جَنهنجِي صُحبتَ ڪاڻِ سِڪي هِنيُون

(١٠)

ڪوڙي ڪَڻُ مَ سُپُرِين، ڪَنيُئي تان ڪوڙِ
آهلَ آڪَڙِيَنِ جِي نيڻِي نِباهِج توڙِ
مون ۾ عَيبنِ ڪوڙِ، تون پاڻُ سُڄاڻِج سُپرِين.

(١١)

ساهُہ وَنِي وِئين سُپرين، ڪَري قَزاقِي
دلبرَ دل ڪَسي وِئين، يارَ تِهِين ياڪِي
جاڙَ مون ضعيف سين تو جانِبَ ڏِسُ جا ڪِي
هِت بُتُ رهيو باقي، تون ساهُہ وَنِي وِئين سُپرين.



Scanned with CamScanner

(١٢)

ساجَنَ سِپاهِي، آءٌ اوهان جو آهِيَان
آچان ويلَ سَيَڪِهِين وِجهان واجهائِي
لاڳَ تو لائِي، ڪِنڪارِئَمَ ڪرنَ ڪي.

(١٣)

تون صاحِبزادو سُپرين، آءٌ نِسورو نوڪَرُ
بيحَدَ ڪَريان بَندَگيون هَٿَ ٻَڌِي حاضُرُ
ڇِنان، هَڏِ نہ ڇَڏِيان، دوستَ تُنهنجو دَرُ
مون تان مِهرَ نَظَرُ، پِرين لاهِہ مَ پاهِنجو.

(١٤)

بَرُوي جِي بانِي، ڪَنهِن ڪان سِڪئين سُپرِين
آئي ڏِينديَءِ هَٿَ ۾ مَسُ قَلمُ ڪانِي
حَرفُ پُڇِنديَءِ هيڪَڙو ظاهِرُ زبانِي
تَنِ اڳيان جانِي، ڪِهڙي ڪَندين ڳالِهڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١٥)

ڪِئان سِڪئين سُپرين، ڪاسائِڪي ڪارِ
تِکي ڪاتِي هَٿِ ڪَري، مُنِيءَ سِين مَ مارِ
چوري چاڪَ نِهارِ، تہ سُورَنِ سانگهيڙا ڪَيا.

(١٦)

آچِين جي هيڪارَ، مون سارِيندي سُپرِين
وَنيون وِهاڻا ڪَريان، هَنڌُ وِڇايان وارَ
ساجنَ سَڀَ جمارَ، گولي تِي گُذارِيَان.

وائي - ١

وَٽان وَجُ مَ مون، منهنجو تون هِين تون
ڪونہ سُڃاڻا ڪو پيو، وَٽان وَجُ مَ مون
١. مون تڏهانڪَرَ مَڃِئو، جڏهن "ڪُن فَيَڪُون"
٢. اُهڪيءَ رَسِجُ آحمدا، اڳيان سوڙهي پُون
٣. اُتي رَسِجُ ڪارَڻِي، جِتي هُونگَ نہ هُون
٤. ڏِجِ ڪا لَپ لَطيف ڪي، طَهُورا مان تون

## وائي - ۲

هاڻِ اِيندو، هاڻِ ايندو،

منهنجو سَڄَڻُ سائين هاڻِ اِيندو

۱. نماڻِيءَ جو نِجُهرو پاسي پاڻ آڏِيندو

۲. مَتان لَڪَنِ ساڻِڙو، صَحيءُ سَلامت نِيندو

۳. آگُرِ لائي آنڊِيُون، نيئي وَسِيڻَ ۾ وِجهندو

۴. مَهَندِ تِيندو مُصطفيٰ، پُنِيءَ لوڪُ لَنگهندو.

## داستان پهريون

(۱)

ڪَري ڪانگَ ڪُرِنشُون پيرين پِرينءَ پَئِيجُ

آءُ جو ڏِيَئين سَنيهَڙو سو وِچ ۾ وِساريجُ

الله لَـڳِ، لَطيف چَئي، ڳُجهو ڳالهائيجُ

چَوان تِيئَن چَئِيجُ، تہ ڪيانتا خوشُ هوئِين.


Scanned with CamScanner

(٢)

اُڏُءُ لَڳِ آللهَ، ويلو ڪَرِ مَ وِچَ ۾
آءُ جو ڏِيَئين سَنيهَڙو سو سانڍِ بَرابَرِ ساهَ
سَنڌِي ڳُجهاندَرَ ڳاهَ، ڪَهجُ مَ قَرِيبَنِ ري.

(٣)

آءُ اُڏامِي ڪانگَڙا، پارانيا پَچارِ
ويهِي هِت وِصالَ جو تان ڪو تِرُ تَوارِ
جي ڏِنَئِي ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامِي آڻِ تون.

(٤)

پارانيا پَچارِ، متي لامَ لطيفُ چئي
ڦيرِ مَ فَضِيلتَ تونِ جا ڪُرَ آهِنجي ڪارِ
جي ڏِنَئِي ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامي آڻِ پِرِين.

(٥)

تَنِ جَنِي جِي تانگَ، سي سَجَڻ سَفَر هَلِئا
لَئِجُ لاتِ، لطيفُ چئي، ڪَڏِهن ايندَم ڪانگ
ڪَنهِ سَنائي سانگَ، پِرِين پَرڏيهي ڪِئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٦)

وَهلو وَنءُ وَراءِ پِرين، آءُ ڪانگا وَڻ ويھُ
جَنِ ڏُورِ چِتايو ڏيھُ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

(٧)

آءُ ڪانگا لَنئُہ لاتِ، وَهلو وَرُ وَراءِ پِرين
وِئَڙا جي وِلاتَ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

(٨)

تان ڪِين لَنجُ ڪانگَ! ڪَڏِھن ايندا مان ڳري
سيڻَنِ ڪارڻِ سانگَ، مون تان گھَٽيِي ڪِئا.

(٩)

ڪانگَل سيئي ڪوٺِ، پِرين جي پَرَڏيھَ ۾
جَنِي رِءَ جهان ۾ اَڪَڙِيُنِ اَروٺِ
الله لَگِ لطيفُ چَئي ڪِجُ ڳاراجو ڳوٺ
جي ڏمرِئا ڪَنهن ڏوٺِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١٠)

پِرينِ جي پَرديسَ ۾، تَن جي ڪانگا ڪِجُ خَبَرَ
تہ سَڀَ مَڙهايان سونَ سِين پَکي تُنهنجا پَرَ
گُهمِي مَتان گهرَ، ڏِجِ پارانيا پِرينءَ کي.

(١١)

آءُ ڪانگا وَڃِ ويهہُ، سُڏيون ڏي ساٿيهہَ جون
چِڱا ڀَلا سُپرين ڪِ سُکِ وَسي ساٿيهہُ
پِرينِ لَئي پَرڏيهہُ، مون تان گهٽو نِهارِئو.

(١٢)

ڪَرُ ڪَنيو ڪانگُ لَئِي مُنِيءَ تي مَضبُوطُ
آڻِئو ڏي آتَڻَ ۾ سَنيها ثابُوتُ
ڪانگلَ آتهُون ڦوتُ، پارانيا پِرينِ جا.

(١٣)

مَتان مُنِيءَ مُنهنجي ڪَنهن اُڏايو ڪان
ڳِنهِي آيو ڳالهڙِي سَندِي سُپيريان
جيڏيون جارَ ڪِيان سُڄَمِ هُوندَ سَنيهڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١٤)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي ڪِين جو ڪانگَ ڪَهيو
سُورائِتي سُورِ پَئي پَهو پَتِ هَنيو
ڪامِي آرِتُ ڪَنيو، ويچاريءَ وِرُنهَ ڪان.

(١٥)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي زاغُ ڪَري زاريون
آئيو ڏئي آتڻَ ۾ سَنيها ساريون
ماٺ ڪريو ماريون، ته ڪَهيو سُٽيان ڪانگ جو.

(١٦)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي، ڪا جا لات لَتِي
آتڻَ مَنجِهه اندوهُه تِئو، سگهي ڪانه ڪَتِي
ويڙهي منجهه وَتِي، ڪِين جو ڪانگَ ڪَمائِيو.

(١٧)

ڪِين جو زاغَ زبانَ سِين لَيُو مَتي لام
پَهُچاياڻين پِرين جا سرتيون اچ سَلام
ڪاڪِيُون ڪَتي ڪا مَ، ته ڪَهيو سُٽيان ڪانگَ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١٨)

آنگهڻان هيڊ نہ اُلهي، ڪان ڪان ڪانگُ ڪَري
پِريان سندي پارَ جي ڪانگل ڳالهہ ڳري
پَٽ نہ پيرُ ڌَري، اُيو چَئي ’آيا پِرين‘.

(١٩)

آءُ ڪانگا ٻَهُہ ڪولِ، سُڏيون ڏي ساٿيهَ جيون
آندءِ جي عَجيبن جا سي خَطَ خوشيءَ سين ڪول
آءُ سُٽيان، تون ٻولِ، سَنيهو سَجَڻ جو.

(٢٠)

آچئو اچئو پُونِ، واڪا ڪِئو وَڻن ۾
سَنيها سيڻَن جا، چوڻيءَ چَڙهئو چُونِ
ڪانگَ نہ ڪُوڙا هُونِ، پِريان سَندي پارَ جا.

(٢١)

ڪانگلَ تُنهنجيءَ چَانگَ جَڏو جيءُ جِياريو
مٿان لامُنِ لَتَ ڏِئو ٻولِين سِرِ بيلانگَ
اُڏءُ مٿان ڦانگ، ”ڪَرَ جاوَنِ، آوَنِ پِرين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٢٢)

ڪانگلَ نيئي ڪانگَ، منهنجي ڏي محبوبَ کي:
"لالَڻ لايئي ڏينهڙا، ڪَنهن سَنائي سانگَ
آوهان رِيءَ آڻانگِ، ويئي وِرهه وَسائيان."

(٢٣)

ڪانگا ڪِتابَتَ جي آندِيئي خُوبُ خَبَرَ
اَسَ تَنهين ۾ لِکئا دِلاسا دلبَرَ
هِنيَڙو مون هَر هَر، وانچِئو وانچِئو وِندُري.

(٢۴)

زاغَ تُنهنجيءَ ذاتِ جو تورو متي مُون
اُڏامِج عبداللطيف چئي صُبح سيڻَنِ ڏهون
ڪِج وينِتيون وِتَرِيون باجهائيج بَهُون
تہ: "لالَڻَ ڪونہ لَهُون، جهو تو جهَانَ ۾."

(٢٥)

ڦَرِيبَنِ جو ڪانگڙو متي ٿارَ ڻِلِي
ڪَٽِئو کِيانتو خَبَرُون کِيرُون ڏِيو کِلي
لائِي جَنهن لالَڻَ سان منهنجي باتِ بَلِي
سو چِشمَن تي چَلِي، جو دَرِبارِي دوست جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٢٦)

ڪَڏِي ڪانگا تو ڏِيَان، هِنيُون ساڻُ هَٿَنِ
وَڃِي ڪاءِ وِلاتَ ۾ اڳان عجيبَنِ
پِرين ماڻَ ڇڏُوَنِ، تہ هيءُ قُرباني ڪيرُ ٿئو.

(٢٧)

ڪانگَلَ ڪوهُ تِيوءِ، جِئن پِٺو آهِين پَٽَ ۾
اَڳُ اُسَ تِڙڪو نہ سَهِين اَڄُ سارو ڏِينهُ سَنُوءِ
پَسي حالُ سَندوءِ، ڪانگَنِ ڪانگيرو ڪَيو.

(٢٨)

هُئِين وَسِيلو وِچَ ۾ ڪانگل پارِيَئہِ ڪانہَ
اُتَئہِ ڪِينَ عجيبَ کي ظاهِرُ ساڻُ زَبانَ
تورِ پَهُتين تا نَہ، اورياڻِين آئِٺو ڏِيِين.

(٢٩)

پِريان سندي پارَ جو ڪانگَلُ نہ ڪُوڙو
آچِي وَڃِي وِچَ ۾ مَٿي دَرَ ڏُوڙو
جو آندرِ اوسِيڙو، سو لاٿائين لَطيفُ چَئي.

(٣٠)

آنديمِ ڪانگَ قريبَ جيون، اَڄُ واڍايُون واهَ
مَنَ مُرادُون پُنيُون، تِيون سَرَهايُون ساهَ
آندا پِرين آللهَ، سَڌَ منهنجا صابَ پِيا.

(٣١)

وِٺو ڪانگُ لَڏِي، واڍائِي وِصالَ جِي
اِجهي سَجڻَ آئِيَا وَڏي ناهِہ ڏِهي
وَيَتَ سَبِ وَڻِي، سيڻَ سَلامتَ آئِيَا.

وائي

ڪَوا ڪان ڪان ڪَندا،

وِهاڻِيءَ وَڏَنِ ۾

١. مون ڏِنا، وِسَهو آنڌَنِ ييچي آنڌا
٢. آچِي عدالَتَ ۾، ويهِي وَتُ وِجَهندا
٣. حَلالُ چِڏي هِتَهين متي ڏُوندَ ڏَرَندا
٤. ڦِنڌلِ ڦهِيَارَنِ تي اوريائين آڙندا
٥. سَگُ جيڏاهين سُرَهو، تيڏانه نہ تَرَسندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٦. هنڌان هدايت جي، اُستخوان آئيندا
٧. چَمِڙي وارَ چُهنبَ وَڍِئا، هُمَاءَ سين نہ هَلندا
٨. هُڌ هُڌ پاسي هَنجَهڙا وينا اِيئن وِهُسَندا
٩. طالعَ طاؤسَنِ جا پَسئو زاغَ پَچَندا
١٠. کُوڙا ڪِرِڦتيءَ تي سَٿون ڌيو سِرَندا
١١. کُوڙا ڪانگيرا ڪِئو مُنا تَان مَرڪندا
١٢. پَرِچِي پاڙهيرِينِ سِين، چُوٽو تان چُٽندا
١٣. حَدَ لنگهيائون حَقَ جي، بِنهي پيرين ڀَڄَهندا.

## داستان ٽيون

(١)

نازَ مَنجهارا نِڪِري جَڏِ پرِين ڪَري تو پَندُ
پُون پُڻ بِسمِ الله چئي، راهَ چُمي تِي رَندُ
اُيِيون گهٽي سِين وَنِي حُورُون هَندُ
مون ڪي سائينءَ جو سوڳَندُ، جِئن ساجَنُ سَيِنئان سُنهَٽو.


Scanned with CamScanner

(٢)

صُورت سَنديَنِ سالَ، پاڻَ مُصاحِبَ سُپرِين
مَولِي ڏِنَنِ مُنهَ ۾ نُورِي نيڻَ نِهالَ
سَندي خوابَ خِيالَ، مُون مَنُ مَستانو ڪيو.

(٣)

ڳاڙها ۽ ڳُوڙها، سَجَڻَ ڊراڪ ڇِڳَنِ جِئَن
مُڪائون مَحبتَ جا جهاپا ۽ جُهوڙا
سَڄُ ڪِ سَنيُوڙا، سَجَڻَ آڇِي سامُهَان.

(٤)

پاڻُوندَر ماڻِڪَ پِرِين، عَطُرَ سِين آهِينِ
گُهنڊِڙِي نہ لاهِينِ، سَجَڻَ بَنيِي وارَ جِئَن.

(٥)

پاڻُوندَرَ ماڻِڪَ پِرِين، عَطُرَ سِين آمُلَ
مُنهِ گُهنڊِي تَنَ ڳِلَ، پورِي لوڪَ نہ لِکِئا.

(٦)

مُنهنجِي مَحبوبَنِ، ڪَچِي ڪِنَڙِي ڪانَڪا
توڻِي آڱلِي آهِيَان تان پِي سَندِي تَنِ
جامو ڏيئِي جَنِ، منهنجيون دِليون سَڀِ دَڪائِيُون.

(٧)

مُنهنجي مَدَاحِن جي ڪَلَ پِريان پيئي
ڪَڏهن ڪوسا نه ٿِيَا ڏوراپو ڏيئي
ساجَنَ سَيئي، ڏِڪِڙَمِ ڏولَ ڏِلائِيُون.

(٨)

عَيبَ نه آڇِڻ ڏِينِ، مون ڪي مون پِرين ڏي
آڏا ڏِٺو اکين ڪي اُياڻِي آهِين
اوڳُڻَ پاسي ٿِين، ته ڪاٺِياريءَ ڪاڻَ لهي.

(٩)

ڪُهَنِ ۽ ڪونين، اِيءَ پَرِ سَندي سَجڻين
هنيين ڳُهرَنِ اوڏڙا، هَٿَنِ سين ٿيلين
ڪي ڪَمترَ پَرورِين، اِيءَ آڻانگِي ڳالهڙي.

(١٠)

جَنِ رِءَ سَري نه ساهَه، رَتي رُسُ مَ تَنِ سين
هُوءِ ڪَرَهِين ڪُجِجِ ڪِيمَ ڪِين، ڪجُ سَيدُ چئي صَلاح
بِي وِرُوهَنَ واهَه ڪا توکي آهي تَنِ ري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۱۱)

آءُ عَجيبَ آڳي، ٻُڌُ حقيقتَ حالَ جي
چَئُہ ڪا باتَ بَيانُ ڪري تان مون تَنُ تَڳي
لالَڻَ تو لطيفُ چئي تِي جَنهن سان لَڙهَ لَڳي
سو تان منجهه سَڳي، پُوتو آهِ پِريتِ سِين.

(۱۲)

اُٺي وَڄُ آندوهَ، دوسِتَن دِلاسو ڪِئو
محبوبن مَعافي ڪِئا، ڏُکُ ڏمَرَ سَبِ ڏوهَ
جا پَرِ لوهَرَ لوهَ، سا پَرِ سُورَنِ سانُ تِي.

(۱۳)

جي تِي جيءَ گُهرئا، سيئِي سَجَڻَ آئِيَا
سي سبِ ڦَتَ چُٽِي وئا، جي تِي ڪالَهه ڪُرِئا
آئي آڻَ - تُرِئا، دارُون دوست پِيَاريا.

(۱۴)

جِيءَ گُهرِئا جيئِي، سيئِي سَجَڻَ آئِيَا
يَڳو مَنُ سَچو تئو گَڃَ گَندِئا بيئِي
پيڙَ پَري ويئِي، آچَڻَ سِين عجيبَ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وائي - ١

هوت نيڻان جو، دوستُ نيڻان جو دِلبندُ لو
يَلو جيڏِيُون!
١. هيڏانهن هوڏانهن سُپرِين، ڪاڏي وَرايان ڪَنڌُ لو!
٢. چَڙهِي ڏادين ڏونگرين، راهَ پُڇايان رَندُ لو!
٣. ساجَنُ سَيڻِئان سُونهَٽو، سائينءَ جو سَوڳَنڌُ لو!
۴. جيڏانه عالَم آسَرو، مون پڻ اوڏاهِين. پَنڌ لو!

## وائي - ٢

دلبَرَ آ، دلبَرَ آ، يارَ وو، دلبَرَ آ
سُور تُنهنجو سپرين مون کي آهِ روح رهيو
١. دوستَ دارُون دِلِ کي، تو ري ڏيندو ڪيرُ ٻئو.

## داستان چوٿون

### (١)

عشقُ اِهَڙِي ذات، مُنجهائي مَيَنِ کي
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُونگرَين، رُئَن سَجِيائي راتِ
اُٿيي ويني تاتِ، مِيان مَحبوبَنِ جِي.


Scanned with CamScanner

(۲)

اِدِمِين اِحلاصُ، مَتائي مائو ڪَيو
ڪونَہ ڪائي ڪَڏِهين سَندو ماٺُهوءَ ماسُ
دِلِبَر هِنَ دُنيا ۾ وَڃِي رَهندو واسُ
ٻئو سَڀُ لوڪُ لِباسُ، ڪو هِڪدِلِ هوندو هيڪڙو.

(۳)

دِلِ جو دِلبَرُ هيڪَڙو، گهڻا تان نہ ڪَجنِ
دِلِ ڏِجي ڪي هيڪڙي، توڙي سَوَ سِڪَنِ
اُوءِ چِلِولا چَئِجَنِ، جي دَرِ دَرِ لائِنِ دوسِتي.

(۴)

جٺن سا ڪانِي ڪانهَہ، لَهسَندي لاتِيون ڪري
آڇي اُيَرِي اوچِتِي دَردَ پِريان جي دانهَہ
ويجَ ڏِنيِين جو بانهَہ، سُورُ هِنيِين ڪي سامُهُون.

(۵)

لَڳِيءَ جو لطيفُ چئي نڪو قال نہ قِيلُ
لِڪِئي لامُون ڪوڙِيُون، نِيٽين وَهي نِيلُ
هِنيَڙا تِيءَ سُڏِيلُ، ڪالَهہ قَرِيبَنِ لَڏِيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١٠)

هيرائي هَٿِ ڪِئو هِنيَڙو حَبيبَنِ
بَڌي ڪَچِيءَ تَندُ ۾ سَلهاڙِئو سيڻَنِ
جِهُ وِڏا پيچَ پِرينِ، تہ هِنيَڙو هَتيڪو ٿِئو.

(١١)

ڪَڏِهن طاقِيون ڏِينِ، ڪَڏهن ڪُلَنِ دَرَ دوستن جا
ڪڏهن اچان اچڻُ نہ لَهان، ڪڏهن ڪوٺئو نِينِ
ڪڏهن سِڪان سَڌَ ڪي، ڪَڏِ گُجهاندَرَ گِرَهين
اِهَڙائي آهِينِ، صاحِبَ منهنجا سُپِرِين.

(١٢)

جَڏانہ ڪَرَ جاڻِي، سَجَڻَ سانگِ سِڌارِئا
راتِيان راحَتَ ناهِ ڪا، ڏِنهَان حَيراڻِي
آئون پنهنجي پِرينءَ تان ڪوڙين قُربانِي
رَضا رَبانِي، نا تہ ڪَريان وَسُ وِصالَ ڪي.

(١٣)

جَڏانہَ ڪَرَ ٿِيامِ، ساجاءِ سُپيرِينِ سين
تَڏانہَ ڪَرَ تِرَ جيتَرو ويلَ نہ وِسِرِيامِ
اَندَرِ رُوح رَهيامِ، سَجَڻَ اوطاقُون ڪَري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١٤)

آڄُ پُڻ آنگِڻَمِ آنگَ، هَٿان حَبِيبَنِ جي
ساجَنَ رِءَ سَرَتِيُون رُوحَ نہ رُڇَنِ رَنگَ
جاني آيو جُوءِ ۾ منجھان نِيهَ نِسَنگَ
جا پَرِ ساٿِي سَنگَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

(١٥)

آڄُ پُڻ جُڙِيہ جوڙَ، دوستُ پيهِي دَرِ آئيو
سُکَنِ وَنِي ڏُکَنِ کي مَحکَمُ ڏِنِي موڙَ
جا پَرِ کَنِرِيءَ کوڙَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئي.

(١٦)

ڏاتَرَ مون ڏيکارِئو هوتَنِ جو حُضُورُ
پِرِينِ پَرَچڻَ جو کِئو موٽائي مَذکُورُ
اِيءُ دوستَنِ جو دَستُورُ، جٿِ چِنان چِنَنِ کِينَکِين.

(١٧)

شُکُرُ گَڏِئاسُون سَڄَڻين، جي جانِبَ جانِي يارَ
وينِي جَنِي وَٽِ ۾، کوڙين ٿِئا قَرارَ
ڏِٺي کِجُ مَ ڏارَ، پاڙو تَنِ پِرِينِ کان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١٨)

جِيَري جاڳائي، شُڪُر گڏياسُون سُپرِين

لاتو ڪَسُ قُلوبَ تان آچي ساجَنَ سِيائي

هِنيَڙي کي هائي، عَجِيبَنِ اُجاريو.

وائي

مَولوُ ڪَندو ماڙِ،

مُنهنجِي آللهَ ڪندو ماڙِ

١. هادِي ڏيئِي هَتَڙا آچِي چِڪَڻَ مان چاڙِ.

# سُر بروو سنڌي

٢٥٠ ساله عرس جي موقعي تي پڙهيل

## مقالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر اياز قادري

# سُر بروو سنڌي جو اڀياس

هونئن تہ شاهہ جي رسالي جي ڪيترن سُرن ۾ عشق جي باهہ ڀڙڪندي، محبت جو مچ مچندو، درد جو دونهون دکندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو مگر سر ڪنيات، پورب، رپ ۽ آسا ۾ عشق جا ڀنيٺ نظر اچن ٿا. شاهہ کي ڦوهہ جواني ۾ جيڪا عشق جي مهميز آئي هئي انهيءَ جا سور ۽ سڏڪا، آهون ۽ دانهون، انهن سُرن ۾ سرس سمايل آهن.

يوناني مٿيالاجي ۾ ڪيوپڊ نالي هڪ سهڻو پر انڌو جوان عشق جو ديوتا آهي، سندس هٿ ۾ تير ڪمان آهي جنهن کي چاهي ان جي سيني ۾ تير هڻي ان جي دل ۾عشق جو زخم ڏئي ڇڏي ٿو. عشق عجب اسرار آهي. صوفين جو قول آهي تہ، ”عشق اُها باهہ آهي جا الله انسانن جي دلين ۾ دکائي ٿو.“



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عشق ۽ محبت هن دنيا جي ابتدا کان قائم آهي ۽ هن دنيا جي انتها تائين قائم رهندو. آدم جو اولاد سدائين عشق جي جذبن سان سرشار رهندو عشق جي چوٽ کائيندو رهندو ۽ هن جا چاڪ چڪندا رهندا.

سر بروو سنڌي شاهه جو اهو سر آهي جنهن ۾ دل وٺڻ ۽ دل ڏيڻ، حسن۽ عشق جي وارداتن، ناز ۽ نياز جي نظارن، جفا ۽ وفا جي بيانن، وصل ۽ فراق جي مامرن، سهڻي جي ساراهه، پنهنجي عاجزي، دل ۾ ايرندڙ، اُڌمن ۽ ذهن جي مختلف ڪيفيتن جي ترجماني ٿيل آهي. ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي تہ شاهه هن سر جي دامن ۾ محبت جي جملہ اسرارن ۽ رمزن، وارداتن ۽ ڪيفيتن کي سميٽي ڇڏيو آهي.

عشق ڇا آهي ان جي شاهه پنهنجي مختلف سُرن ۾ اپٽار ڪئي آهي، جيئن سُر يمن ڪلياڻ ۾ چوي ٿو:

عشق آهي نانگ خبر ڪاڏن ڪي پوي

۽ سُر يمن ڪلياڻ ۾ چوي ٿو:

عشق ناهي راند، تہ ڪي ڪنس ڳيرو
جي جسي ۽ جان جي، پڇي جو هيڪاند
سسي نيزي پاند، اُڇل تہ اڏ تئين.

هن سر ۾ شاهه عشق جي وصف هيئن تو بيان ڪري.

عشق اهڙي ذات، جو مانجهي منجهائي
ڏيهان ڏوره ڏونگرين، رُئڻ سجيائي رات

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

أُتي وينِي تاتِ، ميان! محبوبن جي

محبوب جا دل ڏتارڻ جا پنهنجا طريقا آهن ڪڏهن اکڙين سان ڪوني ڪَهي ٿو ۽ ڪڏهن ڪلي گهائي ٿو رکي ويچارو عاشق محبوب جي ناز و ادا ٿي دل وڃائي ويهي ٿو رهي. شاه پنهنجي دل هيئن هارائي ٿو وهي:

ڪوني ڪنائون، اڄ پڻ اکڙين سان
ماس ورهائي هليا، ڪرنگل ڃَڏيائون
مٺي مارايائون، ڪلي گهايو سڄڻين.

محبوب نہ صرف دل ڦري ٿو پر ان کي پاڻ وٽ سوگهو ڪري بہ رکي ٿو شاهہ جو محبوب سندس دل ڪيئن سوگهي رکي ٿو ان لاءِ

جيئن مينهن ڪندي پُور، تيئن دوس وراڪو دل سين

پر ان ڪان وڌيڪ محبت جون ميخون هن ريت ادا ڪندي چوي ٿو:

ڪڙو منجهہ ڪڙي، جئن لُهار لپيٽئو
منهنجو جيءُ جڙُي، سپريان سوگهُو ڪئو.

سهڻي جي سونهن جي ساراهہ عاشق ۽ شاعرن جو ڪم آهي پر جي عاشق شاعر بہ آهي تہ پوءِ محبوب جي حسن جي واکاڻ اهڙن لفظن ۽ اهڙي انداز سان ڪندو آهي جو پڙهندڙن جو هنيون بہ ان جي محبوب ڏانهن هرڪجي ويندو آهي. شاهہ بہ پنهنجي محبوب جي هر عضوي، هر ادا جو بيان نهايت دلڪش انداز ۾ ڪندي پڌائي ٿو تہ

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌس محبوب دنيا جي سيني سهڻن کان سهڻو آهي.

ساڄن سينان سهڻو، مونکي سائين جو سوڳنڌ

سُر مومل راڻي ۾ شاهه مومل جي اکين جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ:

گجر ڪي گجميل جيئون، تارن ۾ تبرون

يعني مومل ڪي اکين ۾ ڪهاڙيون هيون جن سان سيني کي وڍي ٿي رکيائين. هن سُر ۾ شاهه محبوب جي اکين سان سندس پرُن جي تعريف ڪندي ٻڌائي ٿو تہ محبوب جون اکيون تيز تلوارون آهن ۽ ڀالا آهن. ٻنهي جو ڪم آهي عاشق کي ڦٽڻ.

نيڻ سقيلا سُپرين، ڀونر ڀرون ڀالا
چڪيا ڦٽ فراق جا اندر ۾ آلا

محبوب جي نُور ۽ ٽلڻ جي تعريف گهڻو ڪري دنيا جي سيني شاعرن ڪئي آهي ۽ واه جا ڪئي آهي پر جنهن انداز سان شاهه ڪئي آهي اها پنهنجو مٽ پاڻ آهي. محبوب جو ناز مان هلڻ ۽ ڌرتي جو قدمن کي بسم الله چئي چمڻ نازڪ خياليءَ جي انتها آهي. محبوب جي حسن جي حشمت اهڙي آهي جو حورون بہ حيرت ۾ ان ڏانهن ڏسڻ لڳن ٿيون.

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
يون پڻ بِسم الله چئي راهه چمي ٿي رند
اُيئون گهٽيون ادب سين، حورون حيرت هنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سائين جو سوڳند ساجن، سينيان سهڻو.

پارسي زبان جي ڪنهن شاعر چيو آهي

فراق وصل جداگانه لذتي دارو
هزار بار برو صد هزار بار بيا.

يعني فراق ۽ وصل ۾ پنهنجو پنهنجو مزو آهي. هزار ڀيرا وڃ فراق ڏي ۽ صد هزار ڀيرا وري آ ۽ يعني وصل جي لذت بخش. سو شاهه هن سر ۾ فراق وصل جو ذڪر ڪري ٻنهي لذتن ڪان مسرور ٿيندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

فراق موت ڪان وڌيڪ سخت آهي. شاهه چوي ٿو ته اها ربّ جي رضا هئي جو مون ڪي فراق جو ڦوڙاڻو نصيب ٿيو. هاڻي محبوب جي وڇوڙي ۾ رات جو راحت ناهي ڏينهن جو حيراني آهي.

جڏهانڪر جاني، سڄڻ سانگ سِڌاريا
راتيان راحت ناه ڪا، ڏينهان حيراني
آئون پنهنجي پرين تان، ڪوڙين قرباني
رضا رباني نه ته ڪريان وس وصال جا.

وڇوڙي ۾ جڏهن ڪين يار ياد اچي ٿو ته شاهه جي دل فرياد ڪرڻ لڳي ٿي:

جڏهن پوي ٿي ياد، صحبت سپرين جي
تڏهن فريادون فرياد، نگاهه وڃن نڪريو.

شاهه جا نيڻ نير هارڻ لڳن ٿا. جيئن مومل چيو هو ته:

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”سوداتو ڳر ساھ، نہ تہ راڻا ٻيا ٻي راڄ ۾“

تيئن شاھ ساري لوڪ ڏانهن ڏسي ٿو پر سنڌس پنهنجي سڄڻ لاءِ جيڪا سڪ آهي سا پوري نہ ٿي ٿئي:

اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پهنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.

شاھ کي جدائي جون گهڙيون گهارڻ جڏهن اوکيون لڳن ٿيون تہ الله در آزي نيزاري ڪري محب ملڻ جي مدعا ڪرڻ لڳي ٿو:

۱. سو يار ميڙين يا لا! جنهن جي صحبت ڪاڻ سڪي هنيون.

ويٺو ڏسان واهَ، اڄ پڻ آيا ڪين ڪي
ساڄن ڪاڻِ سڪي گهڻو، ساريو مهجو ساھ
آڻين شال الله، تہ اڱڻ تينم اُجرا.

شاھ ڪريم چيو آهي:

”جاڳندي جيئي، ستي پڻ سيئي“

سو لطيف کي جدائي ۾ انئي پهر، اُٿي ويٺي پنهنجي سهٽي جي سار رهي ٿي پوءِ سنڌس محبوب ڪيس خواب ۾ڏسڻ اچي ٿو ۽ ڪيس خوشي تيڻ لڳي ٿي:

پروَسِ تيم پاڻ، پرين وس نہ پنهنجي
لڳو ڪيئن لطيف چئي، ڇپر ڇاتيءَ ساڻ
پرين ڏيکاري پاڻ، خوش ڪري ويا خواب ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو عشق ڪهڙو جنهن ۾ عاشق کي پنهنجي محبوب کان شڪايت نہ هجي. شاهہ بہ پنهنجي محبوب کي چت چريو ڪري ٻي رخيءَ جو الزام ڏريندي شڪايتي انداز ۾ چوي ٿو:

ٻلي ڪيئہ ٻلا پرين، هينءَ نہ مناسب هوءِ
لائي چت چريو ڪري، پاڻ ڪڏي وئين پوءِ
توڙي حب نہ هوءِ، تہ بہ هوتَ نہ ڪجن
هيڏيون.

ٻي بيت ۾ پنهنجي محبوب کي "ياڪي" يعني منهن مٺو جو مبهٽو ڏيندي چوي ٿو تہ قضا کي ڪري ساه سرڙي ويو آهين تو ڪيڏي منهنجي جيءَ سان جاڙي ڪئي آهي جو ٻت هت ڇڏي ويو آهين ساه ساڻ وٺي ويو آهين:

ساهہ وٺي وئين سپرين، ڪري قضا کي
دلبر دل ڪسي وئين، يار ٿيين پو ياڪي
جاڙ مون ضعيف سين، تو جانب ڏس جا کي
ٻت رهيو باقي، ساهُ وٺي ويين سپرين.

شاه شروع ۾ تہ محبوب جي مرضيءَ جي شڪايت ڪري ٿو پر اڳتي هلي محبوب جي جفائن جو ذڪر بہ نهايت مد شد سان ڪري ٿو:

اڄ پڻ انگيم انگ هٿان حبيبن جي
جا پر سوٽي سنگ، سا پر ٿي سورن سين.

ان ڪان بہ جفا جي وڏيڪ شڪايت ڪندي چوي ٿو تہ منهنجا

دلبر اها ڪاسائڪي ڪار ڪنهن ڪا سکيو آهين جو تکي ڪاتي هوندي به مڏي ڪاتيءَ سان مارين ٿو:

ڪاتان سکين سپرين، ڪاسائڪي ڪار
تکي ڪاتي هٿ ڪري، مڏيءَ سان مَر مار
چوري چاڪ نهارِ، جي سورن سانگهيڙا ڪيا.

جتي شاهه پنهنجي جانب جي جفا جو ذڪر ڪري ٿو اتي هن جي وفا کي به وساري نٿو. ڀريان ته محبوب جي عجيب طبيعت جو ذڪر ڪري ٿو ته منهنجو محبوب ڪڏهن ڪيئن آهي ڪڏهن ڪيئن آهي، ڪڏهن صفا ڪار ۽ ڪڏهن وفا شعار، ڪڏهن ته دري به نٿو کولي ڪڏهن در کوليو رهي، ڪڏهن اجلائي نه ٿو ڏي ڪڏهن سڏن پنيان سڏ ڪيو ڪوٺيو وٺي، ڪڏهن سندس ڳالهائڻ ٻڌڻ لاءِ سڪندو ٿو رهان ۽ ڪڏهن ويجهو ويهاري ڳجهاندر ڳالهيون ڪري ٿو.

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن کُلن در دوست جا
ڪڏهن اچان اچڻ نه لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نين
ڪڏهن سڪان سڏ کي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين
اهڙا ئي آهين صاحب منهنجا سُپرين.

محبوب جي جفا جي ذڪر کان پوءِ هو سندس جو ذڪر به ڪري ٿو. محبوب جي وفا جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته سندس محبوب پاڻ پرچڻ جون ڳالهيون ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته سندس دستور ۾ ياري رکي پوءِ ڇني ڇڏڻ جي ڳالهه آهي ئي ڪانه.

ڏاتر مون ڏيکار، هوتن جو حضور

پرينءَ پرچڻ جو ڪئو، موٽائي مذڪور
اي دوستن جو دستور، جيئن چني چڏن ڪين ڪي.

سُر ڪاموڏ ۾ شاهه جي سورميءَ نوريءَ کي اهو فڪر آهي ته متان سمو ڄام سنڌس اڪيچار عيب ڏسي هن کان منهن موڙي وڃي تنهنڪري هر وقت هيئن ليلائيندي ٿي رهي

تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيبن لک
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ پرک
ڪارڻ رب الک، متان ماڳر مٽيين.

پر هن سُر ۾ شاهه پنهنجي محبوب جي وفا جي واکاڻ ڪندي چوي ٿو جيتوڻيڪ سنڌس محبوب کي سنڌس صدائن جي ڪل پئي پر هن ڪاوڙ ۽ ڏمر ڪرڻ بجاءِ اوڻ، اڳلايون ۽ مديون معاف ڪري ڇڏيون:

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا، ڏوراپا ڏيئي
ساجن سيئي، ڏڪيم نول ڏلايون.

فراق، شڪايتون، جفا ۽ وفا جي بيان کان پوءِ شاهه وصل جي راحت کي وساريو نه آهي. جدائي جي جلائيندڙ گهڙين کان پوءِ شاه جو محبوب سنڌس اڱڻ اچي ٿو جنهنڪري سنڌس سور سنڌيون ڪري هليا وڃن ٿا.

اڄ پڻ جڙيم جوڙ، دوس پيهي در آيو
سکن اچي ڏکن کي، محڪم ڏني موڙ

جا پر ڪتي ڪوڙِ، سا پر سورن ساڻ ٿي.

شاهه محبوب جي جيئري ميلاپ تي ڏٺيءَ در شڪر ڪري ٿو ۽ واحد کي وينتي ڪندي چوي ٿو ته هاڻي وري اسان ۾ جدائي نه ڪجانءِ:

شڪر ملياسين سپرين! جيئري جاني يار
ويٺي جن جي وٽ ۾، ڪوڙين ٿيا قرار
ڏٺيم ڪَرِ مَ ڏار، پاڙو تن پرين ڪان.

جتي ڳَل اُتي ڪندي جو هئڻ لازمي آهي. جتي عاشق ۽ معشوق اُتي رلئي رقيب جي فتنہ انگيزيون ڪتي ٿيون مات ٿين. سو هن سُر ۾ شاهه ڪر جو به ذڪر ڪيو آهي. سنڌي شاعري ۾ شاهه ئي پهريون شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ رقيب جو ذڪر چڱيءَ تفصيل سان ڪيو آهي. رقيب کي ڪر جي يعني ڪارينڊڙ جي لقب سان نوازيو آهي. سر آسا ۾ شاهه ڪيترن بيتن ۾ رقيب جو ذڪر ڪيو آهي. آسا جي هڪ بيت ۾ شاهه کي انهيءَ ڳالهه تي ڪاوڙ ٿي لڳي. رقيب سندس ۽ محبوب جي وچ ۾ ڳالهيون ٿين ٿيون سي اونائي رهيو آهي، تڏهن هن کي پٽي چئي ٿو:

ڪر کي ڪپرُ ڪاءِ، نانگ مٺيارو نڪري
اُيو جو اوناءِ، سر پر سندي سجٽين.

هن سُر ۾ شاهه محبوب جي اڳيان مجبور آهي ان کي چوي ٿو ته تنهنجي ڪري ڪر کي ڪيڪاري رهيو آهيان:

ساجن سپاهي، آئون اوهان جو آهيان

اچان ويل سَڀ ڪهين، وڃان واجهائي
لالن تو لاءِ، ڪيڪاريم ڪرن کي.

مجازي عشق حقيقي عشق جي ڏاڪڻ آهي. شاهه مجازي عشق کي محسوس ڪري ٿو تہ هن دنيا جي سهڻن جو عشق اجايو آهي صحيح ۽ سچو عشق الله جو آهي. هن دنيا جا سهڻا سچو سورُ آهن جي انسان چاهي سوکو رهي تہ هن کي الله سان عشق ڪرڻ گهرجي تنهن ڪري نصيحت ڪندي چوي ٿو:

ڇا کي وڃي ڇو، ٻيلي ٻِين جو ٿيين
وَٽُ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو
سوکو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.


Scanned with CamScanner

# سُر بروو: اظهاري ڪيفيت

عام طور تي "بَروو" لفظ جي معنيٰ ۽ ڄاڻ سڃاڻ ڪرائيندي عالمن راءِ ڏني آهي تہ اها هڪ هندستاني راڳڻي آهي، پر سنڌ جي برک عالم محقق عالي جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي لغت ۾ ڄاڻائي ٿو تہ ڏاڪٽي سنڌ ۾ انهيءَ نالي سان هڪ وڻ بہ آهي. ان ڪان سواءِ پاڻ بَروو لفظ جي معني "گهايل يا ڏَکِي" بہ لکي ٿو. منهنجي خيال ۾ بروو لفظ جي معنيٰ گهايل، ڏکي ٻين لفظن ۾ مظلوم وڌيڪ مناسب آهي ڇو تہ ان جي پويان لفظ سنڌي ڏيئي لطيف سائين پڪ ٿي پڪ پنهنجي مظلوم مارو ماڻهن لاءِ ٿي خاص طور تي اهو سُرُ لکيو آهي تہ جيئن اهي پنهنجي دائمي بچاءَ لاءِ ڪو صحيح رستو يا گسُ وٺن ۽ اندروني نفرتون وساري محبت جي لڙهي ۾ پوئجي وڃن.

انساني طبيعت يا مزاج ۾ وهندڙ پاڻيءَ وانگر انيڪ لاها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاڙها، گهرايون حرڪتون، ڪنارن کي ٽوڙيندڙ شرارتون، سُڄَ کي سيراب ڪندڙ سخاوتون. بند ڪنارن ۾ هڪ طرفيون وهندڙ شڪايتون مِٺيءَ سان موهہُ رکندڙ نزاڪتن، رُڃ سان رَڇي هڪ ٿيڻ جون خواهشون پل پل نيون ٿي اُڀرنديون آهن. هوندڻ بہ هڪ شاعر مزاج ماڻهوءَ ۾ داخلي توڙي خارجي وايو منڊل کي بيان ڪرڻ جي جيڪا اظهاري قوت آهي اها نہ رڳو بيان جي حد تائين لوڻءَ ڪانداريندڙ آهي پر ان ڪيفيت پيدا ٿيڻ جا جيڪي مادِي، روحاني، سماجي ۽ سياسي سبب آهن اهي ساگر کان گهرا ۽ باهہ کان وڌيڪ ساڙيندڙ آهن.

ان دور جي سياسي ۽ سماجي تاريخ ۾ هڪ پاسي دهليءَ جي حاڪمن جي بالادستي آهي تہ ٻئي پاسي ڏيهي وِچين طبقي جي جدوجهد آهي تہ ڪين حاڪم ٿيڻ جو حق مِلي. ٽئين پاسي ايراني، افغاني ڪاهيندڙن جي قطار، چوٿين پاسي مُلڪي ماڻهن جي بدحالي، مايوسي، نا اتفاقي ۽ نيستي آهي. جن لاءِ پنجون ۽ آخري سبب جيڪو لطيف سائينءَ جو مکيہ مقصد ۽ نظريو آهي تہ هتي جي ماڻهن جي اخلاقي قدرن کي تباهہ ٿيڻ کان بچائجي تہ جيئن هيءَ قوم بچي سگهي. مٿيون سڀ ڳالهيون ٻڌائن ٿيون تہ پاڻ پنهنجي مقصد کي سامهون رکي هن جيڪا شاندار جدوجهد ڪئي سا اخلاقي - روحاني ۽ مادي زندگيءَ جو مثالي باب آهي. سندس شخصي انفراديت جو وڏو ڪارڻ ٿي اهو آهي. مٿس جيڪي بہ ڳالهيون اثر انداز ٿيون آهن تن کي ساڳئي انداز ۽ ڪيفيت سان بيان ڪيو اٿس. اها بہ ڳالهہ آهي تہ سندس بيانيہ انداز جادوگريءَ جو اهڙو اعليٰ نمونو اختيار ڪري ويو جو ان دور کان وٺي اڄ تائين اهڙي خوش بياني ڪنهن بہ شاعر، اديب يا مُقرِرَ کي نصيب نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي سگهي آهي.

محسوسات کي قلم بند ڪرڻ ڪيترو سولو آهي سا حقيقت سُڃاڻڻ کان ڳجهي ناهي، ويتر ان محسوسات کي شاعريءَ ۾ پرتڻ ڪيڏو مشڪل ڪم آهي، تڏهن ته غالب چيو ته

ديکهين کيا گذرا هي قطري پر گُهر هوني تک

۽ شاهه سائين چوي ٿو:

تان تان جِيءُ جَليس، مِلي جان نه ميهار کي

انساني سوچ ۽ آزاد پاڻيءَ کي هڪ جاءِ تي ٽِڪائڻ جا ته نه ڏکيو ڪم آهي! جو سِپَ موتي بنائي ڇڏي ۽ شاعر محسوسات کي شعر ۾ آڻي ڇڏي. ٻيءَ صورت ۾ اهي شيون هڪ هنڌ ٽڪڻ جون ٿِي نه آهن.

اُهي ماڻهو ڪيڏا نه سَچا آهن جن شاعريءَ کي سيني عِلمن جي ماءُ سڏيو آهي. دنيا جا وڏا وڏا عالم اها ڳالهه مڃي چڪا آهن ته اظهار جو بهترين کان بهترين نمونو شاعريءَ ئي آهي.

لطيف سائين جي دور کان گهڻو اڳ ۽ خود سندس دور ۾ سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي جيڪا ڌارين پيرن هيٺان لتاڙ ٿي رهي هئي تنهن سان تاريخون ڀريون پيون آهن. پوري اڌ صدي نه پاڻ پنهنجي اکين سان هتي جي ماڻهن سان ڌارين جون اُرهه زورايون ۽ عُقوبتون ڏٺائين. ان کان اڳ جيڪي وَهيو واپريو هو سو به ڪانئس ڳجهو ڪين هو. ٻئي پاسي وري ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سنڌ جي مختلف ذاتين يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قبيلن ڪي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيو هو. ڪو به اهڙو قبيلو رهيو ئي مشڪل هو جيڪو ٻئي قبيلي جي ويڙهه کان وانجهو رهيو هجي. سندن هٿيار هڪٻئي جي رت سان هميشه ڳاڙها پئي رهيا. ڪين باهمي ڀائيچاري، اخلاقي قدرن ۽ سماجي ڳڻن جي ڪنهن پَر ڪا ڄاڻ نه هئي. هڪٻئي سان اهڙو اتڪيل هئا جو ڌارين جي غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ جي سوچ به نه هئي.

هڪ ڏينهن لطيف سائين ٻاهران جيئن اندر گهر ۾ آيو ته پنهنجو مُنهن مُونن ۾ هٿي ڪا ويلا ويٺو رهيو. سندس اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي. هُن سوچيو پئي ته ٻاهر جيڪا هڪ چيچ هٿ ۾ وٺي دعويٰ ڪري آيو ته:

”جنهن جي چيچ سيد جي هٿ ۾ تنهن کي لهر نه ڪو لوڏو“

ته اها ڪا هڪ چيچ ته ناهي جيڪا سندس هٿ ۾ هُئي. سندس هٿ ۾ ته سموري سنڌي مظلوم، ماريل، هيسايل قوم جون چيچون هُيون. پاڻ سوچيائين ته ڪيس ته سڄيءَ قوم کي امڪاني تباهيءَ جي لهر لوڏن کان بچائڻو آهي ۽ ان لاءِ ڪجهه ڪرڻو ئي آهي. پنهنجي ڪيل دعويٰ لاءِ دليل ڏيڻا آهن. هن مُونن مان مُنهن مٿي ڪيو ته سندس اکيون رت ۔ ورنيون هيون. نيٺ پاڻ پنهنجو گهر ڇڏي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ته ويو پر هاٿوڪيءَ سنڌ جي سرحدن کان ٻاهران به نڪري ويو ۽ انهيءَ دوران پنهنجي قوم کي بچائڻ لاءِ دليل ڏيڻ شروع ڪيائين، جيڪي اسان وٽ رسالي جي صورت ۾ موجود آهن. جنهن ۾ بار بار خلوص، ڀائپي، محبت ۽ باهمي اتحاد جا ڏسَ گس آهن. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڪلهه اهڙو ڪو نياڳو ٻار هوندو جنهن وٽ


Scanned with CamScanner

لطيف جي پيغام يا دليلن سان ذري جو بہ اختلاف هجي. ڪهڙي بہ فرقي جو، ڪهڙي بہ نظريي جو چو نہ هجي پر لطيف جي رهنمائيءَ ۾ يقين رکي ٿو پر ارمان اهو آهي جو اسان زباني طور تي تہ ڪيس مڃتا ڏئي رهيا آهيون پر عملي طور تي پنهنجون چيچون سندس هٿ ۾ ڏئي سندس چوڻ موجب نہ هليا آهيون، نہ تہ جيڪر اسان کي اڄ سوڏا جيڪي لوڏا تباهيءَ ڏانهن گِهلي رهيا آهن نہ ملن ها.

شاهہ سائين جي شاعريءَ جو مقصد عام ماڻهوءَ جي رهنمائي ڪرڻ آهي. جيئن تہ ان دور ۾ هاڻوڪي دور واريون مِيڊيائي سهولتون مُيسر نہ هيون، نہ اخبار هئي، نہ ريڊيو يا ٽي وي هئي، پر ان دور ۾ فقط ڪچهريون ئي هيون جن ذريعي هڪٻئي جي حال ڪان واقف ٿيو هو، لطيف سائين بہ انهن ڪچهرين ذريعي راڳ رنگ وسيلي پنهنجي مقصد کي عام ڪرڻ ۾ ڪا ڪَمِي نہ ڇڏي. پنهنجيءَ انهيءَ تنظيم کي، جنهن ۾ سندس مقصد سنڌي ماڻهن جي بقا جو ئي مکيہ عنصر موجود هو، ڀرپور نموني سان هلايائين. ايتري قدر جو پنهنجي تنظيم جي راڳ ـ راڳي گلان فقيريائي کي سنڌ جي دربار ۾ ڳائڻ لاءِ مقرر ڪيائين. انهيءَ محنت اڳتي هلي اهڙو رنگ لاتو جو سنڌ جو حاڪم طبقو شاهہ سائين جي مقصد ۽ نظريي جو پوئلڳ ٿي ويو.

گلان فقيريائيءَ ڪاموڏ واري نُوريءَ کي نظر ۾ رکي مِڙئي، محصول معاف ڪرايا. شاهہ سائين جي اِن وجداني ڪيفيت کي اڄ بہ عابده پروين پنهنجي مٺڙي سُر ۾ اظهار جي صورت ڏيئي رهي آهي. اڄ بہ علڻ فقير لطيف سائين جي انهيءَ مقصد کي عام ڪرڻ لاءِ زندگي وقف ڪئي آهي. باقي شاعريءَ کي نثر ۾ بيان ڪرڻ خود شاعريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ناانصافي ٿيندي پر جيئن تہ انهيءَ مقصد کي سمجهائڻ لاءِ اسان وٽ اها ٿِي سولي واٽ آهي تنهن ڪري مجبوراً اسان کي ايئن ڪرڻو پوي ٿو.

هونئن تہ لطيف سائين کان پوءِ اسان جي شاعرن کي سُرُ تِمر فقير، سُرُ گلان فقيرياڻي ۽ سُر غلام شاهہ ڪلهوڙو بہ لکڻ ڪپندو آهي. جو تہ اهي شخصيتون لطيف جي فڪر کي عام ڪرڻ ۾ ايڏيون سچيون رهيون آهن جيڏو ڪوئي ماڻهو پنهنجو پاڻ سان سچو رهي سگهي ٿو.

شاهہ سائين جو پرين ڪو هڪڙو نہ آهي. هن کي تہ سچو عوام پرين آهي. سڄي عوام جو درد آهي تڏهن تہ درد منجهان دانهن ڪري چوي ٿو تہ:

آدمِن اخلاصُ، مٺائي مانُو ڪيو
هاڻي ڪائي سيڪو ماڻهوءَ سندو ماسُ
دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واسُ
ٻئي سڀ لوڪ لِباسُ، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

اسان کي کپي تہ اهڙا ڪردار جيڪي نوريءَ جهڙا، مارئي جهڙا ۽ سورٺ جهڙا هجن، چونڊ ڪري انهن کي اهڃاڻ بنائي لطيفي مقصد کي اڳتي وٺي هلون تہ يقيناً لطيف سائينءَ جي اسان لاءِ ڪيل محنت ۽ محبت ضرور رنگ لائيندي.

اهڙن پرين پيارن مان ڪنهن هڪ سان سُرَ بَروو سنڌي ۾ بہ اورون اوريل آهن جيڪي عمومي طور تي اسان سڀني لاءِ آهن. هِن ۾ پيارَ، شڪايتون، دعائون، تنبيهون پيار لاءِ اُتساهہ سهيڙيل آهن. جن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي خاص هڪ پريٖن سان مخاطب ٿيل آهن ته ڪي عام سان ڪيل آهن. جڏهن ته خاص مان مطلب به عام ئي آئي. ڪٿي پريٖن جي ساراهه آهي ته ڪٿي سندس زورآوري. سموري سُر جو بياني انداز اهڙو آهي جو پڙهندڙ جي خيال ۾ پريٖن جي تصور سان گڏ سندس سموريون ادائون چِلولايون، دلربايون، بيرخيون، خوبيون ۽ خاميون ايري ٿيون پون. جن مان زندگيءَ جون موجون يا پيڙائون پڌريون ٿي نظر اچن ٿيون.

ڪٿي وري بي انتها خوشي، پيار جا دام پيچ ۽ انهن پيچن اتڪائڻ جا ڏس گس جن ۾ انسان ذات جي زندگيءَ جي امن امان ۽ خوشحاليءَ جي حوالي سان ضمانت ڏنل آهي. سچ پچ ته هيءُ سُر پيار جو تاريخي دستاويز آهي. جيڪو هونئن ته سڄي انسان ذات لاءِ هڪ آهي پر خاص ڪري سنڌي قوم لاءِ آهي ته جيئن سندس هڪ هڪ بيت تي عمل ڪري پنهنجو پاڻ کي امڪاني تباهين کان بچائي سگهجي ۽ پنهنجي ايندڙ سمورن نسلن جي بقا جي ضمانت ڏئي سگهجي.

اچو ته لطيف سائين جي پيار محبت واري تلقين ۽ سندس قلبي اچو ته لطيف سائين جي پيار محبت واري تلقين ۽ سندس واردات کي سندس لفظن ۾ ڏسون. چوي ٿو:

جانبَ! منهنجي جيءَ ۾ تُنهنجي طَمَعُ پوءِ
وَٽُ ڪاتي وَٽِ انگڙا، ادب ڪَرِ مَ ڪوءِ
پانيان پالُ سَندوءِ، جي ساجَنَ سَنئون نِهارئين.

شاهه سائين جي مقصد ۾ پريٖن پائڻ جي ڳالهه ته پوئين آهي


Scanned with CamScanner

اگرِ ۾ پرين پڪ ڪري تہ ڏسي عاشق ڪَمَ چَلائُو تہ نہ آهي. ان ڪري ڪيس پرکڻ تمام ضروري آهي تہ عاشق پروسي جهڙو آهي يا نہ. جيستائين ويساهہ نہ آهي تيستائين زندگي ڄا معنيٰ رکي ٿي. اصل ۾ هيو بہ ايئن تہ سنڌي ماڻهن مان هڪ ٻئي ڏانهن پيدا ٿيل بدگمانيون ڪِڏي اُتي اڻ ڪُٺ ويساهہ پرٿو هو. ڇو تہ ويساهہ کان سواءِ ڪا بہ عملي ڪوشش اڳتي وڌي نٿي سگهي نہ ئي ويساهہ پيدا ٿيڻ کان سواءِ آڄِپو ۽ بقا جو امڪان باقي رهي ٿو. زندگيءَ جي گڏ گذارڻ لاءِ ويساهہ ئي تہ بنيادي شي آهي.

تڏهن تہ چوي ٿو تہ:

ڪَڙو مَنجهہ ڪَڙي، جيئن لوهارَ لپيٽيو
منهنجو جيءَ جَڙي، سُپريان سوگهو ڪيو.

گڏجي گهارڻ ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ ئي تہ زندگيءَ جو معراج آهي ان کان سواءِ زندگي بي معنيٰ آهي. تڏهن تہ پاڻ چوي ٿو تہ:

شُڪُر گڏياسين سُپرين، جيئري جاني يارَ!
وِيٺي جن جي وَٽ ۾، ڪوڙئين ٿيا قرار
ڏِٺي مِ ڪَرِ مَ ڏارَ، پاڙو تن پِرينِ جو.

جيستائين عاشق تہ پرينءَ کي چاهي ٿو پر پرين کيس نٿو چاهي تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو. ٻہ طرفي محبت ئي تہ اصلي محبت آهي ۽ اهڙي طرح ئي زندگيءَ ۾ رونق پيدا ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح پرينءَ جي بيرخي ۽ لاپرواهيءَ تي لطيف سائين لُڇي پوي ٿو ۽ ڪنهن سَگَ سياپي کي حائل ٿيڻ نٿو ڏئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن چوي ٿو:

ڪٿان سِڪئين سُپرين! ڪاسائِڪي ڪارِ
تِکي ڪاتِي هٿِ ڪري، مُڏيءَ سين مَ مارِ
چوري چاڪَ نِهار، جي سُورن سان سانگهيڙا ڪيا

اهڙيءَ قسم جي هَلت تي لطيف سائين جا اهي لفظ نهايت ڪَهُرا آهن ۽ وڏي تنبيهه پڻ. هُونئن بہ تنقيد اوجَرُ آهي جيڪا هر مَٽُ يا ميراڻ کي ڏويو لاهي ڇڏي ٿي. سچ تہ هوندو ئي اگرو آهي، اهو ڇباڙي خوش ٿي ڪائڻ جي شئي آهي ئي نہ.

وري جڏهن اُتساهہ ڏيارڻ کان پوءِ پيار ڇوليون ڏيڻ لڳي ٿو تڏهن چوي ٿو:

اڄ پڻ جُڙيم جوڙ، دوسُ پيهي دَر آئيو
سڪن اڇي ڏڪن کي مَحڪمُ ڏِني موڙ
جا پَرِ ڪَٽيءَ ڪوڙ، سا پَرِ سُورن سانُ ٿِي.

هڪبئي تي ويساهہ ۽ پوءِ پيارُ ئي پيارُ مَن کي مُرڪائي زندگيءَ کي پر. پوريت بخشي ڇڏي ٿو.

مان ڀانيان ٿو تہ لطيف سائين ماڻهن کي زندگيءَ جي سچي لذت ماڻڻ لاءِ پنهنجا دليل پيش ڪري سڄيءَ قوم جون ڇيڇون پنهنجي هٿ ۾ مضبوط جهلي سندس پوئلڳيءَ ۾ هلڻ جي تلقين ڪئي آهي تہ جيئن اسان کي بقا جي ضمانت ملي سگهي جيڪا ڀاهميءَ محبت ۽ ڀائيچاري ۾ سمايل آهي. جيئن تہ اسين هڪ اهڙي امن پسند قوم آهيون جنهن لاءِ دنيا جي ڪنهن بہ تاريخ ۾ اهڙي روايت نہ ٿي ملي تہ ڪو اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي سرحد اورانگهي ٻين جي سرحد ۽ سونهن لتاڙي يا پيلي هجي. اسان تہ هميشہ پنهنجي حدن ۾ رهندي ٿي پنهنجو بچاءُ پٺي ڪيو آهي. هن وقت بہ صورتحال ساڳي ٿي آهي. اڇو تہ لطيف جي لفظن تي ويچاري مِڙي مُٺ ٿيون. هڪ ٻئي سان محبت ڪريون ۽ پاڻ کي هر لِهر لوڏي کان بچائي سگهون.

ماڻهو گُهرن مالُ، آئون سپُ ڏينهن گُهران سپرين
دنيا تنهن دوست تان، فِدا ڪريان في الحال
ڪَيَسِ نامَ نِهالُ، پَسڻ تان پري ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# سُر بروو سنڌي
# راڳڻيءِ ڪهاڻي

سُر بروو سنڌيءَ سان گڏ ڪن پراڻن قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾ بروو ڇوٽڪو به موجود آهي. بروي جي باري ۾ ڪا ڪهاڻي عام طور ٻڌڻ ۾ ڪو نه پئي آئي، فقط هِن سُرَ جي باري ۾ راڳڻيءَ جو حوالو آيو پئي. شاهوانيءَ هن باري ۾ فقط ايترو لکي ٿو ته: ”بروو هندستاني راڳڻيءَ جو نالو آهي. انهيءَ ۾ توري ڦير گهير سان بروو سنڌي راڳڻي ناهيل ٿي ڏسجي.(١)“

ڪلياڻ آڏواڻي به ايترو لکي ٿو ته: هندستان جي ڳائڻ وديا موجب بروو هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جنهن کي شاهه نج سنڌي رنگ ڏنو آهي.(٢)“

مٽيان ٻئي موقف اڻ پُورا ۽ اندازي ڪرڻ تي ٻيڻل آهن. راڳڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ڦير گهير ڪهڙي ٿي يا شاهه صاحب نج سنڌي رنگ ڪهڙو ڏنو. اِهي ڳالهيون ڀنهي محققن کولي نہ ٻڌايون آهن ۽ لڳي ٿو تہ انهن کي اهميت نہ ڏني اٿن. سنڌ ۾ اڪثر ايئن ڄاتو ويندو آهي تہ هندوستاني راڳ کان اسان جو راڳ ڪجهہ ٻيو آهي. اِها ڳالهہ بنيادي طور غلط آهي. اسان جا راڳ راڳڻيون هندوستاني راڳ مالا سان بلڪل مربوط آهن. مختلف علائقن جي علمي اختراعن جي حوالي سان راڳ مالا ۾ اڳ ئي ڪي راڳڻيون موجود آهن. جيئن سنڌي ڀيروي، سنڌڙا، سنڌورا، سورٺ، جونپوري، بنگال ڀيرون ۽ ملتاني وغيره جي ڪنهن راڳڻيءَ ۾ ڪو اُستاد فن آروهي امروهي يا سُرن جي ڪومل تيور ترتيب ۾ فرق ڪري ڪجهہ ايجاد ڪري ٿو تہ اُهو بہ راڳ مالا جو حصو بنجي وڃي ٿو. ان سلسلي ۾ امير خسرو، تانسين ۽ مدو نائڪ توڙي ڪن ٻين جا مثال موجود آهن. سنڌ ۾ اُستاد منظور علي خان جو نالو نشانبر آهي. راڻي واري محفل جي ڪيسٽ ۾ ڳائي ۽ واضح ڪري ڏيکاريو اٿس تہ جنهن کي اسان راڻو نالوري آهي سا راڳڻي ديس آهي. ڪا طرز ڪڏهن يا ڏوهيڙو چوڻ سان راڻو ”سنڌي“ ۽ ”منفرد“ نٿو بنجي. هِن سلسلي ۾ ڪن ٻين راڳڻين جا بہ حوالا ڏنا ويا آهن.

بروي جي باري ۾ اجان اهڙي ڳالهہ نہ چئي ويئي آهي. راڳ جي باري ۾ سنڌيءَ ۾ هڪڙو ئي معتبر ڪتاب آهي. اُهو آهي پير بخش مغل جو ”راڳ ساگر“. هِن ڪتاب تي استاد اُميد علي خان جو پيش لفظ بہ آهي. قديم مستند ڪتابن جي آڌار تي تيار ڪيل آهي. موسيقيءَ جو درخت صادق علي خان جي ڪتاب ”قانون موسيقي“ تان ورتل آهي. سجو مواد مستند ڪتابن تان ورتل آهي. سنڌي موسيقيءَ


Scanned with CamScanner

جي تاريخ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ ڪم ڪيو آهي. پاڪستان ۾ موسيقيءَ تي لکڻ وارن ۾ قاضي ظهور الحق، شاهد احمد دهلوي، فيروز نظامي ۽ قاضي احمد ميان اختر جا نالا اهم آهن.

بهرحال آءٌ ڪلاسيڪي موسيقيءَ واري اُن نظرئي ڪي مجيان توجنهن جو مٿي اشارو ڏنو اٿم. يعني اسين بہ اُن مضبوط درخت جي شاخ آهيون جي شاخ ٻجي پوي ٿي يا ڪير اُن کي ٻجي ٿو تہ اُن ۾ شاخ جو ڪو ڏوهہ ڪونهي.

بروه ڪافي ٺاٺ جي راڳڻي آهي. رات جي وقت ڳائجي ٿي ۽ اوڊو سمپورڻ آهي. يعني ويندي آروهيءَ ۾ ڇهہ سُر ۽ واپس ٿيندي امروهي ۾ ست سُر آهي. آروهي امروهي هِن ريت آهي:

آروهي : سا/شڌ (وادي) ري/ڪومل ما پا/ڪومل (سموادي) ني/ڪومل ـ سا/ٽيپ

امروهي : سا/شڌ ري/تيور گا/تيور ما/تيور پا/تيور ڌا/تيور ني/ تيور سا/ٽيپ

سا ري ما پا ڌا ني سا
سا ني ڌا پا ڌا ما گا ري گا سا (٢)

مشهور لڪشڻ گيت ٻول اڪثر تين تال ۾ ڳايو وڃي ٿو، اُهو آهي: اي ري مٺن ڪو پري ناهين چئن.

بروي جي ڪهاڻيءَ جي باري ۾ اڳ ۾ ڪتابن ۾ ڪجهہ بہ نہ آيو هو. مون کي بدين تعلقي مان اسان جي ڳوٺ جي قريب ڳوٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گوهريجيءَ مان الهڏني لُنڙ ۱۹۷۴ع ۾ هڪڙي ڪهاڻي ٻڌائي جا مون پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" جي ٻئي ايڊيشن ۾ به ڏني آهي. ڪهاڻيءَ جو تت هي آهي: "قلات جي پاسي لوڙائو ذات جا ڪي ماڻهو رهندا هئا. اُنهن روزگار سانگي دهلي وڃي وسائي. اُنهن ۾ بروو نالي هڪ نوجوان به هو. جيڪو محلات جي پر سان لنگهندي شهزاديءَ کي ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو. محلات جي پرسان ڪاسائيءَ جو دوڪان هو. بروي کي اُن چيلن چارڻ لاءِ پاڻ وٽ رکيو. باقي وقت هو دوڪان تي ويٺو هوندو هو. محلات جي دري مقرر وقت تي کلندي هئي. بروو شهزادي کي ڏسي محبت جي باهه ۾ پيو پچندو پڄرندو هو. ڪنهن وقت هو دوڪان تي گوشت به وڪڻندو هو. شهزاديءَ جي ٻانهي هڪ ڏينهن ٿالهه کڻي گوشت وٺڻ آئي. بروو گهڻو خوش ٿيو. ٻانهيءَ کي چيائين: ترس ته اندران سٺو گوشت آڻي تو ڏيان. ايئن ٿالهه کڻي اندر ويو ۽ پنهنجي ران مان گوشت ڪپي ڪوري ران کي پٽي ٻڌي ڇڏيائين ۽ گوشت اچي ٻانهيءَ کي ڏنائين. ان گوشت مان جڏهن طعام ۽ ڪباب وغيره ٺهيا ته سڀني کي پسند آيا. شهزاديءَ ٻانهيءَ کي چيو ته گوشت ته مون اڄ کاڌو آهي، هيستائين الائي ڇا آئيندي رهي آهين. ايئن روز برور پنهنجو ماس ڪوري ڏيندو ويو ۽ پوٺو پوندو ويو. ٻانهي هڪ ڏينهن بروي کي ڪوٺيءَ ۾ بيمار پيل ڏٺو. حقيقت معلوم تيس وڃي شهزاديءَ کي ٻڌايائين. اهو به ٻڌايائينس ته بروي چيو ته سڄي جسم تي پٽيون ٻڌل آهن. اچا به کٽي گوشت ڏسين ته ڪوري کڻي وڃ، ڪو به رحم نه ڪر.

شهزاديءَ هڪ دم شاهي طبيب ڏانهن ماڻهو موڪليو. اُن اچي


Scanned with CamScanner

علاج ڪيو ۽ مهيني کان پوءِ برُوو چاق ٿيو. شهزاديءَ برُوي کي ملاقات لاءِ گهرايو. عين اُن وقت بادشاهہ جي اچڻ جو اعلان ٿيو. برُوو تہ نڪري ويو پر بادشاهہ کي شڪ پيو، جنهن نيٺ ٻانهيءَ کي دڙڪا ڏيئي، دبڙائي حقيقت معلوم ڪري ورتي. وزيرن سان صلاح مصلحت ڪري بادشاهہ لوڙائن کي لڏائي ڇڏيو. ايئن برُوو واپس اچي قلات پهتو، مجبور ۽ مايوس . هوڏانهن شهزاديءَ جو حال بہ مختلف ڪو نہ هو. هُوءَ ساڻوڻ جي مند ۾ لوڙائن جي حال تي غور ڪندي هئي.

وٺو ڏيهہ قلات، مون لوڙائو پسيا
جتن هُت ڪِنوَن ڪنوٽيون، تتن هِت بره سندي بات
وڏي ڪنهن ولات، مارو ملڪ مٿي ويا بات.

ڪانگن کي پيئي نياپا ڏيندي هئي.

وهلو ور وريا پرين، آءُ ڪانگا ڪر لات،
ويا جي قلات، سي اُڏامي آڻ تون.

بادشاهہ کان بہ ڌيءَ جي حالت ڏٺي نہ ٿي، هُن برُوي کي واپس گهرايو ۽ ڪيس شهزاديءَ جو سنگ ڏنائين. چون ٿا تہ جڏهن ٻئي جدا هئا تہ بہ شهزاديءَ جو مقرر وقت تي دري کولڻ وارو دستور قائم هو ۽ برُوي واپس اچي ڪيس ٻڌايو تہ آءُ قلات مان روز اُن وقت توکي دريءَ ۾ بيٺل ڏسندو هوس.

مٿي ذڪر ڪيل بيتن مان پويون ”وهلو ور وريا پرين“ اڪثر رسالن ۾ پورب جي ٻهرئين داستان ۾ آهي. اڪثر رسالن ۾ برُوي جي راڳڻيءَ واري نسبت سان هڪ بيت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بروي جي باني، ڪنهن ڪان سڪئين سپرين
آئي ڏينديءِ هٿ ۾، مس قلم ڪاني
حرف پڇنديءِ هيڪڙو، ظاهر زباني
تن اڳيان جاني، ڪهڙي ڪندين ڳالهڙي؟
(ڦا سمي - بروو ٩.٢)

هيڏانهن هن عشقيہ داستان جي اهڃاڻن ۽ ڻاڻن کي بيتن ۾ پسي سگهجي ٿو. هڪ ٻن بيتن کي ڇڏي باقي مجاز جي غمازي ڪن ٿا. هيٺيان بيت خاص طور قصي ڏي ڌيان ڇڪائين ٿا:

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن ڪُلن در دوستن جا
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوئيو نين
ڪڏهن سڪان سڏ کي، ڪڏهن ڳجها در ڳالهائين
اهڙا ٿي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

-

جانب منهنجي جيءَ ۾، تنهنجي طمع پوءِ
وٺ ڪاتي وڍ انگڙا، ادب ڪرم ڪوءِ
پانيان پال سندوءِ، جي ساجن سنئون نهارئين.

-

جانب ايئن نہ جڳاءِ، جي ماريو موٽيو نہ پڇين
رتي رت نہ سنجري، سڪ تنهنجي ساءِ
اسان توهين لاءِ، تي پر ۾ پڇائون ڪيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

-

ڪٺان سڪٺين سُپرين، ڪاسائڪي ڪار
تڪي ڪاتي هٿ ڪري، منيءَ سين نہ مار
چوري چاڪ نهار، سورن سانگيڙا ڪيا.

هونئن ڪاتيءَ ۾ ڪهڻ جا بيت ڪلياڻ يمن ۾ ڪن ٻين سُرن ۾ بہ آهن، پر برويءِ ۾ مجاز جو رنگ چٽو پسجي ٿو.

## حوالا


١. شاهواڻي، غلام محمد. شاهہ جو رسالو - آر ايچ احمد برادرس حيدرآباد، ٻيو ڇاپو ١٩٦١ع ص ١٠٨١

٢. آڏواڻي، ڪلياڻ. ٻي. شاهہ جو رسالو، بمبئي - ١٩٦٦ ص ٣٧٩

٣. مغل. پير بخش. راڳ ساگر نوابشاهہ ١٩٥٥ ص ١٠٤ کان ١١٠

٤. جوڻيجو، عبدالجبار. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٨٣، ص ١٠٢ کان ١٠٤.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نواز علي شوق

# سُر بروي بابت ويچار

سُر بروو رسالي جي ننڍن سُرن مان هڪ سُر آهي. هن ۾ ٽي داستان آهن. فقط ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري مستند متن ۾ چار داستان آهن.

مختلف رسالن جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته لفظ بروو مختلف نمونن ۾ لکيو ويو آهي. مثلاً بروئو سنڌي، بَروه، بِرئو، بروه سنڌي، بيراڳ سنڌي، بِرئو ۽ بروو وغيره. پر گهڻن رسالن ۾ بَرئو، بَروئو يا بَروو لکيل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي معياري متن واري شاهه جي رسالي جي جلد ٣ ۾ بروي بابت لکيو آهي ته: ” ٽي سگهي ٿو ته اصل لفظ وِرهُ يا بِرهُ هجي. يعني وڇوڙو، درد، فراق ... اهو به ممڪن آهي ته ”وِرهُ“ ۽ ”بِرهُ“ اچار وڌي وِرهو يا بِرهو ٿي ويا هجن. وِرهه وارو يا بِرهه وارو جيڪو سدائين ڏک ۽ غم جو گهايل ۽



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيمار هجي. بِرهو واري اُچار جي صورت بَروو ٿي سگهي ٿي. جنهن جي معنيٰ بہ سنڌي لغت جي لحاظ سان آهي غم ۾ گهايل مريض ۽ بيمار. (۱).

لغت جي مختلف ڪتابن ۾ بروي جون مختلف معنائون ڏنل آهن. جان شيڪسپيئر واري اردو. انگريزي ڊڪشنري ۾ "بِرها" Birha جي معنيٰ هن ريت ڏنل آهي:

هڪ راڳڻيءَ جو قسم جيڪا ڪتي يا ڪنهباتي ڳائيندا هئا (۲). شاهہ سائين هن سُرَ ۾ "ڪتيءَ ڪوڙ" جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي:

اڄ پڻ ڄُڙيمر جوڙَ، دوسُ پيهي در آئيو
سڱَن اڇي ڏڪن ڪي، محڪمر ڏني موڙَ
جا پَرِ ڪتيءَ ڪوڙ، سا پَرِ سُورن ساڻ ٿِي.

ساڳئي محقق يعني جان شيڪسپيئر بروہ Barwah (۳) لفظ جون مختلف معنائون ڏنيون آهن. جن مان هڪ هن ريت آهي: "هڪ راڳڻي جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ جنهن جي ڳائڻ سان جهنگلي هَرڻ هِري مِري ويندا آهن ۽ نانگ بہ مَندجي ماڻهوءَ جي امر ۾ اچي ويندا آهن. بروي جي هڪ بيت ۾ پٽائي هيرائي هٿ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، فرمائين ٿا.

هيرائي هٿ ڪيو، هينئڙو حبيبن
ڀڏي ڪچيءَ تندُ ۾، سلهاڙيو سيڻن
وجهي پيچُ پرين، هينئڙو هٿيڪو ڪيو.

بهرحال، بروي يا بِرهي جي معنيٰ ڪٿي ڪهڙي بہ هجي، پر

هيءَ راڳڻي هند سنڌ ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. ڪافي جي اڪثر شاعرن هن سُر ۾ تمام سهڻيون ڪافيون چيون آهن. جن ۾ گهڻو ڪري وڇوڙي جا ورلاپ آهن. فراق ۽ ڦوڙائي جون درد ڀريون دانهون آهن. مطلب ته هيءُ سُر عشق، محبت ۽ وڇوڙي وارو سُر آهي. محبت ۾ جيستائين وڇوڙو نه ٿو اچي تيستائين عاشق پڇي پختو نه ٿو ٿئي. اها عاشق لاءِ وڏي آزمائش هوندي آهي. عشق ۽ محبت جو داستان، محبوب جي سونهن ۽ سينگار، عقيدت ۽ عاجزي، نمرتا ۽ نهٺائي کان سواءِ چڻ اڻ پورو آهي، اهوئي سبب آهي جو شاهه صاحب هن سُر ۾ عشق ۽ عاشقي جي وسيع دنيا سان تعلق رکندڙ اهم عنوانن هيٺ نهايت ئي خوبصورت ڪلام چيو آهي. ان ڪان علاوه هن سُر ۾ ڪي ٻيا مضمون پڻ بيان ڪيا ويا آهن.

Jeay Sindh

هن سُر جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته ڪن بيتن جي پڙهڻي مختلف رسالن ۾ ڌار ڌار نموني نظر ايندي. هتي مثال خاطر هڪ بيت پيش ڪجي ٿو. جنهن تي وڏي ويچار جي ضرورت آهي؛ اهو بيت آهي:

ڏَر تي ڏُونَهَه جيئن، سِر پر سُپيرين ڏي
لڳو آهه لطيف چئي، تَنُ پريان ڏي تيئن
حاصل ٿئي هيئن، قرينو قريب جو.

انهيءَ بيت جي پهرين مصرع جون پڙهڻيون مختلف رسالن ۾ مختلف نظر ايندي. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

ڏَڙَ تي ڏُونهَن جيئن، سر پر سپيرين ڏي.

---

ڏڙ تي ڏُونهِن جيئن، سُر پُر سپيرين ڏي.


Scanned with CamScanner

تہ انهن مان ڪهڙو لفظ صحيح سمجهڻ گهرجي؟ ضروري آهي تہ اهڙو لفظ چونڊيو وڃي، جنهن سان معنيٰ ۽ مطلب صحيح نموني سمجهہ ۾ اچي.

رسالي جي اڪثر نسخن ۾ ڏَرَ لفظ آيل آهي. منهنجي ناقص راءِ موجب اهوئي صحيح معلوم ٿئي ٿو. ڏر جي معنيٰ آهي ڏرتي. ان کان پوءِ ٻيو لفظ جيڪڏهن ڏُونَهَہ، ڏونهون يا ڏونهين پڙهبو تہ بہ معنيٰ ڪي قدر سمجهہ ۾ ايندي. پر جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ اتي لفظ ڏُونَهَہ وڌيڪ صحيح آهي. ڪلياڻ آڏواڻي ڏونَهہ لفظ جي معنيٰ لکي آهي هاٿي جي سُونڊ. اها معنيٰ بہ چڱي، پر منهنجي خيال ۾ اها معنيٰ بہ سورهن آنا صحيح نہ آهي. ٻين محققن بہ هنن لفظن جون جيڪي معنائون ڏنيون آهن، سي سڀ اڪين تي، پر اڃا وڌيڪ ويچار ڪرڻ سان وڌيڪ معنائون ملي وينديون.

هندوستان جي هڪ لغت دان ويٽام ماني پنهنجي ڪتاب Puranic Encyclopedia (٥) ۾ "ڏَرَ، لفظ جون بہ ٽي معنائون ڏنيون آهن:

جن مان هڪ معنيٰ آهي: "هڪ پاڪ جڳهہ، هڪ وهنجڻ جي جاءِ، جتي ڪو هڪ ڀيرو وهنجندو تہ سمورا ڏک درد دور ٿي ويندس. يعني سندس سڀ سُور هڪ لحظي ۾ لهي ويندا.

"A holy place. If one baths in this holy place (Bath) his sorrows will be at an end. (M.B vana Parva, chapter 84 stanza 25)

ٻئي لفظ "ڏونَهہ" جي معنيٰ آهي: ڀڻ جي وڻي، يا پيالي.

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

مشهور لغت دان ايس. ڊبليو. فيلن پنهنجي اردو. انگريزي لغت ۾ ڏُونَهہ لفظ جي معنيٰ هن ريت ڏني آهي: "پن جي وٽي، جنهن ۾ گل، مٺائي يا ڪا ٻي اهڙي شيءِ ڀيٽا طور ڪٽي وڃجي(٦). فيلن ڏُونَهہ بجاءِ، ان جو اُچار ڏُونا Duna لکيو آهي. ڊاڪٽر جميل جالبي قومي انگريزي . اردو لغت ۾ لکيو آهي تہ: اهو دراوڙي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي پن جي پيالي.

هينئر اها مصرع وري پڙهون ٿا:

ڏَر تي ڏُونَهہَ جيئن، سِر پر سپيرين ڏي

هينئر هن مصرع جي معنيٰ ۽ مفهوم تي ويچار ڪبو، تہ معلوم ٿيندو تہ هن بيت ذريعي شاهہ سائين هڪ ڌرمي رسم ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ جيئن ڪي سورن جا ستايل ورهہ ۾ وڪوڙيل ڏونَهہ يعني پن جي وٽين ۾ باس يا مجيٺا طور مٺائي يا گُل وغيره وجهي عقيدت وچان سِرُ جهڪائي نِمرتا سان اهڙي هڪ پاڪ جڳهہ ڏانهن ويندا آهن. جتي وهنجڻ جي هڪ تلاءُ آهي ۽ اُن تلاءُ ۾ وهنجڻ ڪان پوءِ سندن سڀ سُور هڪ لحظي ۾ لهي ويندا آهن. مُونجهان لهي وينديون اٿن ۽ من جون مرادون ماڻي، خوشين جا خزانا ڪٽي واپس ورندا آهن.

لڳو آهہ لطيف چئي، تَنُ پريان ڏي تيئن

يعني اسان جي پنهنجي پريَنءَ سان اهڙيءَ ريت عقيدت، محبت، ناتو ۽ ڳانڍاپو آهي.

حاصل ٿئي هيئن، قرينو قريب جو

اهڙي ئي عقيدت ۽ محبت سان منڙي محبوب جي قربت ۽ محبت حاصل ٿئي ٿي.

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا

(۱) مقدمو. ص ۱۴.

(2) A kind of song peculiar to washer men.

(3) Barwa (i) A ragni in music by which deer and serpents as said to be tamed.

(ii) A kind of hindi verse.

(iii) A mng.

(۴) شاھ جو رسالو جلد ۲ ص ۲۹۸.

(۵) ھيءُ ڪتاب پهرين مليالم زبان ۾ شايع ٿيو هو. سنہ ۱۹۹۲ع ۾ ان جو انگريزي ترجمو ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ تاريخ، جاگرافي ۽ ڏند ڪٿائن بابت نهايت ٿي قيمتي مواد ڏنل آهي.

(6) I. Leaves folded up in the shape of a cup for holding flowers, sweetmeat etc.

II. To offer a daund full of sweetmeat etc. in fullfilment of vow P. 650

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رضيہ شيخ

# سُر بروو سنڌي منهنجي نظر ۾

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح سنڌ جو مشهور شاعر، بزرگ، مفڪر ۽ انسان ذات جو رهبر ٿي گذريو آهي. سندس نالو نہ فقط سنڌ ۽ هند اندر مگر مغربي دنيا ۾ مُلڪان مُلڪ مشهور آهي. جنهن سبب ٿي سنڌ جو ڳاٽ اوچو ٿيو آهي. جيتوڻيڪ اڄ هُو اسان کان گهڻو پري آهي مگر تڏهن بہ سندس نالو اسان جي دلين ۾ زنده آهي ۽ ڳوٺ، ڳوٺ پيو ڳائجي.

شاهہ صاحب پنهنجي الهامي ڪلام وسيلي انسان ذات لاءِ سوين نيڪ نُڪتا ۽ ناياب نصيحتون پيش ڪيون آهن. هڪ طرف سندس ڪلام روحاني رازن سان ڀريل آهي تہ ٻئي پاسي هن ڪائنات جي باريڪ کان باريڪ شيءِ مان مثال وٺي نصيحت ڀريا نُڪتا، انساني رهنمائي لاءِ پيش ڪيا آهن. جن مان بني نوع انسان کي ايثار، قرباني،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دنيا جي حرص، هوس کان بي تعلقي ۽ انسان ذات سان همدرديءَ جا سوين مثال ملن ٿا.

سُتي نه سرندياءِ، ڪر پَچار پرئين جي
وهامي ويندياءِ، گهڙا هٿندين هٿڙا.

هيءَ ڪائنات اصل ۾ اهڙي حقيقت آهي جنهن جي سمجهڻ ۽ پرجهڻ لاءِ انسان ذات وڏا وس پئي ڪيا آهن. ڪائنات جي خوش رنگيءَ انسان کي ساراهه ڪرڻ تي مجبور ڪيو. انسان صدين کان اِن ڳولا ۾ رهيو ته اصل ساراهه جو حقدار ڪير آهي؟ جنهن هيءَ جهان جوڙيو منجهس ايتريون ته رمزُون رکيون جو انسان پنيلجي، حياتيءَ جي چار ۾ ڦاسي يا بي مقصد حياتي گهاري بنا نالي ۽ نشان راهه رباني وئيو وڃي. هن طِلسم کي سمجهڻ ڪو سولو نه آهي. پر تخليق ڪار هميشه پنهنجي مسلسل تخليق ۾ ڪي اهڃاڻ ڪي نشان اهڙا ضرور ڇڏائيندو آهي جيڪي سمجهڻ ۽ پرجهڻ سان اُها واٽ ڏڌائيندا آهن ته جيئن هلي وٽس پهُچي ڪائنات جو تخليقڪار ڪير آهي؟ ان سان چاهت وارو چاهه جو رکجي؟ پيو سڀ موهه ڇڏي سائس نينهن ڪيئن لڳائجي ۽ ڪيس ڪيئن ريجهائجي؟ يا وٽس ڪيئن پهچجي ته جيئن انسان ذات کي ڇوٽڪارو حاصل ٿئي.

مذهبن جو جڙُڻ، ڪنهن مت جو وجود ۾ اچڻ، ڪنهن فڪر جو نمودار ٿيڻ، اهي سڀ پيغمبرن، نبين، ڏاهن، مفڪرن جي انهيءَ جاکوڙ جو نتيجو آهي جن انسان ذات جي مونجهاري کي دور ڪرڻ لاءِ هن ڪائنات جي تخليقڪار کي ڳولهڻ ۽ مالڪ جي ساراهه ڪندي وڏا وس ڪيا پاڻ ڳولا جي عمل مان گذريا ڏکن جا ڏينهن گذاريا. يا صرف


Scanned with CamScanner

انهيءَ لاءِ تہ ڪين آگاهي ٿئي تہ ڏيهہ ڪي ڪجهہ ڏسيون ۽ دڳ لايون.
شاهہ صاحب بہ اُنهيءَ وات ڪي وٺي تخليق ڪار جي ساراهہ ڪئي آهي:

اَولُ الله عليمُ ، اعليٰ عالمَ جو ڌڻي
قادِر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم
والي واحِدُ وحدَہ، رازقُ ربُ رحيمُ
سو ساراهہ سچو ڌڻي، چئي حمدُ حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙُون جوڙ جهان جي.

سندس سچو ڪلام سُر ڪلياڻ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن نموني پنهنجي تخليقڪار جي ساراهہ سان ڀريل آهي ۽ ان کي ماڻڻ لاءِ وات ڏسي اٿس تہ جيئن انسان هن فاني دنيا ۾ گمراهہ نہ ٿئي.

شاهہ صاحب انساني فطرت جي جذبات ۽ احساسات جي ترجماني ڪندي انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتريءَ جو پيغام ڏنو آهي تہ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ سان گڏ فطرت جو مشاهدو ماڻڻ ۽ ان تي غور ۽ فڪر ڪرڻ انتهائي ضروري آهي.

شاهہ صاحب پنهنجي مشاهدي سان انساني جذبن ۽ احساسن جو اظهار اهڙي تہ دلپذير پيرائيءَ ۾ ڪيو آهي جو انسان لاءِ اهي بيت ۽ مصرعون مشعلِ راهہ بنجي ويا آهن:

”جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهن
نيو مَنُ لائين، پريان سندي پار ڏي.

جيتوڻيڪ سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڪي ٢٥٠ ادائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سو سال گذري چڪا آهن ليڪن سندس شعر انسان ذات لاءِ مشعل راهه آهن. شاهه ڀٽائي پنهنجي ڪلام جو فڪر ۽ پيغام عوام الناس تائين پهچائڻ لاءِ سنڌي زبان جو انتخاب ڪيو. شاهه جي نظر ۾ سنڌي زبان دنيا جي عظيم زبان آهي. شاهه صاحب کي اهو معلوم هو ته سنڌي زبان ان لاءِ متبرڪ آهي جو دنيا اندر قرآن شريف جو پهريون ترجمو سنڌي زبان ۾ ڪيو ويو هو.

هن پنهنجي ڪلام ۾ ٣٦٠٠٠ ڇٽيهه هزار سنڌي لفظ استعمال ڪيا آهن. دنيا ۾ اهڙو ڪو به شاعر پيدا نه ٿيو آهي ۽ نه وري ٿيندو.

شاهه صاحب جي سُر ”بَروو سنڌيءَ“ ۾ فقط عشق جو ذڪر ٿيل آهي ته سچو عاشق ڇا کي چئجي؟ ۽ ڇا تي عشق پچائڻ گهرجي يعني سچو عشق ربّ پاڪ سان رکي پنهنجو ٻيڙو دنيا مان چاڙهي وڃي. ”قاضي الحاجات“ جي روبرو پنهنجي عاجزي ڏيکاري پنهنجي دل جا مطلب حاصل ڪري.

شاهه صاحب هن سُر کي نج سنڌي رنگ ڏنو آهي ته جيئن سمجهڻ ۾ آسان رهي. هِن سُر ۾ ٣ داستان آهن، جنهن ۾ شاهه صاحب عاشق جي نياز ۽ بيقراري ۽ معشوق جي ناز ۽ حسن کي نهايت سهڻي ۽ دلڪش نموني سان پيش ڪيو آهي. جيئن ته دنيا جا ٻه نالا آهن. ١. دارالمحَن يعني امتحان جي جاءِ، ٢. دار الحزن يعني ڏک جي جاءِ. هر دور ۾ ماڻهن جي اڪثريت هميشه ڏکن ۾ رُلي ۽ پريشانين جو شڪار رهي آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته ڏک هڪ طرف هن دنيا جي سڀ کان وڏي حقيقت آهي ته ٻئي طرف اسين ڏک يا تڪليف کي انسان جي آڏو وڏائي يا عوامي اهڃاڻ به سڏي سگهون ٿا. جيئن ربّ پاڪ قرآن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شريف ۾ فرمايو آهي تہ اسان انسان کي مشقت ۾ پيدا ڪيو آهي. راحت جي باري ۾ حُضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم پنهنجي حديث قدسي ۾ فرمايو تہ اسان راحت آخر ۾ عطا ڪرڻ لاءِ خلقي آهي. انسان ان کي يعني پنهنجي ابدي زندگيءَ يعني راحت واري زندگي کي هن دنيا ۾ هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

شاهہ صاحب پڻ هن سُر ۾ انسان ذات جي رهنمائي لاءِ توحيد جو سبق ڏنو آهي تہ هن ڪائنات جو پالڻهار خود جل شانہ آهي. هر ڪا شيءِ سندس حڪم تي هلي ٿي. هن سُر ۾ شاهہ صاحب پنهنجي محبوب جي ڳولا لاءِ اهو ٻڌايو آهي تہ ڪيترا ڪشالا ڪاٽڻا پون ٿا تڏهن ئو محبوب هن کي مِلي. انسان کي گهرجي تہ ربّ پاڪ جي پيروي ڪري هن دنيا ۾ پنهنجي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پالڻهار اڳيان پنهنجو سر نمائي ۽ نياز ۽ نِوَڙت سان پنهنجي ربّ کي پُڪاري ۽ پنهنجي رب ۾ اهو يقين رکي تہ سڀيئي مُرادون منهنجيون، ربّ پاڪ پُوريون ڪندو. شاهہ صاحب بَروو سنڌي ۾ فرمايو تہ:

چا کي وَڃيو چو، ٻيلي ٽيئڻ ٻين جو؟
وَٽُ ڪنجڪ ڪريمَ جي، جَڳَ جو والي جو،
سَوکو هُوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

مطلب تہ شاهہ صاحب انسانن کي هدايت ڪئي تہ تنهنجو مطلب ربّ ڪريم پورو ڪندو. تون ان ۾ پنهنجي آس رک ۽ نااميد نہ ٿيءُ. چو ٿو ٻين جو ٻانهو ٿئين، تون پنهنجي ربّ جي چاڪري ڪر جيڪو هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. اهو انسان سدائين سکيو هوندو جيڪو پنهنجي ربّ سان محبت ڪندو پر اهو عمل گهڻي محنت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ مشڪلاتن جو عمل آهي. ڇو جو محنت هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو سک ۽ مراد ماڻڻ جو ذريعو آهي اورچائيءَ ۾ جان ۽ جيءَ کي جفا ڏيڻ سان ڪاميابيون حاصل ٿين ٿيون. قرآن شريف ۾ خود ربّ پاڪ فرمايو آهي تہ ”ڏکن پٺيان سک آهن“ ان لاءِ هر گهڙيءَ جي پروڙ فقط ربّ پاڪ کي آهي. هتي شاهہ فرمايو تہ:

پاڻهين جَلّ جَلاله، پاڻهين جان جمَالُ
پاڻهين صُورت پرينءَ جي، پاڻهين حُسن ڪمالُ
پاڻهين پيرُ مُريدَ ٿئي، پاڻهين پاڻ خيالُ
سڀ سيوئي حالُ، منجهان ئي معلوم ٿئي.
(سُر ڪلياڻ)

شاهہ صاحب کي خداءِ ذوالجلال جي ذات اقدس تي ايترو ڀروسو هو جو هر ڪنهن حالت ۾ سندس ٻاجهہ ۾ اميد ۽ آسرو رکندو هو اهڙي حقيقت سمجهائڻ لاءِ ليلا کي پڻ تاڪيد ڪندين چيائين تہ

جي ليلائي نہ لهين، تان پڻ ليلائيج
آسرو مَ لاهيج، سڄڻ سٻاجهو گهڻو.
(سُر ليلا چنيسر)

قرآن شريف جي هن آيت مان پڻ معلوم ٿئي ٿو، ۽ حضور صلعم جن پنهنجي امت کي اها هدايت ڪئي تہ ”خدا جي رحمت نهايت ڪشادي آهي. ٻانهي کي جڳائي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ الله تعاليٰ جي رحمت کان مايوس ۽ نااميد نہ ٿئي.“ پر ان سان گڏ هيءُ بہ حڪم آهي تہ ”خُداءِ واحد القهار کان ڊڄندا ۽ ڪيس ياد بہ ڪندا رهو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ ٻانهي کي جڳائي تہ پنهنجي خالق ۽ پالڻهار کي سدائين ياد ڪندو رهي ۽ بارگاهي ايزديءَ ۾ عاجزيءَ سان توبهہ ڪندو رهي، شيطاني وسوسن، دنياوي لذتن ۽ عيش عشرت ۾ محو ٿي پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي وساري نہ ڇڏي.

سوره البقره ۾ ارشاد رباني آهي تہ "فاذڪُرُني اَذڪرڪم"

ترجمو: اي ٻانها! تون مون کي ياد ڪر تہ آئون توکي ياد ڪندس.

سُر بِروو سنڌي جي پهرين بيت جي حوالي سان تہ جيئن ڏهين جماعت جي انگريزي ڪتاب جي هڪ نظم "Voice of God" ۾ پڙهيو تہ "شاعر پنهنجي خدا جي آواز کي ڳولڻ لاءِ مٿاهين بُرج يعني اوچي ۾ اوچي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو تہ اتي ڪيس غائباني انداز ۾ آواز ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو تہ، "جنهن آواز کي تون ڳولين ٿو دراصل اهو آواز تنهنجي رڳن ڪان بہ ويجهو آهي يعني تو ۾ ئي آهيان."

شاهہ صاحب فرمايو تہ:

"جو تون ڏورئين ڏور، سو سدا آهي ساڻُ تو  
لالَنَ لِئي لطيفُ چئي، منجهي ٿي مَعذور  
منجهان پنئن پُروڙ، تہ منجهہ آهس تِڪيو.  
(سُر سسئي آبري)

"مطلب تہ اي انسان تون هن دل فريب دنيا ۾ غافل نہ ٿي جيڪا بہ تنهنجي تمنا آهي اها صرف ربَّ پاڪ وٽان حاصل ٿيندي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب سُر بَروو سنڌيءَ تان انسان کي محبت ڪرڻ جو سبق ڏني ٿو، جيڪي سچا سالڪ آهن اهو ئي پيا ذڪر ڪن ته سواءِ ربَّ جي ٻيو ڪو ٻه ربَّ نه آهي، جنهن لاءِ ڪيترائي ڪشالا ڪاٽنا پون ٿا. تڏهن ئو ربَّ ملي. هن بيت جي حوالي سان ٻين سُرن ۾ پڻ شاهه صاحب انسان ذات کي هدايت ڪئي آهي ته اي انسان! تون پنهنجو مطلب خدا ۾ رک ۽ ان تي مڪمل ڀروسو ڪر. ٻين بيتن جون ڪجهه سِٽون هيٺ لکجن ٿيون جيڪي سُر بَروو سنڌيءَ جي ڀرين داستان جي بيت سان ملن ٿيون. جنهن ۾ شاهه صاحب فرمايو ته هر خواهش ۽ مطلب خدا ڪريم کان گهرندو ڪر:

سَپِئي سُبحان جي ڪرِ حوالي ڪمَ
ٿيءُ تحقيق تسليم ۾، لاهي غمَ وَهَمَ
قادِر ساڻ ڪَرَمَ، حاصل ڪري حَاجَ تون.
(سُر سريراڳ)

سُر ڪلياڻ ۾ فرماياڻين ته:

”وحدهُ جي وَڍيا، الا الله سين اورين
هينون حقيقت گڏيو، طريقت تورين
معرفت جي ماٺ سِين، ڏيساندر ڏورين
سِک نه سُتا ڪڏهين، ويهي نه ووڙين
ڪُلهنئون ڪورِين، عاشق، عبداللطيف چئي.

(سُر ڪلياڻ)

ساڳئي سُرَ ۾ فرمايو اٿس ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل
حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻي مَ ڀُلُ
هُو مُلاڇو هُل، باالله سندو سڄڻين.
(سُر ڪلياڻ)

ساڳئي بيت جي مناسبت سان سُر سهڻي ۾ فرمايائين تہ:

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، آسَرَ مَ لاهيج
لاتقنطوا مِن رَحمته الله، تُرهي اِنَ تريج
حَبيبائي هيج، پسين مُنهنُ ميهارَ جَو.
(سُر سهڻي)

اهڙي هدايت سسئي کي بہ ڏني اٿس جيڪا هن سُر سان مشابهت رکي ٿي، يعني تون آسرو نہ لاهج توکي محبوب ضرور ملندو.

پَسي ڏونگر ڏاهِ! جِمَ هَلَڻَ ۾ هيٺي وَهين
لانچي لَڪَ لطيف چئي، پُنيءَ کيچين ڪَاهِ
پُڇي پُورج، سسئي، بلوچائي باهہ
اِن وَرَائتِي وَرَ جي، آسَرَ هَڏِ مَ لاهہ
جو اِڪنئون اوڏو آهہ، سو پِرين پَرانهُون مَ چئو.
(سُر سسئي آبري)

سوره انفال آيت ٢ ۾ ارشاد رباني آهي

ترجمو: مومن اُهي آهن، جن جون دليون جڏهن الله پاڪ کي ياد ڪيو ويندو آهي تہ ڊڄنديون آهن ۽ جڏهن سندس آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائيبيون آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن سندن ايمان کي وڌائيندڙ آهن ۽ پوءِ اُهي
پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن.

سوره البقره آيت نمبر ١١٢ ۾ فرمايل آهي تہ:

ترجمو: هائو! جنهن پنهنجو مُنهن الله لاءِ نوڙايو ۽ اهو
ڀلارو بہ هوندو تنهن لاءِ سندس پالڻهار وٽ اَجرُ آهي.

سوره بقره آيت نمبر ١٦٥ ۾ ارشاد آهي تہ:

ترجمو: ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن، جي الله کان
سواءِ (ٻين) کي الله جهڙو ڪري وٺندا آهن ۽ الله جي
پيار وانگر پيارو رکندا آهن.

مٿين آيتن جي ترجمي ۽ مختلف بيتن جي حوالي سان شاهہ صاحب انسان کي سچي راهہ جو طريقو سمجهايو تہ سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ آهي.

صوفين وٽ مشهور حديث اها آهي تہ "جنهن پاڻ سڃاتو تنهن ربّ کي سُڃاتو"

نَڪا ابتدا عبد جي، نَڪا انتِها
جن سُڃاتو سُپرين، سي وڃڻ کي ويا.

اڳتي سر بروو سنڌيءَ ۾ فرمايو اٿس، جڏهن هن جو محبوب هن کان وڇڙي وڃي ٿو ۽ پوءِ نااميد ٿئي ٿو ۽ پنهنجي معشوق جي فراق ۾ پنهنجي اکين مان ڳوڙها ڳاڙي ٿو.

شاهہ صاحب اها هدايت ڪري ٿو. اي انسان تون پنهنجي ربّ

ڪان نااميد نہ ٿيءُ ۽ صبر ڪرڻ جي هدايت ڪندي چوي ٿو تہ پنهنجي ربَّ مان آسرو نہ لاهہ:

لڳيءَ جو، لطيف چئي، نڪو ڦال نہ ڦِيلُ
لڪِئي لامُون ڪوڙيُون، نيڻن وهي نَيرُ
هينئڙا ٿيءُ سُڌير، ڪالهہ قريبَنِ لڌِيو.

اي انسان، تقدير ۾ مشڪلاتون اچن ٿيون، ان ڪي همٿ سان جفا ڪشيءَ ۽ صبر سان مقابلو ڪر. اجايو پنهنجي اکين مان ڳوڙها نہ ڳاڙ ۽ اجايو ويهي وقت وڃائيندين تہ توکي تنهنجو محبوب هرگز نہ ملندو.

شاهہ صاحب جي نظر ۾ تہ انسان ذات لاءِ ڪو اهڙو وقت بہ يعني مشڪلاتون اچن ٿيون تہ بہ انهيءَ ڪي وساريو ڇڏجن پر ڪي گهڙيون اهڙيون بہ اچن ٿيون جن ڪي وسارڻ بہ چاهي تہ بہ وساري نٿو سگهجي ۽ عاشق ويچارو پنهنجي محبوب جي محبت ۾ ايترو تہ رڱيل آهي ۽ هن جي جدائي ۾ ايترو تہ ڳري ويو آهي جو سندس بدن جو ماس ئي ڳري ويو آهي. صرف هڏائون پڃرو وڃي بچيو اٿس، اتي بہ شاهہ صاحب صبر ڪرڻ جي تلقين فرمائي آهي، چوي ٿو تہ:

ڪي اوڏائي ڏُور، ڪي ڏور بہ اوڏا سُپرين
ڪي سنيرجن نہ ڪڏهين، ڪي وِسرن نہ مُورِ
جئن منهن ڪنڊيءَ پورُ. تَئِن دوست وراڪو دل سين.

هِن سُر ۾ عاشق ويچارو يعني انسان پنهنجي محبوب ڪي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ اي جانب! مون ڪان ڪاتي وٺ ۽ جيڪي بہ

منهنجي جسم ۾ عضوا آهن انهيءَ ڪاتيءَ سان وڍي ختم ڪر يعني ڪيتريون ٻه ادائون ڏيکارين پر مون سان صرف هڪ دفعو سنئون منهن ڪري نهارِ، پر محبوب اِئين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ٿو:

جانب! منهنجي جيءَ ۾، تنهنجي طَمَعَ پوءِ
وَنُ ڪاتِي، وَڍِ انگَڙا، اَدَبُ ڪرِ مَ ڪوءِ
ڀانيان ڀالُ سندوءِ، جي ساجَنَ سنئون نهارِين.

شاهه صاحب جو پنهنجي محبوب سان ايترو ته پيار آهي جو هُو پنهنجي محبوب کان هڪ پل به جدا رهڻ نٿو چاهي ۽ هُو اهو به نٿو سمجهي سگهي ته سندس محبوب ڪي ڪو ٻيو ڏسي يا ٻاڻ ڪنهن ڏي نظر ڪٿي نهاري ۽ پنهنجي محبوب کي ايتريون ته منٿون ٿو ڪري جو چويس ٿو ته:

اکين ۾ ٿي ويهه، ته آئون واري ڍڪيان
توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون ڏسان نه ڪِي ٻيو.

سُر بروو سنڌيءَ ۾ شاهه صاحب انسان ذات کي ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي ته توهان پاڻ ۾ ڀائرن وانگر ٿي رهو.

جيئن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي حج جي آخري خطبي ۾ بني نوع انسان کي هدايت ڪري فرمايو ته اي انسان اوهين سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيو ۽ اوهين سڀ حضرت آدم جو اولاد آهيو. ۽ پاڻ ۾ خون خرابو نه ڪريو ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ۽ محبت سان گڏ وقت گذاريو. اهڙو احوال سوره حجرا ۾ آيل آهي. انهيءَ نظريي کي سمجهي شاهه صاحب فرمايو آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪَڙو مَنجهه ڪڙي، جيئن لُهَار لپيٽيو
مُنهنجو جيءُ جڙي، سِپريِان سوگهو ڪَيو.

جيئن لوهار زنجير ٺاهڻ لاءِ هڪ ڪڙو ٻئي ڪڙي ۾ ملائي جڪڙيندو آهي، تيئن منهنجي جانب ٻ، منهنجي جيءَ کي پاڻ سان زنجير وانگر جڪڙي ڇڏيو آهي. منهنجي خيال ۾ ته شاهه صاحب جيڪو لوهار جو احوال ڏنو آهي ان جو مطلب ربّ پاڪ ڏانهن اشارو آهي ۽ زنجير جو مثال انسان ذات لاءِ آهي ته اهي نيڪ ۽ پرهيزگار رهن ۽ اي انسان جيڪو اوهين پاڻ ۾ زنجير وانگر ٻانهن ٻيلي ٿي، پاڻ ۾ محبت ۽ ڀائيچاري اتحاد سان گڏ زندگي گذاريو ته توهان ڪڏهن ٻ پنهنجي راهه نه وڃائيندئو ۽ دشمن ڪڏهن ٻ اوهان تي حملو نه ڪندو. هتي زنجير جو مطلب منهنجي خيال ۾ ٻڌي، ڀائيچاري، نيڪي ۽ پرهيزگاري لاءِ آهي.

سوره المائده ۾ آيت نمبر ٢ ۾ ارشاد رباني آهي

ترجمو: ۽ نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪمن ۾ هڪ
ٻئي سان سهڪار ڪندا ڪريو. گناهه ۽ ظلم جي
ڳالهين ۾ هڪ ٻئي جي مدد نه ڪندا ڪريو.

يعني اوهان متقي ۽ پرهيزگار ٿيو ۽ گناهن کان پاسو ڪريو. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته اسين، الله جي ڏنل احڪامن سان محبت ڪريون ته اسان جا سيئي گناهه ربّ پاڪ بخش ڪري ڇڏيندو.

سوره العمران جي آيت نمبر ٣٠ ۾ ارشاد آيل آهي ته:

ترجمو: چئو ته جيڪڏهن اوهان الله سان محبت رکو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تا ته منهنجي تابعداري ڪريو ته الله به اوهان سان
محبت ڪري ۽ اوهان جا گناهه بخش ڪري ڇڏي!
بيشڪ الله سائين بخشڻ وارو مهربان آهي.

سُر بروو سنڌيءَ ۾ شاهه صاحب اها هدايت ڪئي آهي ته خدا سان گڏ اُن جي رسول سان پڻ محبت ڪريو. چيو اٿس

نَازَ منجهانرا نڪري، جَڏهن پرين ڪَري ٿو پندُ
پُون پڻ "بسم الله" چئي، راهه چُمي ٿي رَندُ
اُيئُون گهٽي آدَبَ سين، حُورون حَيرت هندُ
سائينءَ جو سوگندُ، سَاجَنُ سَينئان سُهڻو.

يعني محبوب پنڌ ٿو ڪري هتي محبوب جو اشارو منهنجي خيال ۾ حضور اڪرم جن ڏانهن آهي. جڏهن حضور ﷺ جن معراج ڪيو ۽ جڏهن حضور جن جا قدم مبارڪ زمين تي ٿيا ته زمين بسم الله چئي پليڪار ڪري سندن قدم چُمي ٿي. ملائڪ ۽ حُورون سندن استقبال ڪرڻ لاءِ ادب سان بيهي ٿيون ڇو جو خدا جو محبوب سڄي ڪائنات کان وڌيڪ حسين آهي. ڇو جو ربّ پاڪ پهريائين نورُ (محبوب) کي پيدا ڪيو ۽ ان کان پوءِ سڄي ڪائنات جوڙيائين. الله تعاليٰ پنهنجي محبوب سان ملڻ لاءِ معراج جو معجزو ڏنو. جڏهن حُضور اڪرم ﷺ جن عرشي موليٰ تي خدا سان ملاقات ڪن ٿا ته جُتي لاهين ٿا، حڪم ٿئي ٿو ته اي منهنجا محبوب تون جُتيءَ سوڌو مون سان اچي مِلُ.

شاهه صاحب انسان ذات کي انسان ذات جي هدايت ڪرڻ

سان گڏ سُستي ۽ ڪاهليءَ کان پڻ روڪي ٿو ۽ هدايت پڻ فرمائي ٿو ته هيءَ دنيا فاني آهي، هن ڪوڙي دنيا کي بقا نه آهي. اصل ۾ اوهان جي دنيا بهشت يا دوزخ آهي، جن چڱا ڪم ڪيا انهن کي بهشت ۽ جن گناهه ڪيا انهن کي دوزخ ملندو. انهيءَ لاءِ شاهه لطيف اڳوات انسانن کي چوي ٿو ته:

فاني تي فاني، دُنيا دَمُ نه هيڪڙو
لَٽي لوڙهُ لٽَنِ سين، جُوڙيندَءِ جاني
ڪوڏِر ۽ ڪانِيءَ، آهي سِرَ سَيَڪَنهن.

هن بيت جو مطلب اهو نڪري ٿو ته جيترو وقت هن دنيا ۾ جيئرو آهين، تون پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪر، اجايو وقت نه وڃاءِ، بي همت انسان مان قدرت به بيزار آهي، بيڪار ۽ آرام پسند انسان کي جڳائي ته قدرت ڏانهن نظر ڪري ۽ ان مان محنت جو سبق حاصل ڪري:

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊَ نه ڪجي ايتري
سُلطاني سهاڳ، ننڊ نه ڪندي ملي.

وري ڪاهل انسان کي هدايت ڪيائين ته:

تتي ٿڌيءَ ڪاهِه، ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اوندهِه، پير نه لهين پرينءَ جو.

اهڙي نموني سسئيءَ کي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته پنهنجي محبوب کي ڳولڻ لاءِ تيز وِکَ وڌاءِ ۽ هر حالت ۾ هلندي هل ۽ پُنهونءَ جا پير ڳوليندي هل متان اوندهه ٿي وڃي ۽ پنهونءَ جا پير نه لهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهين. ساڳئي وقت ان جو مفهوم هڪ وطن پرست لاءِ هڪ دُنيوي انسان لاءِ، هڪ شاگرد لاءِ مطلب ته هر انسان لاءِ جيڪو به ڪو مقصد حاصل ڪرڻ چاهي ته (تتي ٿڌي ڪاهه) وارو طريقو استعمال ڪري ڇو جو هيءَ دنيا فاني آهي وقت نڪري ويندو ته وري هٿ نه ايندو. هميشه لاءِ شاهه صاحب اهو به فرمائي ٿو ته عملي زندگي آسان نه آهي ان ۾ هزارين مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون؛

سُوريءَ چڙهڻ سيج سين، اي ڪم عاشق جو

پاهون ڪين پَسَن، هَلَنِ سامهان.

يعني اهو درس ڏئي ٿو ته هن فاني دنيا ۾ جيڪا به حياتي ملي اٿئي ته هُو مشڪلاتن واري دنيا ۾ پنهنجو پاڻ پچائي عشق،مولا سان رچائي پنهنجي زندگيءَ کي ڳاري ماس پچائي ڇڏ. جيئن جوڳي لاءِ پنهجي محبوب جي ڳولا ۾ مادي اسبابن ۽ دُنوي لذتن جي ڪشش هن جي اڳيان ڪا به حيثيت نٿا رکن. هُو ڪبر ۽ شاهي شان و شوڪت کان بالا تر لنگوٽيءَ تي قانع آهي. اُنهن آڏو محل ۽ ماڙيون ڪا شيءِ نه بلڪ هُو ته هاهوت (معرفت) ماڻڻ لاءِ ڪرڪڻ پائي ڏادي ڏونگر جي ٻر واري پنڌ کي پسند ڪري ٿو. جيئن سسئي ويچاري ڀنڀور جي عيش ۽ آرام کي ڇڏي هاڙي، پب ۽ هالار جي هوڏ ۽ هٺ سان منهن ڏنو هو. نُوريءَ به پَٽ راڻي ٿي پاڻ کي پڏائڻ پسند نه ڪيو، اهڙيءَ طرح اي انسان تون نياز ۽ نوڙت سان هل، جيڪي به هن دنيا ۾ هوڏ سان هلن ٿا. انهن پنهنجي زندگي اجائي وڃائي ڇڏي. ربّ پاڪ کي صرف نياز نوڙت پسند آهي. دنيا ۾ جيڪي چڱا ڪم ڪندي اهي ئي توکي ڪم ايندا، جڏهن تنهنجو دم پنهنجي بدن مان نڪري ويندو پوءِ ڪانڌي

توکي زمين ۾ دفن ڪري هليا ويندا. اتي صرف توکي ڪوڙر ۽ ڪانو کم ايندو يعني تنهنجا عمل ۽ ربّ پاڪ ڪم ايندو. ان لاءِ حُضور اڪرم صہ جن فرمايو تہ ”دنيا آخرت جي کيتي آهي اڄ جيڪي پوکبو سو سڀاڻي لڻبو.“

شاعر فرمائي ٿو:

گندم از گندم بروید جوز جو
از مکافاتِ عمل غافل مشو.

ڪڻڪ پوکي ڪڻڪ لُڻبي، جَوَ پوکي جَوَ لُڻبا. ساڳيءَ ريت نيڪ عملن جي جزا ربّ پاڪ جي خوشنودي ۽ بهشت آهي. بُرن عملن جي سزا ربّ پاڪ جو ناراضپو ۽ دوزخ آهي. شاهہ صاحب انسان کي پنهنجي اجائي حياتي وڃائڻ کان دلنشين انداز ۾ روڪيو آهي:

سي تو ويهي وڃايا، جي ڪَتَڻَ سَندا ڏينهنَ
اَرِٽَ اوڏيَ نہ ٿئين، پوري پوري سيئن
ڪَنڌُ ڪٽنديءَ ڪيئن، اگهُ عجيبَن جي؟

(سُر ڪاپائتي)

يعني هيءَ ٿورن ڏينهن جي حياتي، نيڪ عمل ڪرڻ لاءِ آهي مگر تون نيڪ عملن جي اوڏو بہ نٿو وڃين، سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جڏهن فاني دنيا ۾ ذري پرزي، برابر ڪيل نيڪيءَ ۽ بدي جو اعمال نامون تنهنجي آڏو هوندو تڏهن ڪنڌ ڪيئن کڻي سگهندين؟

سُر برِوو سنڌيءَ ۾ شاهہ صاحب انسانن کي هن ڪوڙي دنيا ۾ دوست ناهڻ لاءِ بہ آگاهي ڏني آهي تہ ڪهڙي طريقي سان دوست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناهجن جو جو شاهه صاحب کي خبر هئي تہ انسان جي مٿان ڪھڙيون ٻہ مشڪلاتون ۽ آفتون اچي نازل ٿين تہ ڪيس ثابت قدم ٿي انهن کي مُنهن ڏيڻ گهرجي. رڳو خدا تي ڀروسو رکي هٿ، هٿ ۾ وجهي ويهي رهڻ نہ گهرجي پر پنهنجي سِر سعيو بہ ڪرڻ گهرجي.

"لَيسَ لِلملاِ انسانَ اِلاّ ما سَعَيٰ

يعني انسان لاءِ سعي کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪينهي، اول پاڻ تي ڀاڙڻ گهرجي پوءِ خدا تي ڀروسو رکجي. موقعو هٿان نہ وڃائجي، جاڪاڻ تہ تِر جي کُٽي سَوَ چوٽون کائي.

شاهه صاحب فرمايو:

آدِمُين اِخلاصُ، مَٿائي مانو ڪيو
هاڻ ڪائي سَيُڪو، سَندو ماڙهُوءَ مَاسُ
دِلبرَ! هن دنيا ۾، وجي رَهندو واسُ
ٻئي سَبُ لوڪ لِباسُ، ڪو هِڪَدِل هوندو هيڪڙو.

مطلب تہ دنيا ۾ وفائي ۽ محبت جو ذڪار آهي، ماڻهن پنهنجو اخلاق مِٿائي مانو ڪيو آهي. ماڻهوءَ، ماڻهو جو ماس ڀيو ڪائي، ماڻهن کان وڌيڪ، مِرن ۽ پکين ۾ ميٺ ۽ پيار آهي، پر تڏهن اڳلي کي کپي تہ پنهنجي واڙان نہ وڃي، چڱايون ڪرڻ چڱن جو لائق آهي ۽ ٻچڙايون ٻچڙن جو لائق آهي. جيڪڏهن تون ٻُچڙن سان ٻُچڙو ٿيندين تہ پوءِ تنهنجي ۽ هُن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت. جيڪڏهن چڱو ماڻهو آهي ۽ توکي خاطري آهي تہ ان جي سنگ مان تون لاڀ پرائيندين تہ پل تہ هو تو سان ڪهڙي بہ هلت ڪري، تڏهن بہ تون هن جي پاند کي هٿان نہ ڇڏ! جي هو هڪالي ڪڍئي تہ بہ تون ان جي اڳيان پڪڙا اڏي وجي گهار:


Scanned with CamScanner

ڪوڙي ڪَنُ مَ سُپرين، ڪنيئي تان ڪوڙ
عادَت جا اکيُن جَيَ، سا نيئي نباهج توڙ
مُون ۾ عيبَ ڪروڙِ، تُون پاڻ سُجائج سُپرين!

آخر ۾ عاشق معشوق کي عرض ٿو ڪري تہ مون ۾ ڪيترائي عيب آهن انهن کي تون نہ ڏس، مون سان اچي مِلُ، مطلب تہ شاهہ صاحب جو چوڻ آهي تہ اي انسان تون پنهنجي گناهن جي معافي رب پاڪ کان گهر ڇو جو هو معاف ڪندڙ ۽ سباجهيندڙ آهي.

المقصد تہ شاهہ صاحب بني نوع انسان کي هدايت ڪري ٿو تہ ”هي دنيا عملن ڪرڻ جي جاءِ آهي، تون الله ۾ توڪل رک، هر هڪ شيءِ جو مالڪ خود خدا آهي جيڪي بہ گُهرڻو اٿئي ان کان گُهر. هن دنيا ۾ پنهنجي زندگيءَ کي سنواري، زندگيءَ جي مشڪل مسئلن کي سمجهڻ جي واٽ ڏيکاري اٿس. اهو بہ ٻڌايو اٿس تہ زندگي هڪ امانت آهي جنهن جي لاءِ مختصر وقت ڏنو ويو آهي ۽ اهو وقت انسان کي بيڪار وڃائڻ نہ گهرجي.

شاهہ صاحب اهو بہ دَرسُ ڏنو تہ انسان جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي، پنهنجي پروردگار جي سامهون انتهائي عاجزيءَ سان پاڻ کي پيش ڪرِ. اُهو پروردگار جنهن جو ڪو بہ ثاني نہ آهي. هُو هر هنڌ حاضر آهي ۽ ڪيس ڪنهن جي بہ مدد جي ضرورت نہ آهي. هُو خالق ۽ مالڪ آهي.

شاهہ صاحب جي هدايت مطابق تہ اي انسان! تون ربّ پاڪ کان اهڙيءَ ريت گهُر جو هو رحيم ڪريم آهي. آئون شرمسار آهيان.

در حقيقت شاهہ جي نظر ۾ سچو انسان اهو آهي جو پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خالق جي عبادت ۽ خلق جي اصلاح ۽ خدمت ۾ هر وقت حاضر رهي. جوڳي، سنياسي، نوريءَ جي منزل کي حاصل ڪرڻ، سُهڻيءَ وانگر توڪل رکڻ، نوريءَ جي نياز وانگر مختلف مرحلن مان گذري پنهنجي زندگيءَ کي سنوارڻ گهرجي.

سُر بَرُوو سنڌيءَ مان اِها هدايت ملي ٿي ته پنهنجو نفس نِهوڙي ربَّ پاڪ جي بندگي ڪري ان کي ريجهائڻ، پنهنجو پريتڻو پچائي من ۾ محبت جو مچ مچائي، پنهنجو اندر اجارڻ، واليءَ جي وصال لاءِ ويجهي وڃڻ، اهڙيءَ طرح نه رڳو پنهنجي دنيا پر آخرت به اُجاري سگهجي ٿي.

ساري رات سُبحان، جاڳي جِنِ ياد ڪيو
اُن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪَنِ سلام، آڳهه اچيو اُن جي.

## ببلو گرافي


١. مقالو، سُر رامڪلي - حميد سنڌي
٢. مقالو، سُر رامڪلي - شيخ رضيه
٣. مقالو. سُر رامڪلي - جوهر بروهي
٤. احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي - شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ
٥. مقدمه لطيفي - ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي
٦. شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ اسلامي قدر - ١٩٦٦ع ٢١٤ هين ورسي.
٧. سلڪ لطيف - عبدالقادر ابڙو - ١٩٦٨ع
٨. لطيف سالگره مخزن ١٩٦٧ - ٢١٥ هين ورسي - حڪيم محمد يعقوب قادري.
٩. شاهه جو رسالو - ڪلياڻ آڏواڻي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر بشير احمد شاد

# روحاني رازن جو ڀنڊار
# سر بروو سنڌي

سُر ”برووِ“ هڪ هندستاني راڳڻيءَ جو نالو آهي. ڀانئجي ٿو تہ ان ۾ ڪجھ ڦير ڦار ڪري ”برووِ سنڌي“ جي نالي سان سُر ترتيب ڏنو ويو آهي.

لاڪيٽي لطيف جي هن سُر ۾ انيڪ روحاني رمزون پنهان آهن ۽ منجهس پند و نسائح جا خوبصورت سبق سمايل آهن. رب جي وحدانيت جي واکاڻ ڪيل آهي ۽ انسان کي ان ڪريم جي ڪنجڪ وٺڻ جي تاڪيد ٿيل آهي. سپرينءَ جي سونهن جي ساراهہ جا ڏِڪ ڀريل آهن. محبوب جي فراق ۾ عاشق جي ڳلن تان ڳوڙهن جي وهڻ جو ذڪر آهي. منجهس پياري پرينءَ تان جان و مال نڇاور ڪري ڇڏڻ جي ترغيب ڏنل آهي. هن سُر ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سپرينءَ، سالڪ جو جيءُ جڙي اٿين سوگهو ڪري ڇڏيو آهي، جيئن ڪڙو ڪڙي سان جڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر الله وارن جي نظرن ۾ روح جو رشتو فقط هڪڙيئي من گهري محبوب سان ڳنڍيل آهي. دنيا جي رشتن ۾ پل ڪوئي ڪيترو به ويجهو ڇو نه هجي پر ضروري نه آهي ته انهيءَ جو عڪس ذهن تي سدائين غالب هجي. گويا ويجهو رهندي به اهو ڏور هوندو آهي. بلڪ ڪڏهن ته مورڳو وسريو وڃي. پر رب پاڪ جي بي مثل هستيءَ جي ياد سچن عارفن ۽ عشاقن جي دل جي تختيءَ تي سدائين تحرير ٿيل هوندي. هو هر پل هر پهر مالڪ جي ذڪر و فڪر ۾ محو و مگن هوندا آهن. اهڙن سچارن جي دل کي ڪُنڊي مينهن جي پور جيان (وڪوڙيل سگهن) رب جي محبت جو پيچ پيل هوندو آهي:

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به آوڏا سُپرين
ڪي سَنيرجن نه ڪڏهن، ڪي وسرن نه مور
جيئن مينهن ڪُنڊيءَ پور، تيئن دوس وراڪو دل

سين.

مال ۽ دولت عام انسان جي بنيادي ڪمزور رهي آهي. عام طور انسان زر جي هوس ۾ ضمير جي سودي ڪرڻ کان به ڪين ڪيٻايو آهي. مذهب دين ۽ ايمان جي حد بندين کي اورانگهيو آهي ۽ اندر جي آواز تي ڪن لاتار ڪئي آهي. ڪڏهن ته دولت خاطر ڪبيرن گناهن جو مسلسل مرتڪب ٿيو آهي. اهڙن انسانن لاءِ چيو ويو "دنيا ڪارڻ دين وڃائي ولها ٿيا!"

رب جا سچا ٻانها ۽ اڙنگ عاشق اهڙي فتنه انگيز شيءِ کان پاڻ بچائي رکندا آهن. هو پنهنجي سچي سپرينءَ تان اها سڀ دنيا ۽

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دولت، مال ملڪيت، جاهه ۽ حشمت بنا دير نڇاور ڪري ڇڏيندا آهن. سندن روح جو رشتو رب سان جُڙيل هوندو آهي. مالڪ جي نالي وٺڻ ۽ ذڪر ۽ فڪر سان هنن کي بي انتها سڪون محسوس ٿيندو آهي. سندن رڳ رڳ ٻُري پوندي آهي. اهڙا سچا انسان هر دم ائين سوچيندا آهن تہ جنهن مالڪ جي مٺي نالي وٺڻ سان روح کي ايتري راحت ۽ جسم کي ايتري فرحت اچي ٿي، تنهن مٺي محبوب جي جلوي ۽ جمال پسڻ تي تہ الائي ڪيتري خوشي نصيب ٿيندي!

ماڙهو گهرن مال، آئون سڀ ڏيهن گهران سپرين
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪيان في الحال
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿئو.

جن خوش نصيب انسانن کي عشق الاهي جي چٽنگ چولي ۾ پئي ۽ ڪين معرفت جي واٽ نصيب ٿي، سي ڪامل عارف بڻجي ويا. جڏهن کان اهڙن اهل الله انسانن جي سپرينءَ سان ساڃاهہ ٿي، تڏهن کان سندن آرام حرام ٿي ويو ۽ پوءِ انهن هڪ پل لاءِ بہ پرينءَ کي ڪونہ وساريو. جيڪي عارف الله پاڪ کي سدائين ياد رکندا آهن، انهن کي الله پاڪ بہ ڪونہ وساريندو آهي. "فاذڪروني اذڪر ڪم" بلڪ اهڙن پنهنجي پيارن ٻانهن جي جيءَ ۾ جايون جوڙي ويهندو آهي؛

جڏهانڪر ٿيام، ساڃاهہ سپرينءَ سين
تڏهانڪر تر جيترو وير نہ وسريام
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

سموري مخلوق الله تعاليٰ جي تابع آهي. خصوصا انسان، جنهن

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي خالق ڪائنات، اشرف المخلوقات ڪري خلقيو، تنهن ڪي مالڪ ڪل سان آقا ۽ غلام وارو تعلق رکڻو آهي. پر ڏٺو وڃي ته عام طرح انسان دنيا جي رنگ محل ۾ ايترو ته غافل ٿي وڃي ٿو جو ڪيس ان قادر ڪارساز جو اونو ئي نٿو رهي. پر خداوند تعاليٰ جا نيڪ ۽ صالح بندا پنهنجي رب جي حاڪميت ۾ غلام ٿي گذاريندا آهن. انهن جو هر قول ۽ عمل رضاءِ ايزدي خاطر هوندو آهي. ان حاڪم جي حضور، هو ادنيٰ غلام جيان هر وقت هٿ ٻڌي حاضر رهندا. اهي اهڙي سپرينءَ جي در جي غلامي هڪ لحظي لاءِ به ڇڏڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن ۽ هر وقت پرينءَ کي پارتون ڪندا رهندا آهن ته اي مهربان مولا! اسان جي مٿان پنهنجي مهر ۽ شفقت جو سايو سدائين قائم رک:

تون صاحبزادو سپرين، آئون نسورو نوڪر
بي حد ڪريان بندگي، هٿ ٻڌي حاضر
ڇن ڇڏيندس ڪينڪي، دوس اوهان جو در
مون تان مهر نظر، پرين لاهم م پاهنجو.

اهڙا موحد ۽ مرد مومن پٽڪي ويل عام انسان کي ظلمت کان نور ڏانهن، گمراهي کان نجات ڏانهن سڏيندا آهن ۽ ڪيس صراط مستقيم جو ڏس ڏيندا آهن، رب جي ربوبيت، عظمت ۽ طاقت، جاه ۽ حشمت ياد ڏياريندا آهن، جيڪو ڪُل ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. اهڙا سچا ۽ صالح انسان ٻين جي محتاجي ۽ غلامي اختيار ڪرڻ جي ڏس ۾ سندن رهبري ۽ رهنمائي ڪندا آهن. پوءِ جن انسانن کي هدايت حاصل ٿي ۽ انهن رب العالمين سان لنوءَ لڳائي سي، سدائين سکي رهيا. کين قلبي ۽ ابدي سڪون حاصل ٿي ويو. اهي ٻنهي جهانن جي نعمتن

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان مالا مال ٿي ويا.

ڇا کي وڃي ڇو، ٻيلي ٽين ٻين جو
وٽ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو
سوکو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

انسان جو پنهنجي حياتيءَ تي ڪو ڀروسو ڪونهي، نه ئي وري موت تي ڪيس ڪو اختيار آهي، بلڪ زندگي ۽ موت جو مالڪ مولا آهي، جن انسانن کي الله جي عشق جو رنگ لڳو، سي موت کان بي نياز ٿي ويا. پوءِ اهي پلارا انسان پرينءَ سان مستقل ميلاپي ٿيڻ لاءِ تنگ ڇناٿيندا آهن ۽ دنيا جي ڪوڙڪيءَ مان جلد از جلد نجات حاصل ڪري عقبيٰ واري حيات جاودان جا متمني هوندا آهن. اهي عشق حقيقي جي راهه ۾ جبل جيڏا غم سيني تي سهيو ويٺا هوندا آهن. سچي سپرينءَ کي راضي رکڻ خاطر هو دنيا جي دولاب کان دور رهندا آهن. ڪيئي ڪشالا ڪيندا آهن. عبادتون رياضتون ڪندا آهن. نفس پليد کي پنهنجو مطيع بڻائي ڇڏيندا آهن. تڏهن مس مس مالڪ راضي ٿي عالم بيخوديءَ ۾ مٿن اسرار کوليندو آهي ۽ پنهنجي جلوي ۽ جمال جي جهلڪ عنايت ڪندو آهي. اهڙي انمول نعمت عطا ٿيڻ تي اهي عاشق بي انتها مسرور هوندا آهن.

پروس تيمر پراڻ، پرين وس نه پاهجي
لڳو ڪنءَ لطيف چي، چير چاتيءَ سان
پرين ڏيکاري پاڻ، خوش ڪري وٺا خواب ۾.

پٺائي پلاري رحه، مرد ڪامل جي، پنهنجي محبوب لاءِ بي انتها

محبت ۽ عقيدت جو اظهار، ڪهڙي نہ عمدي پيرايي ۾ ڪيو آهي. فرمائي ٿو: سچو سالڪ پنهنجي پياري محبوب کي ساري ڪس منٿون ٿو ڪري تہ اي سپرين! جي هڪ پيرو اچي منهنجو اڱڻ اجارين تہ هوند مان پنهنجون پنبڻيون (اکيون) تنهنجي پيرن تي رکان يعني تنهنجي پيرن کي پنهنجي اکين سان چُمان. پنهنجا وار تنهنجي لاءِ سيج جو سينگار بڻائي وڇائي ڇڏيان، ۽ سموري عمر جيڪر تنهنجي غلاميءَ هيٺ گذاريان.

اچين جي هيڪار، مون سارينديءَ سُپرين
پيرين ڏريان پنبڻيون، هنڌ وڇائيان وار
ساجن! سڀ ڄمار، هوند گولي ٿي گذاريان.

پروردگار سان پيار ڪندڙ پيارا پانهنجا بہ اهڙيءَ ريت ڏٺي در دعائون گهرندا آهن، تہ اي منا مالڪ تون هڪ پيرو پنهنجي نظر ڪرم ڪرين تہ هوند مان پنهنجو مال متاع، جسم و جان، هر چيز گهور ڪري ڇڏيان، ۽ سموري عمر تنهنجا ڳڻ ڳائيندي غلاميءَ هيٺ گذاري ڇيان.

مالڪ مهربان آهي. هن هميشہ پنهنجي ٻانهن تي شفقت ۽ مهرباني جي ڇانو ڪئي آهي. دانائي ۽ تدبر فقط انهيءَ عظمت پري مالڪ کي جڳائي. رب جا برگزيده بندا هميشہ انهن صاحب جو دوسخا جا ڳڻ ڳائيندا آهن ۽ التجائون ڪندا آهن تہ اي منهنجا خلقڻهار مهربان مولا! جيڏي تنهنجي عظمت ۽ جلال آهي، ۽ جيڪو تو وٽ تدبر ۽ دانائي آهي، منهنجي مٿان تون ايڏي ٿي ڪرم نوازي ڪرڻ فرماءِ. تنهنجي طاقت ۽ دانائي آڏو اهو ڪم ڪو ڏکيو ڪونہ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جانب تون جيڏو، آهين شان شعور سين
مون تي ڪر مهجا پرين، توهُ تسي تيڏو
اي ڪامل! ڪم ڪيڏو؟ جن نوازيم نگاهه سين.

پڻائي گهوٽ رحم پنهنجي ڪلام ڪي جتي ٻين صنعتن سان سينگاريو آهي، اتي تشبيهات بہ حد ڪمال جون ڏنيون آهن. هن سر جي هڪ بيت ۾ لاکيڻو لطيف رحم سچي سپرينءَ سان نينهن جي ناتي جو مثال ڏيندي فرمائي ٿو تہ: جهڙي طرح لوهار لوه جا ڪيترائي ڪڙا ٺاهي انهن کي پاڻ ۾ ڳنڍي مضبوط زنجير تيار ڪندو آهي. ۽ ڪڙا هڪ ٻئي سان ايڏا تہ جُڙيل هوندا آهن جو انهن کي سولائي سان ڌار ڪري ڪونہ سگهبو آهي. اهڙيءَ طرح پياري پرينءَ منهنجي دل کي پاڻ وٽ اهڙو سوگهو ڪري جڪڙي ڇڏيو آهي جو ڇجي ڌار ٿيڻ جو تصور ئي محال آهي.

جن انسانن جو واحد سان واهپو ٿي ويندو آهي ۽ رب رحمان مٿن ڪرم جي نظر ڪندو آهي، اهي سچا عارف ۽ عابد بڻجي ويندا آهن، ۽ پروردگار پنهنجي اهڙن پيارن سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي.

ڪڙو منجهہ ڪڙي، جئن لهار لپيٽئو
مهجو جيءُ جڙي، سپريان سوگهو ڪئو.

سچن سالڪن جي من ۾ محبوب لاءِ سدائين اڻ تڻ ۽ انتظار هوندو آهي. اهي عاشق عشق جي راهہ ۾ پنهنجو جسم ۽ جان قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا آهن، ۽ الله کي التجا ڪندا آهن تہ اي مالڪ! هن امتحان ۾ جيڪڏهن منهنجو سر درڪار آهي تہ دم دير نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ، پنهنجي قرب جي ڪاتيءَ سان منهنجا عضوا ڪپي ڪوري ڇڏ. مون کي تہ فقط تنهنجي ڪرم جي نظر درڪار آهي. اي پرين! جي مون مسڪين جي مٿان پنهنجي مهرباني جو اولو ڪرين تہ هوند مان تنهنجا وڏا ڀال ڀلايون ڀانيان.

جانب منهنجي جيءَ ۾، تنهنجي طمع پوءِ
وٺ ڪاتي، وڍ انگڙا، ادب ڪر مَ ڪوءِ
ڀانيان ڀال سندوءِ، جي ساڄن! سنئو نهارين.

محبت جي زباني دعويٰ ڪرڻ تمام آسان آهي. پر پريت جي ريت نڀائڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي. دنيا جي ظاهري وهنوار ۾ اسان کي ڪيترائي اهڙا مطلبي انسان ملندا، جيڪي پنهنجي مطلب خاطر ظاهري طور وڏي دوستي ڀائيپي ۽ محبت جو دم هڻندا، ۽ ٻلهار ٻلهار پيا ويندا. پر جڏهن ڪو مشڪل وقت درپيش ايندو تہ طوطي وانگر اکيون ڦيرائي ڇڏيندا. يا وري ڳولهيا نہ لڀندا. اهڙا انسان پنهنجو مقصد ماڻڻ بعد اهڙي تہ بي رخي اختيار ڪندا آهن جو ڄڻ ڪا ڄاڻ سڃاڻ ئي ڪانہ هجي. دراصل انسان جي صحيح سڃاڻ اوکيءَ ويل تي ئي ٿيندي آهي. دوستيءَ جي هام هڻڻ سولي آهي پر اهو نازڪ ناتو نڀائڻ تمام ڪٺن ڪم آهي. لطيف سائين رحہ انهيءَ مفهوم کي هن ريت ادا ڪيو آهي.

يار سڏائي سيڪو، جاني زباني
آهي آساني، ڪم پئي تي ڪل پوي.

هر دور ۾ اها دانهن رهي آهي تہ انسانن مان خلوص موڪلائي ويو. اقدار ئي بدلجي ويا. ڀٽائي صاحب رحہ کي بہ ان قسم جي

شڪايت رهي. انهيءَ سلسلي ۾ هو پنهنجي احساسات جو اظهار هن ريت ڪري ٿو. نفسا نفسي جو عالم آهي. انسانن مان خلوص ختم ٿيندو پيو وڃي. ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس پٽي رهيو آهي. هر ڪو بت کان بيزار آهي. ملڪ مان محبت گويا صفا موڪلائي وئي آهي.

دراصل انسان جو خلوص، سچائي ۽ نيڪ نامي ئي باقي رهڻ واريون خوبيون آهن. جن کي ياد ڪري ڪنهن انسان جي تعريف ڪئي ويندي آهي. باقي تہ دنيا جي هر شيءِ پائيدار ۽ فاني آهي. نيڪو ڪار انسان جا نيڪ اعمال خوشبوءِ وانگر پکڙجي وڃن ٿا. دنيا ۾ رياڪار انسانن جي ڪمي ئي ڪانهي، جيڪي ظاهري ڏيک ويک جا قائل آهن ۽ ابن الوقت بڻجي زندگي گذارين ٿا. صاف دل ۽ نيڪ انسان جي اٿاث آهي، هتي سچار ڪي هيڪڙ ٻيڪڙ مس ملندا.

آدمن اخلاص، مٺائي مانو ڪئو
هاڻ ڪائي سڀ ڪو، ماڙهوءَ سندو ماس
دلبر! هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس
ٻي سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪ دل هوندو هيڪڙو.

موت هر انسان تي اوس اچڻو آهي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کان ڪو انڪار ڪري ئي نٿو سگهي. موت کان بعد انسان جي ابدي آرام گاهہ يعني قبر کي ڪوڏر سانءِ کوٽي تيار ڪيو ويندو آهي. اها قبر انسان جي قد مطابق کوٽي ويندي آهي. قد جي ماپ ڪاني سان ڪبي آهي. ان بعد انسان کي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي. پوءِ سندس مائٽ عزيز ۽ رشتيدار مٺ مٽيءَ جا مٿس وجهي لٽن سان لٽي ايندا آهن. پٽائي

ڀلارو رحه فرمائي ٿو ته اها ڪوڙر ۽ ڪاني سيڪنهن جي سر تي اچڻي آهي.

لتي لوڙه لتن سين، جوڙيندءِ جاني
ڪوڙر ۽ ڪاني، آهه سر سڀ ڪهين.

الله پاڪ عليم ۽ خبير آهي. هو اسانجي ڪچاين ۽ ڪوتاهين کان پوريءَ ريت واقف آهي. اسانجي مداين کان باخبر هوندي به ڪڏهن اسان کي ڏوراپو ڏيئي لڄي نٿو ڪري. ڇا لاءِ ته هو نهايت بردبار آهي، اهو مالڪ اسان کي پنهنجي رحمت جي پاڇي ۾ پناه ڏئي اسان جون سموريون ڪوتاهيون ۽ ڪمزوريون ڍڪي ٿو ڇڏي. رب جي رحمت جو دامن وسيع آهي، ڀٽائي ڀلاري رحه الله پاڪ جي ذات ۾ پنهنجي غير متزلزل عقيدت جو اظهار شعر جي ٽن سٽن ۾ کهڙي نه اثرائتي انداز ۾ ڪيو آهي.

منهنجي مدائين جي، ڪل پريان پيئي
ڪڏهه ڪوسا نه ٿيا، ڏوراپو ڏيئي
ساجن! سيئي، ڍڪيم ڍول ڍلائيون

لاکيڻو لطيف رحه سچو عاشق رسول هو. هن پاڻ ڪريم جن کي پنهنجو مثالي محبوب (Ideal) ڪري مڃيو آهي. "سُر ڪنيات" ۾ رسول پاڪ جن جي شان ۾ ساراهه جا ڏيک پريا اٿس. هن سر ۾ پڻ اهڙا بيت ملن ٿا. هڪ بيت جو مفهوم ڪجهه هن ريت آهي. منهنجا سُپرين جڏهن ناز ۽ بردباريءَ سان قدم مبارڪ کڻن ٿا تڏهن زمين پاڻ تي ناز ڪرڻ لڳي ٿي، ۽ مٺي محبوب جو "بسم الله" چئي آڏر ڀاءُ


Scanned with CamScanner

ڪري ٿي. آسمان تي حورون حيرت ۾ پئجي وڃن ٿيون ۽ ادب ۽ احترام وچان اٿي بيهن ٿيون. مون کي خدا جو قسم ته اسان جو محبوب خالق ڪل جي تخليق جو بي مثال شاهڪار آهي.

ناز منجهاران نڪري جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
پونءَ پڻ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رند
اُپيون گهٽي ادب سين، حورون حيرت هنڌ
سائين جو سوڳنڌ، ساجن سيبان سهڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**هدايت پريم**

•

# سُر بروو سنڌيءَ جو لساني جائزو

سنڌي ٻوليءَ جي وسعت، گهرائي ۽ ڪشادگي، جيڪا نه صرف لفظي ذخيره ۾ موجود آهي، پر پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوٽين ۾ پڻ جيڪو رچاءُ، ترنم ۽ تڪبندي موجود آهي، سو سڀ شاهه لطيف جي شاعريءَ وسيلي سنڌ واسين جي پلئه پيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو ياڳ ڀلارو ٿيوجو شاهه جو جنم سنڌ ڌرتيءَ تي ٿيو. شاهه صاحب جي ٻولي اڄ کان اڍائي سئو ورهيه اڳ جي سنڌي ٻوليءَ جو نهايت خوبصورت نمونو آهي، جنهن جي لساني ڇنڊ ڇاڻ سان اُن دور جي سنڌي ٻوليءَ تي روشني وجهي سگهجي ٿي. شاهه جي سموري ڪلام تي اهڙو ڪم ڪرڻ جي اهميت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا شاهه جي ٻوليءَ جي باريءَ ۾ لکي ٿو:

The language of Risalo is throughout exquisitely beautiful,



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

vigorious, forcible, and subline. His dictionis on the whole pure Sindh. For this reason, two, his poetry penetrates deep into the hearts of Sindhis and carries them away. The feel them selves at home with him. He is the admiration and pride of all.(1)

شاهه جي ٻوليءَ لاءِ سورلي لکيو آهي:

شاهه عبداللطيف سنڌي ٻوليءَ کي اهڙي سهڻي تخيل سان پرپور نموني اظهار جو ذريعو بنائڻ وارو پهريون وڏو شاعر هو. هن اهو ڪارنامو جنهن دور ۾ سر انجام ڏنو، ان وقت سنڌ ۾ اجا سنڌي ٻولي وچولي دور مان گذري رهي هئي. نتيجي طور سنڌس شاعريءَ تي ان دور جي انفرادي مهر لڳل هئي. جيڪا ٻيهر ڪڏهن به لڳي نه ٿي سگهي. ساڳئي مقامي ماحول، ساڳئي خيال جي دائري، يقين ۽ احساسن اندر ڪو ٻيو ماڻهو هن قسم جي شاعري نٿو تخليق ڪري سگهي.(٢)

سر بروو سنڌيءَ ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي باري ۾ چند ويچار پيش ڪجن ٿا.

## صوتياتي جائزو

اڄ کان اڍائي سو ورهيه اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ موجود هئا جن جا ڪي آواز اڄ اسان کي بدليل صورت ۾ ملن ٿا، يعني ته صوتي تبديليون ظهور پذير ٿيون آهن. ٻين ٻولين مان ورتل لفظن کي پڻ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج موجب تبديل ڪيو ويو ٿو. اهڙين تبديلين جا ڪجهه مثال سر بروو سنڌيءَ مان پيش ڪجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* وڃڻ در دوسن، هر هر هوڙائي.
* جيئن مينهن ڪنڌيءَ پوري، تيئن دوس وراڪو دل سين.

فارسي لفظ "دوست" جي جاءِ تي "دوس" لفظ شاهه صاحب ڪيترن ئي هنڌ ڪم آندو آهي. هت "ت" آواز کي حذف ڪيو ويو آهي، يعني تہ شاهه صاحب عام محاوري مطابق "دوست" لفظ جي بگڙيل صورت "دوس" استعمال ڪئي آهي.(٣)

* ويچ ڏنيئين ڪُھُ ٻانهن، سور هِنئين کي سامهان

هن ڪوه معنيٰ "چو" لفظ مان "١و" گهٽايو ويو آهي.

* دلبر دل ڪسي ويين يار ٽيين پو پاڪي.

هن سٽ ۾ "پوءِ" لفظ مان "ءِ" گهٽايو ويو آهي.

* پَرَ وَسِ نيم پراڻُ، پرين وس نہ پانهنجي.

هن سٽ ۾ "پنهنجي" لفظ ۾ "آ" جو اضافو ڪيو ويو آهي.

*جڏهانڪر ٽيامر، ساڃاهہ سپرين سين،
تڏهانڪر تِرَ جيترو وير نہ وسريامر،
اندر روح رهيامر، سڄڻ اوطاقتون ڪري.

ٽيامر، وسريامر ۽ رهيامر، لفظن مان اڄ جي سنڌي ۾ "آ" سر غائب ٿي چڪو آهي، ۽ "وير" ۾ "ر" وينجن جي جاءِ تي "ل" وينجن اچي چڪو آهي، يعني "ر"، "ل" سان تبديل ٿي چڪو آهي.

* پانئيان پال سندوءِ، جي ساڄن سنئون نهارين.

”ساڄن“ لفظ جو ”ڄ“ آواز هاڻ ”ج“ تي ڇڪو آهي.

* ڏينهان ڏورڻ ڏونگرين، روئڻ سجيائي رات

هن سٽ ۾ سجيائي لفظ ڪم آندل آهي، جنهن مان ”يا“ پد گهٽائي اڄڪلهه ڪم ايندو آهي.

* ڪٿان سڪيين سپرين! ڪاسائڪي ڪار،

هن سٽ ۾ ڪٿان جي بجاءِ ”ڪٿان“ ڪم آندل آهي. ”ٿ“ آواز ”آ“ سر سان تبديل ٿيڻ جو هڪ نرالو مثال آهي. اهڙو هڪ نرالو مثال هيءُ به آهي:

* ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ.

هن سٽ ۾ ”منجهان“ جي جاءِ تي منجهاران“ ڪم آندل آهي.

## صرفياتي جائزو

حالت جريءَ لاءِ شاهه صاحب اڪثر ”آ“، ”آن“ ۽ ”ئون“ پڇاڙيون ڪم آنديون آهن. پر سر بروو ۾ صرف ”آن“ پڇاڙيءَ جا به مثال ملن ٿا:

* ساڄن سينيان سهٽو مون ڪي سائين جو سوڳند.

سينيان = سين ڪان. هت ”آن“ پڇاڙي ڪم آندي وئي آهي.

* ڏينهان ڏورڻ، ڏونگرين، روئڻ سجيائي رات

ڏينهان = ڏينهن جو. هت به ”آن“ پڇاڙي ڪم آيل آهي.

امر واحد جي پويان ”يو“، ”اِي“ پڇاڙي ملائڻ سان نعل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معطوفي ٿيندو آهي.(۴) سر بروو سنڌيءَ جا فعل معطوفي هن ريت آهي:

* هت ٻت رهيو باقي، ساه وڻي وڃين سپرين.

"وڻي" لفظ ۾ "اِي" سر پڇاڙيءَ طور ڪم آيل آهي.

* ڪوڻي ڪنائون، اڄ پڻ اڪڙين سين،

"ڪوڻي" لفظ ۾ "اَي" سر پڇاڙيءَ طور آندل آهي.

* ڪڏهن اچان، اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪونيو نين،

هن سٽ ۾ "ڪونيو" لفظ ۾ "يو" پڇاڙي ڪم آيل آهي.

اسم جي پويان "ڙو" پڇاڙي ملائڻ سان اسم تصغير ٿيندو آهي. سر بروو ۾ ڪم آندل اسم تصغير هي آهن:

* هينئڙا ٿيءُ سڌير، ڪالهہ قريبن لڌيو.

هينئڙا، هينئون + "ڙو" پڇاڙي - جمع هينئڙا.

* وڻ ڪاتي وڍ انگڙا، ادبُ ڪرمَ ڪوءِ.

انگڙا = انگ + "ڙو" پڇاڙي - جمع انگڙا.

* مٿان لڪن ساٿڙو، صحي سلامت ايندو.

هُت ساٿ + "ڙو" پڇاڙي ڪم آندي وئي آهي.

سر بروو سنڌيءَ ۾ ناڪاريت جي معنيٰ ڏيکارڻ لاءِ "م"، "نہ"، "نہ ڪو"، "نہ ڪي"، "ناهہ"، "ڪين ڪي" ۽ "ڪونہ" لفظ ڪم آندل آهن مثال هن ريت آهي:


Scanned with CamScanner

* پاڙي ڏانهن پرينءَ جي، اُجهه مَ اوائي.
* پَرَ وَسِ تيمَ پراڻُ، پرين وَسِ نہ پانهجي
* لڳيءَ جو لطيف چي، نہ ڪو قال نہ قيل.
* پلي ڪيئي پلا پرين! هينئَن نہ مناسب هوءِ.
* ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن.
* وٺ ڪاتي وڍِ انگڙا، ادبُ ڪر مَ ڪوءِ.
* ساڃن ائين نہ جڳاءِ، جيئَن ماريو موٽيو نہ پڇيين
* جنهن جي ڏٿيان ڌار پيٽي ناهہ پنيور ۾.
* ڪوڙي ڪڻ مَ سپرين! ڪنيئي تان ڪوڙ.
* وٺان وچ مَ مون، منهنجو تونهين تون، "ڪو نہ" سٽي ڪو پيو
* وينو ڏسان راهہ، اڄ پڻ آيا ڪين ڪي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال تمام نرالو آهي.
ضميري نشانيون اسمن، فعلن ۽ حرفن جي پويان اچي ڌار ڌار حالتون پيدا ڪن ٿيون.

۱. "م" پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ

* پَرَ وسِ تيمَ پراڻُ، پرين وس نہ پانهجي = تيم
* جڏهانڪر ٿيامِ، ساجاهہ سپرين سين. = ٿيام

* تڏهانڪر تر جيترو، وير نہ وسريام = وسريام

* اندر روح رهيام، سجڻ اوطاتون ڪري = رهيام.

٢. "س" پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ.

* ڪيس نام نهال، پَسڻُ تان پري ٿيو. = ڪيس

٣. "اوءِ" پڇاڙي ضمير حاضر لاءِ.

* پانيئان پال سندوءِ، جي ساڄن سنئون نهاريئين = سندوءِ

٤. "ن" پڇاڙي ضمير غائب جمع لاءِ.

* ڪڏهن اچان، اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوئيو نين = نين

## نحوياتي جائزو

سر بروو ۾ ہتا لفظ ۽ تڪراري لفظ پڻ ڪم آيل آهن جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

* ڪريان روح رهاڻ، لڪن منجهہ لطيف چي.

* ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

* جڏهانڪر جاني! سجڻ سانگ سڌاريا.

* آئون پنهنجي پرينءَ تان ڪوڙين قرباني.

* رضا رباني، نہ تہ ڪريان وَس وصال جا.

* تون صاحبزادو سپرين، آءٌ نسورو نوڪر.

* مون تان مهر نظرُ، پرين لوهہ مَ پانهجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

* چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، راهه پڇايان رنڌُ.

* جانب تون جيڏو، آهين شان شعور سين.

* رتيءَ رت نہ سنجري، سڪ تنهنجي ساءِ.

* مون ۾ عيبن ڪوڙ، تون پاڻ سچائج سپرين.

سر بروو سنڌي ۾ تڪراري لفظ هن ريت ڪم آندل آهن.

* فريادون فرياد نا گهه وڃن نگيو.

* فاني ٿي فاني دنيا دم هيڪڙو.

* سي چلولا چڄن جي در در لائن دوستي.

* آڳهه هن اُمت جو آهين تونهين تون.

سر بروو سنڌيءَ ۾ ڪم آندل عربي ۽ فارسي لفظن جي وچور هن طرح آهي:

عشق، درد، قضاڪي، ضعيف، جانب، خوش، خواب، روح، قال، قيل، قريب، حب، وتواصو ابالحق وتواصو بالصبر، فدا، في الحال، نهال، حبيب، راحت، حيراني، قرباني، رضا، رباني، وصال، صاحب، صاحبزادو، بيحد، حاضر، نظر، شان، شعور، ڪامل، نوازيم (نوازيدن مان ) طمع، صحبت، فرياد، بسم الله، ادب، حيرت، فاني، دنيا، سقيلا، فراق، مولو (موليٰ)، مصطفيٰ، سلامت، عالم، سردار، زباني، عادت، عيب، مداين، حضور، مذڪور، دستور، محبوب، طهور، ڪن فيڪون.

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ذريعي سنڌي بوليءَ جي سهڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لفظن کي اهڙي طرح استعمال ڪيو آهي، جيئن ڪي موتيءَ داڻا هار ۾ پويل هجن. اسمن، فعلن، ظرفن جانت نوان روپ سندس شاعريءَ جي حسن کي نکاري رهيا آهن. سندس ٻوليءَ جي سونهن ۽ سڳند مان پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تي هڪ پر مسرت ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي. شاهه جي ٻولي ۽ سندس اسلوب بي مثل ۽ لاثاني آهي.

حوالا

(1) Allana, Dr. Ghulam Ali. Article "Shah Abdul Latif's imaginative use of Sindhi language" in "Shah Latif, his mystical poetry." Edited by Abdul Hamid Akhund. 1991.-

٢. سورلي، ايچ ٽي. مترجم، عطا محمد ڀنڀرو. "ڀٽ جو شاهه" ١٩٩٢ع ص ٢٦٢.

٣. آفتاب ابڙو. "شاهه جي ٻولي" ڪراچي، ١٩٩٠ع ص ١١٣

٤. معمور يوسفاڻي. مضمون "سر سسئي آبريءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون." ڪتاب "سر سسئي آبري جو مطالعو" مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ١٩٧٤ع ص ٧٢

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# سُر بروو سنڌي جو مطالعو

سُر بروو هندوستان جي راڳن مطابق هڪ راڳڻي جو نالو آهي. هن سُر جو واسطو ”بروي“ جي ڪردار سان آهي جيڪو ”رپ“ جو عاشق هو. هي هڪ لوڪ ڪهاڻي آهي جنهن جي اهميت ڪري ڏسندي شاهه سائين ان کي پنهنجي بيتن جو موضوع بڻايو آهي.

هن سُر ۾ ڪل ٽي داستان آهن. پهرين داستان ۾ ١٨ بيت ۽ هڪ وائي آهي. ٻي داستان ۾ ١٢ بيت ۽ ٻه وايون ۽ ٽين داستان ۾ ١٠ بيت ۽ ٻه وايون آهن. ان لوڪ ڪهاڻي جو مضمون هيٺين ريت آهي.

”بروو“ جنهن کي ”بروٽر“ به چون ٿا. ان نالي سان هڪ قديم شهر جا کنڊر سمروٽي واري علائقي (ٿر ۾)سمانتگر جي اتر طرف اٽڪل پنجن ڇهن ميلن تي موجود آهن. اهو شهر هاڪڙي درياهه جي ساڄي ڪپ تي آباد هو. انهي شهر ۾ ڪنهن سمي ”بروئو“ نالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سردار رهندو هو. بروٽر شهر کان اٽڪل ١٥ ميلن جي پنڌ تي، اولهه پاسي ريٽي ندي جي ساڄي ڪپ تي، ڪلياڻ بادشاهه جي راڄڌاني هئي جنهن ڪي هڪ سندر نياڻي "رپ" نالي سان هئي. سندس سندرتا جي واڪاڻ سڻي "بروو" ري ڏٺي مٿس عاشق ٿي پيو. بروي جي بيقراري ڏسي، سندس مائٽن رپ جو سڱ گهريو. پر ڪلياڻ راضي ڪو نہ ٿيو. ان ڪري بروو وڏيڪ پريشان رهڻ لڳو ۽ رات ڏينهن روج راڙو ڪرڻ لڳو.

اڄ پڻ اڪڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏنيئي نَہ لهي.

(١٠.١)

اهڙي صورتحال ۾ بروي پنهنجو شهر ڇڏي اچي، پرين جو پاڙو وسايو، اتي ڪاسائي وٽ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي جسم جو گوشت، رپ جي نوڪرياڻي جي ذريعي ڏانهس موڪليندو رهيو. رپ کي جڏهن انهيءَ راز جي پروڙ پئي، تڏهن هوءَ بہ سندس قرباني ڏسي، مفتون ٿي پيئي، پر هوءَ عورت هئي، اندر ئي اندر پڄرڻ لڳي.

نهائين ڪان نينهن، سِڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

(رپ : ٢. ١٧)

هن سُر جي مضمون کي معنوي لحاظ کان اسان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. پهرين حصي ۾ وحدت ۽ ڪثرت جا مامرا ۽ خدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي وحدانيت ۽ قدرت ڏانهن اشارا ڏنل آهن. ٻئي حصي ۾ عشق جون پيچيدگيون، محبت جا وهنوار ۽ سپرين جي سونهن جي واکاڻ ڪيل آهي ۽ ٽئين حصي ۾ مادي مقصد جي حصول کي اهميت ڏني ويئي آهي. ائين پيو ڀاسجي ته لطيف سائين هڪ لوڪ ڪهاڻي جي حوالي سان، زندگي جي مڙني رخن جو باريڪي سان اڀياس ڪري نتيجا ڪڍيا آهن. هونءِ به ڪامياب زندگي جي حصول لاءِ قاعدا ۽ رُخ، سماجي ڏاهائي متعين ڪندا آهن.

لطيف سائين حق جي لامحدود ۽ وسيع سلطنيت جي ڄاڻ ڏيندي ٻڌائي ٿو ته سڀ مادي شيون ڇڏي، حق سان هڪ ٽيٽو آهي. اهڙي ويلي جاهلن جي جهالت، حاسدن جو حسد، وهمين جا وهم ۽ ڪوڙ جا ڪکر سڀ ختم ٿي ويندا. صرف عقل ۽ دانش جو راڄ هوندو. ان ڪري بصيرت جي اها تقاضا آهي ته اڳوات ئي حق ۽ عقل سليم جي حڪمراني ۽ عظمت کي تسليم ڪجي.

چاڪي وڃي چو، ٻيلي ٽين ٻين جو
وٽ وٽ ڪَنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو
سوڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.
(١.١)

هن بيت ۾ هڪ پاسي انسان کي پنهنجي ظاهري (مادي) برتري جو احساس ڏياريل آهي ته ٻئي پاسي ان تصور کي به پختو ڪيو ويو آهي ته انساني برتري، خدا جي نور، طاقت ۽ هيڪڙائي ۾ ڪامل ويساه سان حاصل ٿي سگهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو ئي سبب آهي جو لطيف سائين پنهنجي وجود کي ان واجب الوجود کان ڌار نٿو ڀانئين ۽ جز کي ڪل ۾ سمائي ڇڏڻ جي تانگهه رکي ٿو.

تون صاحبزادو سپرين، آئون نسورو نوڪر
بيحد ڪريان بندگي، هٿ ٻڌي حاضر
جن، ڇڏيندس ڪينڪي، دوس اوهان جو در
مون تان مهر نظر، پرين! لاهه مَ پنهنجو.
(١٨١)

انسان ۽ خدا جو اهو رشتو فطرت جي تقاضا موجب ۽ هڪ عظيم درجو آهي. پر مادي لحاظ کان به انسان ڪيترو علم، حلم ۽ عقل جو مالڪ هجي، پر بي وسيلو، بي استادو ۽ بي مقصدو انسان منزل پيڙو نٿو ٿي سگهي، ان ڪري لطيف خدا جي ڳانڍاپي واري تصور کي، انساني بقا جو سبب سمجهي ٿو. بلڪل اهڙي طرح هڪ انساني وجود جو ٻي انساني وجود سان منسلڪ ۽ وابستہ آهي. اهو اهڙو ئي واضع مادي تصور آهي جهڙو مٿيون فطرت جي ڳانڍاپي وارو تصور چٽو آهي.

سچ ابدي هجي، ازلي هجي يا وقتي هجي، هرحال ۾ اهو پاڻ کي مڃائي ٿو. اهڙي حالت ۾ انسان جيڪو ٿوري وقت لاءِ دنيا ۾ اچي ٿو، ان جي حقيقت کان به انڪار، ڪير نٿو ڪري سگهي، خدا جي ڪائناتي تصور کان به منحرف ٿي نٿو سگهي ۽ عشق جي حڪمراني ۽ ڪاميابي واري واضح دليل کان به ڪوئي انڪاري ٿي نٿو سگهي. اهي ئي اهڙا سچ آهن جيڪي هر هنڌ ۽ هر ماڳ تي ملندا جتي انساني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وجود جو واسو هوندو.

"هيڏانهن، هوڏانهن سپرين، ڪاڏي واريان ڪنڌ"
(١واڻي)

سپرين جي سونهن جي سُرهاڻ ۽ چٽائي جو هر جاءِ هجڻ وارو تصور (Concept) صوفين وٽ وڏي اهميت رکي ٿو. صوفي انساني وجود جي خوشبوء تي پاڻ نڇاور ڪري، معرفت جو مقام ماڻيندا آهن. اها شعوري طور تي مادي ڪوشش ٿي، ڪين روحاني رمزن کي سمجهڻ لاءِ ڪارائتي ثابت ٿي. لطيف چوي ٿو:

جانب تون جيڏو، آهين شان شعور سين
مون تي ڪر منهنجا پرين! توهه تُسي تيڏو
اي ڪامل ! ڪيڏو، جيئن نوازنيم نگاه سين.
(١.٢)

ڪنهن وجود ۾ پيهي وڃڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. ان لاءِ باطني پاڪائي، رسائي تمام ضروري آهي. پاڪائي جو اِهو تصور ظاهر ۽ باطن جي خوشبوئن کي نروار ڪري ٿو ۽ اهڙي حالت ۾ طالب کي سواءِ مطلوب جي ٻي ڪا شيء متاثر نٿي ڪري. هو ڪائنات جي هر شيءِ کي محبوب جي پيٽ ۾ هيچ سمجهي ٿو.

ناز منجهارا نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
پون، پڻ بسم الله چئي، راه چمي ٿي رَند
ايبون گهٽي ادب سين، حورون حيرت هنڌ
سائين جو سوڳند، ساجن سيئان سهڻو.
(٦.٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

در اصل پنهنجي محبوب سان اها مقصدي وابستگي ئي، طالب
۾ انسانيت لاءِ پيار ۽ ساڃهه پيدا ڪري ٿي ۽ پوءِ هو هر انسانيت جي
پيڙا، پيار، سک ۽ سڪون، سڀ پنهنجا پائيندو. ڇو ته اهو رشتو ايترو
گهرو ۽ پختو آهي جو موت به ان کي ماري نٿو سگهي.

ڪڙو منجهه ڪڙي، جيئن اُهار لپيٽو
منهنجو جيءَ جڙي، سپريان سوگهو ڪيو.
(٥.٢)

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين،
ڪي سنيرجن نه ڪڏهين، ڪي وسرن نه مُور،
جيئن مينهن ڪُنڍي پور، تيئن دوس وراڪو دل سين.
(١١.١)

هيٺ جيڪي به بيت ڏجن ٿا انهن ۾ رياڪاري، وقت ۽ حالتن
جي منجهڻ جي تاريخي ۽ سچي حقيقت سٽائيندي، لطيف سماج جي هر
فرد کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي صلاح ڏي ٿو. آسرو وڏي بيماري
آهي ۽ آسرن تي هلڻ وارا سدائين ڏوجهرن ۾ گذارين ٿا. ڇو ته گهڻو تڻو
ماڻهو پنهنجي مفاد کي اوليت ڏي ٿو. هي ڪلجڳ آهي، سوچي سمجهي
اڳتي وڌجي.

يار سڏائي سيڪو، جاني زباني
آهي آساني، ڪم پئي ته ڪَل پئي.
(٣.٣)

-

آدمين اخلاص، مٺائي مانو ڪيو
هاٿي ڪائي سيڪو، ماٺهو سندو ماس
دلبر! هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس
بي سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.
(۴.۳)

جيئن تہ هي هڪ لوڪ ڪهاڻي تي ٻڌل سُر آهي. هن ۾ اندر جا ادما، تهذيب، سيپتا، پرم وسوسا، پريم پيار ۽ روحاني رمزون بيان ڪيل آهن. دراصل اهڙيون ئي ڪهاڻيون تاريخي مٽ سان واسطو رکنديون آهن.

هن سُر جي مطالعي مان جيڪو نتيجو حاصل ٿئي ٿو اُهو آهي، سَت جي پائڻ لاءِ هر شيءِ قربان ڪري ڇڏڻ، هن سُر مان جنهن بي اهم نڪتي جي نشاندهي ٿئي ٿي، اهو ارادي جو اٽڪل هجڻ آهي. مقصد دينوي هجي يا روحاني، مقصود مادي هجي يا ماورائي، سيني جي حاصلات لاءِ مٿيان ٻئي اصول اپنائڻا پون ٿا. جيڪڏهن ڪو ڪٿي مقصد نہ رکي ۽ نہ مٿيان ٻئي گُر استعمال ڪري، تہ بہ بي مقصدو ٻجي، هي جهان هڪ ڏينهن ڪيس ڇڏڻو ئي پوندو.

فاني ئي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو
لٽي وڙهہ لٽن سين، جوڙيندءِ جاني
ڪوڙر ۽ ڪاني، آهي سِر سڀ ڪنهن،
(۸.۲)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حوالا

١. شاهوائي غلام محمد : "شاهه جو رسالو " آر ايڇ احمد اينڊ برادس حيدرآباد ١٩٦١ع.

٢. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٣ع.

٣. سورلي ايچ ٽي ڊاڪٽر: "ڀٽ جو شاهه" (سنڌي ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ١٩٩٢ع.

٤. سوڍر شاهنواز ڊاڪٽر: "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف رح" ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ١٩٩١ع.

٥. سڌايو غلام نبي ڊاڪٽر : "شاهه جي شاعري ۾ علامت نگاري" ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ١٩٩٢ع.

٦. شيخ محمد يوسف (مرتب): "سنڌ باب الاسلام" (جلد پهريون) تنظيم فڪر و نظر سکر ١٩٨٥ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر رقيہ غلام النبي شاهاڻي

# سُر بروو سنڌي

اِها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ هر ٻوليءَ ۽ ادب جي شروعات شاعريءَ سان ٿيندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ڪي ڏسبو تہ ان جي ابتدا بہ ساڳئي نموني سان ٿي. نثر جي مقابلي ۾ شاعري ماڻهن کي وڌيڪ متوجهہ ۽ متاثر ڪرڻ سان گڏ گهڻو عرصو زنده رهي ٿي. دنيا ۾ هر ملڪ جي تهذيب ۽ ادب ۾ شاعر کي بنيادي حيثيت حاصل ٿيئي رهي آهي. ساڳئي طرح ڪيترائي مختلف ٻولين جا شاعر پيدا ٿين ٿا مگر انهن مان ڪي چند اهڙا آهن جيڪي پنهنجي قوم جي تهذيب ۽ ثقافت، ٻوليءَ ۽ ادب جي سڃاڻپ لاءِ اڻ مٽجندڙ نشان جي حيثيت رکن ٿا ۽ سندن ڪلام صدين گذرڻ بعد بہ پراڻو نٿو ٿئي. اسان جي سونهاري سنڌ اهڙا ڪيترائي بلند پايہ شاعر پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي ڪلام ذريعي مذهبي ، اخلاقي اقدارجي درس ۽ پرچار سان ماڻهن کي متوجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پئي ڪرايو آهي. اهي سنڌي سماج جي ازلي نيڪي جا شاعر آهن جنهن جا بنياد رواداري، محبت ۽ سماجي امن جي انساني اوصافن تي رکيل هوندا آهن. تعصب، نفرت ۽ تشدد خلاف سندن ڪلام تلوار جو ڪم ڏيندو آهي. اسان جي سونهاري سنڌ جن اهڙن شاعرن، عالمن، بزرگن، درويشن، ساڌن ۽ صوفين کي جنم ڏنو آهي تن ۾ لاکيڻي لطيف جو نالو سر فهرست آهي. شاهه سائين جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. ڪيس الهامي شاعر چئجي تہ مبالغو نہ ٿيندو. سندس ڪلام جو مجموعو جنهن کي شاهه جو رسالو سڏيو وڃي ٿو سو بين الاقوامي شهرت جو حامل آهي. سندس ڪلام جو مرڪزي نقطو محبت آهي جنهن جي چوڌاري انسان جي صداقت، عظمت، فلاح ۽ بهبود، ايمان ۽ حق ۽ پوري انسانيت جي وسعت ڇانيل آهي. شاهه سائين جي رسالي جي سر "برووسنڌي" جو عنوان هن مقابلي جو مقصود آهي. پهريائين سر جي معنيٰ ۽ مفهوم معلوم ڪرڻ لاءِ شارحن ۽ محققن جي زباني معلوم ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ لاءِ هتي ٿن شارحن جا رايا پيش ڪجن ٿا:

(١) شاهه جو رسالو عرف گنج لطيف جي انگريزي زبان جي شارح آغا محمد يعقوب لفظ برووجي معنيٰ ۽ وضاحت پنهنجي لفظن ۾ هن ريت ڪئي آهي:-

"It is a modified patteru of the Indian sur burvo. The word برووِ is Possibly derived from بر originally an Arabic word and later adopted by the persian and Sindhi language. It means righteons, devoted to Allah, and to pareuts, relatives, children and friends. "1.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٢) پروفيسر ڪلياڻ آڏوائي سر بروو بابت لکي ٿو: هندوستان جي گائڻ وديا موجب، ”بروو“ هڪ راڳڻيءِ جو نالو آهي. جنهن کي شاهه نجُ سنڌي رنگ ڏنو آهي. هن سر ۾ مجازي عشق جو گهڻو وستار آهي. البت، ان ۾ حقيقي محبوب جو بہ ذڪر آيل آهي. عاشق جي نياز ۽ بيقراريءَ ۽ معشوق جي ناز ۽ حسن کي نهايت سهڻي ۽ دلڪش نَوعَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ٢

(٣) بين الاقوامي شهرت جو مالڪ رسالي جو محقق ۽ شارح منهنجو سائين محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جنهن جي سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ سڄي زندگي وقف ڪيل آهي تنهن صاحب جي هن سر بابت وضاحت هڪ قسم جي سَنَدَ سمجهڻ گهرجي. فرمائين ٿا:

سر يا راڳ جي نالي کان الڳ، سنڌي لغت جي لحاظ سان پُڻ ”بروو“ ۾ معنيٰ سمايل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اصل لفظ ”وِرِهُ“ يا بِرِهُ هجي، يعني وڇوڙو، دردُ ۽ فراق، انهي لحاظ سان ئي ميين محمد ۽ ميين حسين جي لکيل رسالي ۾ هڪ سر جو نالو ”سر بِرِهُ“ ڪري لکيو ويو آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ، ”وِرِهُ“ ۽ ”بِرِهُ“ اچارُ وڏي ”وِرِهَو“ ۽ ”بِرِهَوَ“ ٿيا هجن. ”وِرِهَ وارو“ يا ”بِرِهَ وارو“ جيڪو سدائين ڏک ۽ غم جو گهايل ۽ بيمار هجي. ”بِرِهَوَ“ واري اچار جي صورت ”بروو“ ٿي سگهي ٿي جنهن جي معنيٰ بہ سنڌي لغت جي لحاظ سان آهي ۽ غم ۾ گهايل، مريض ۽ بيمار مولوي احمد ملاح جيڪو سنڌي ٻوليءِ جو ۽ لغات جو وڏو ڄاڻو هو تنهن پنهنجي هڪ شعر ۾ ”بروو“ جو لفظ اِنهي معنيٰ ۾ آندو آهي.

بِرِهَ خود بَروو بَنائيس، بُت بَچائي ڇا ڪَريان. ٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُر ۾ سمايل فڪر بابت وضاحت ڪندي لکن ٿا: هي سُر سچي عاشق جي محبت ڀرين جذبن ۽ احساسن جي اظهار جو داستان آهي. سڄڻ جي سڪ ۽ ساڻس بي انتها پيار واري شعوري ۽ لاشعوري ڪيفيت جو آئينو آهي. فراق ۾ عاشق جي اندر جي آهَ ۽ درد جي دانهن جو آواز آهي. محبوب موجود ڪونهي پر هو هر دم عاشق جي اکين آڏو آهي. ڪيس غائبانه ياد ڪندي عاشق پنهنجي اندر جو حال اوري ٿو.

ڪانگ کي قاصد ڪري نينهن جا نياپا موڪلي ٿو ۽ محبوب کي پيار ڀريا ۽ محبت جون ميارون ڏئي ٿو. ٻئي طرف هيءُ سر محبوب جي بي مثال حسن ۽ ناز جي نظاري جو آئينو آهي. سهڻي محبوب جي سهڻي صورت ۽ سيرت ۽ سندس ڳڻ ۽ ڳالهيون ان جا خاص عنوان آهن. هن سُر جي چئني داستانن جو مرڪزي موضوع جيتوڻيڪ ساڳيو آهي مگر ڪنهن حد تائين هر داستان ۾ موضوع جا ڪي ٽاٽا ۽ اهڃاڻ سمايل آهن.۴

جرمن محقق ٽرمپ صاحب ٿي ”شاهه جي رسالي ۾ ”بروو“ جا چار داستان ڏنا آهن. باقي رسالن ۾ ٽي داستان ملن ٿا. اسان جي محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب ”شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام“ جلد ٻيو ۾ چوٿين داستان جو اضافو ڪيو آهي. جنهن کي هن صاحب ترتيب ڏيندي سُر ۾ داستان نمبر ٻيو ڏنو آهي. ان ۾ شامل ڪيل سمورا ٢٨ بيت ۽ هڪ وائي سر پورب جي داستان پهرئين مان ورتا ويا آهن جن جو موضوع ڪانگل آهي.

سُر بروو سنڌي جي مذڪوره مختصر وضاحت بعد نموني طور ان جي چئن ئي داستانن مان چند بيت پيش ڪجن ٿا، جيڪي مٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيان ڪيل مذڪوره جي پوري پوري عڪاسي ڪندا.

رسالي جي مختلف نسخن ۾ ساڳين بيتن جون جدا جدا پڙهيون ڏنل آهن. اسان هتي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جون ترتيب ڏنل پڙهيون تحرير ڪيون آهن.

**داستان پهريون:**

بَرُوِي جِي بانِي، ڪَنهِن ڪان سِکئِين سُپِرين
آئي ڏِينديءِ هَٿَ ۾ مَسُ قَلمُ ڪانِي
حَرفُ پُڇَندءِ هيڪَڙو ظاهِرُ زَبانِي
تَنِ اڱڻان جانِي، ڪِهڙِي ڪَندين ڳالهڙِي!

---

آچِين جي هيڪارَ، مونِ سارِيندي سُپِرين
وَنِيون وِهاڻا ڪَريان، هَندُ وِڇايان وارَ
ساجنَ سَڀَ جمارَ، گولِي تِي گُذارِيان

---

ڪوڙي ڪَڻ مَ سُپِرين، ڪَنيئي تان ڪوڙِ
آهلَ آڪَڙِيَنِ جي نيئي نِباهِج توڙِ
مون ۾ عَيبن ڪوڙِ، تون پاڻُ سُڃاڻِج سُپِرين.

---

ڪَڙو مَنجهه ڪَڙي، جيئَن لوهارَ لَپيٽِئو
تِيئَن مُنهنجو جِيءُ جَڙِي، سُپِيريان سوگهو ڪيو.

## داستان ٻيو:

ڪَري ڪانگ ڪُرِنشُون پيرين پرينءَ پَئيجُ
آءُ جو ڏِيئين سَنيهَڙو سو وِچ مَ وساريج
الله لڳِ، لَطيف چَئي، ڳُجهو ڳالهائيج
چَوانِ تيئن چَئيجِ، تہ ڪيانتا خوشُ هوئين.

---

تَنِ جَني جي تانگَ، سي سَجَڻَ سفرِ هَلئا
لَئِجُ لاتِ، لطيفُ چئي، ڪَڏهن اِيندَمِ ڪانگَ
ڪَنهن سَتائي سانگَ، پرين پَرڏيهي ڪِئا.

---

پِريان سندي پارَ جو ڪانگلُ نہ ڪُوڙو
آچي وَجي وِچ ۾ مَتي دَرَ دُوڙو
جو اندرِ اوسيڙو، سولاتائين لَطيفُ چَئي.

---

## داستان ٽيُو:

مُنهنجي مَحبوبَنِ، ڪَڇِي ڪِٽَڙِي ڪانَڪا
توٽي آڱلِي آهيَان تان پِي سَندِي تَنِ
جامو ڏِيئي جَنِ، منهنجيون ڏِليون سَبِ ڏُڪائيُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُتي وَڃُ آندوهَ ، دوستَنِ دِلاسو ڪِئو
محبوبن مَعافي ڪِئا، ڏُکَ ڏمرَ سَبِ ڏوهَ
جا پَرِ لوهَرَ لوهَ، سا پَرِ سُورَنِ ساڻ ٿِي.

---

جيءَ گهُرِئا جيئي، سيئي سَڄَڻَ آئِيا
يڳو مَنُ سَجو ٿِئو، ڳَچَ ڳِنڊِئا پيئي
پِيڙَ پَري وئِي، اَچَڻ سَين عجيبَ جي.

---

## داستان چوٿون:

پَرَوَسِ ٿِئَنِ پَرياڻُ، پِرين وَسِ نہ پاڻهنجي
لڳو ڪِينَ لطيفُ چَئي چَپَرُ چاتيءَ ساڻُ
پِرين ڏيکاري پاڻُ، خوش ڪَري وِئا خَوابَ ۾.

---

جِڏانهَ ڪَرَ تِيامِ، ساجاءِ سُپيرين سين
تَڏانهَ ڪَرَ تِرَ جيترو وِيلَ نہ وِسرِيامِ
آندَر رُوحَ رَهيامِ، سَڄَڻَ اوطاقون ڪَري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا

1- Shah jo Risalo alisas Ganj-e-Latif Volume I. By Muhammad Yakoob Agha Published by Shah Abdul Latif Bhit shah Cultural centre Committee, Hyderabad 1985. Page 332.

٢. شاهه جو رسالو ـ مرتب: پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي.

مڪتبہ بُرهان، اردو بازار ڪراچي. ٣٧٩

٣. شاهه جو رسالو. شاهه جو ڪلام جلد پيو ص ١٤

محقق ۽ شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ ١٩٩٢ع.

٤. شاهه جو رسالو ـ شاهه جو ڪلام جلد پيو ص ١١.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حافظ عبدالرحيم جمالي

# سربروو سنڌي: جائزو ۽ مقام

## حصو اول: لطيف جي شخصيت ۽ ان جي ڪلام جو موضوع

شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جي پاڪيزه زندگيءَ تي نظر ڪرڻ سان هي ڳالهه بخوبي معلوم ٿئي ٿي تہ، هو نہ فقط پنهنجي دور جو هڪ عظيم صوفي شاعر هو پر ساڳئي وقت هو هڪ عظيم آدرشي ۽ انقلابي شاعر پڻ هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا گوهر افشاني ڪئي آهي اُن جي هر بيت مان انسانيت جي بهتري ۽ برتريءَ جو پيغام ملي ٿو. هڪ شاعر جو ڪلام ئي سندس زندگيءَ جو تفسير آهي. شاهه سائينءَ جو ڪلام بہ سندس فڪر، فلسفي ۽ عمل جي اظهار جو مڪمل آئينو آهي. انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ هو اسلامي تصوف جو وڏي ۾ وڏو شارح آهي پر ساڳئي وقت وٽس صحيح اسلام جو طريقو بہ موجود آهي. هو جنهن اسلام جي تعليم ڏيئي ٿو تنهن جو پهريون اصول ۽ حڪم "انسانيت جو احترام" آهي. ڏنو وڃي تہ لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو سمورو ڪلام انسانيت جي احترام ۽ محبت انسانيت جي جذبي سان سرشار آهي. هڪ حديث آهي تہ "جنهن ماڻهوءَ جو مرتبو سڃاتو، تنهن گويا الله کي سڃاتو" لطيف جو ان سلسلي ۾ ارشاد آهي.

جنين سودو سچ جو وکر وِهايو
بشارت لَهُمُ البُشريٰ اُنهن لئہ آيو
تن کي لالڻ لنگهايو ساندارو سموند جو.

شاهہ صاحب اهي ۽ اهڙي قسم جون حقيقتون جيڪي هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪتب آنديون آهن تن مان ظاهر آهي تہ هُو انهن سيني وارداتن کان واقف هو. جيڪي انسانن جي مٿان گذري چڪيون هيون، ۽ اهڙا ماڻهو جيڪي انسان ذات جي احترام ۽ غريب عوام جي خدمت ڪرڻ بدران مٿن ظلم روا رکندا هئا ۽ عوام جي مٿان ڏاڍ ۽ ڏمر جاري رکندا هئا ۽ ظاهري طور تي اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ تسبيحن جا داڻا ڦرندا نظر ايندا هئا يا وري هو ظاهري طور تي نيڪ نمازي بہ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. ليڪن انهن جي دلين ۾ غريب عوام لاءِ ڪا محبت ۽ عزت نہ هئي ۽ هو الله جي مخلوق جي فائدي لاءِ ڪي بہ نہ ڪندا هئا تہ اهڙن ماڻهن جي توجهہ ۽ هدايت لاءِ شاهہ صاحب فرمايو تہ :

روزا ۽ نمازون اِيءُ پڻ چڱو ڪم
اُو ڪو بيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

هن بيت جي مفهوم مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هو روزي ۽ نماز جو تہ پابند هو پر ساڳئي وقت هو اُن فهم کان پوريءَ ريت واقف هو، جيڪو انسان کي محبت جي اعليٰ ڪردار ۽ انسانيت جي اعليٰ مقام


Scanned with CamScanner

تي پهچائي ٿو ۽ اُهو فهم آهي خلق خدا سان محبت ڪرڻ، خلق خدا جي خدمت ڪرڻ. جنهن خلق خدا سان محبت ڪئي تنهن ڄڻ الله سان محبت ڪئي ۽ ان محبت جو هُن چڱيءَ پر اظهار ”سُر بَروو سنڌيءَ“ ۾ ڪيو آهي. هي سُر سڄي رسالي جو گويا سينگار آهي. ڇو تہ رسالي جي ٻين سُرن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن موضوع يا تمثيل کي سامهون رکندي شعر چيو ويو. پر ”سُر بروو“ ۾ همہ جهت ڪلام ملي ٿو جنهن جو گهڻو تڻو موضوع آدميت جو احترام، انسانن سان محبت ۽ خلقِ خُدا جي خدمت آهي جنهن کي لطيف سائينءَ جي پوري شاعريءَ جو خاص موضوع ڪڻي ڇڄجي تہ ڪو وڌاءُ ڪو نہ ٿيندو.

لطيف سائينءَ جي جنهن شاعرانہ خوبيءَ دنيا کي پنهنجو مُطيع و مُريد بڻايو، يا هو اُن شاعريءَ جي ڪري دُنيا جو عظيم شاعر بڻيو، ان جا ڪارڻ ٻہ اهم نُڪتا آهن. پهريون نڪتو لطيف جي شاعريءَ جو موضوع آهي جيڪو عام انسانن لاءِ آهي، جنهن جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ هو پيغام ڏيئي ٿو. ٻيو سندس شاعريءَ ۾ شعر جي فني سٽاءُ ۽ جوڙجڪ آهي جيڪا پڻ شاعر کي وڏي اهميت بخشي ٿي. ان لحاظ کان بہ لطيف دنيا جي چوٽيءَ جي شاعرن مان هڪ آهي جنهن جي پوري ڪلام ۾ فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ جِدت آهي ۽ سندس ڪلام ۾ رواني ۽ تسلسل آهي.

مطلب تہ شاهہ، شاهہ آهي اُن جي آفاقي ۽ ابدي پيغام کي جيڪو بيتن جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهي ان کي نہ صرف پڙهڻ ۽ جهونگارڻ گهرجي پر سنڌي قوم جي هرفرد تي فرض آهي تہ هو لطيف جي پيغام کي پنهنجو ڪري اُن تي عمل ڪري ۽ لطيف جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. سندس ئي ارشاد آهي تہ ”جي ماسو جُزيئي مال تہ پوڄارا پُر ٿئين“.

شاهہ سائين اُهو شاعر آهي جنهن پنهنجي غير فاني شعر جي هر حصي ۾ وطن ۽ اُن جي تهذيب ۽ تمدن بابت خوب رهائيون ڪيون آهن. سنڌي سانگيئڙن جي تهذيب کي اعليٰ تهذيب ڪوٺيو. سنڌي ماڻهن جي اَوَڳڻ ۽ اُوڻاين ڏانهن ڪو نہ ڏنو پر انهن جي دلجوئي ڪندي چيو تہ ”جيها سي تيها مون مارو ميا“. هُن حب الوطنيءَ جو اُهو تہ درس ڏنو جو اڍائي سئو سال گذرڻ بعد بہ اڄ سرمائيءَ جي هڪ هڪ سٽ اسان جي روح کي ريجهائي رهي آهي.

سُر بروو سنڌيءَ جو هڪ هڪ شعر اسان جي دل ۾ جهانگيئڙن ۽ ماروئڙن سانگيئڙن ۽ سهڻن سنڌين لاءِ محبت جو انمول خزانو بنيل آهي. واقعي شاهہ ڀٽائيءَ جو سحر آفرين ڪلام هميشہ سنڌ وارن جي دلين تي نقش رهندو ۽ هي قوم پنهنجي منزل جي حصول لاءِ لطيف جي ڪلام کي سونهون ۽ سوجهرو بنائيندي رهندي ۽ اُن ڪلام مان دين ۽ دُنيا جون سڀئي مشڪلاتون حل ڪرائيندي رهندي.

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين
نيو مَن لائين پريان سندي پار ڏي.

## حصو ٻيون: سُر بَروو سنڌيءَ جو هڪ مختصر جائزو ۽ اِن سُر جو رسالي ۾ مقام

شاهہ صاحب هڪ فطري شاعر آهي، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ فطرت جي مشاهدن جو درس ڏنو آهي، سُر بَروو ۾ بہ هُن مشاهداتي

محبتن جو تذڪرو ڪيو آهي ۽ انساني آدرشن کي اهميت بخشي آهي. هِن سُر کي رسالي ۾ انتهائي اهم مقام حاصل آهي. سنڌي ماڻهن وٽ عام طور تي جيڪي لطيف سائينءَ جا بيت ورد زبان آهن. سي اڪثر طور تي هن ئي سُر جا آهن.

”بَروو“ جي لفظي معنيٰ تہ ڪٿي موجود ڪا نہ ٿي ملي. البت آءٌ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ان راءِ سان اتفاق ٿو ڪريان تہ هي لفظ بَره مان ورتل آهي يا وروهن جي بگڙيل صورت آهي. البت لطيف جي شارِحن ”بَروو“ کي هڪ راڳڻيءَ جو نالو ڏنو آهي.

هن سُر ۾ عجب لوچ، سهڻي سوچ ۽ درد سمايل آهي، سنڌ ۾ اڪثر لوڪ گيت جن ۾ چلڙو ۽ ڏوهيڙا شامل آهن، سي ”سُر بَروو“ ۾ ڳايا ويندا آهن. لطيف جي رسالي جي هڪ شارح شمس العماء مرزا قليچ بيگ هن سُر بابت جيڪا وضاحت ڪئي آهي تنهن ۾ فرمايو اٿس تہ ”هن سُر ۾ رڳو عشق مجازيءَ جو ذڪر ٿيل آهي. هن سُر جي بيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سچو عشق ڇاڪي چئجي ۽ ڪيئن محبت جون منزلون طيءِ ڪجن.“

هن سُر ۾ ڀِتائي صاحب، محبوب جي انتظار، عاشق جي بيقراري، وصل ۽ فراق جو نقشو نهايت عُمدگيءَ سان چٽيو آهي. سندس اِها حَسين لفظي مصوري سندس هيٺئين بيت سان پوريءَ طرح مطابقت رکي ٿي:

ڪڙو منجهہ ڪڙي جيئن اُهارن ليپٽيو
مَنهنجو جيءُ جڙي تيئن سُپيرين سوگهو ڪري.

”سُر بَروو“ محبت ۽ اخلاص جو درس پيش ڪري ٿو ۽ هن ئي سُر ۾ چيو ويو آهي ته:

هُو چوڻئي، تون مَ چئو، واتؤن ورائي
اگ، اگرائي جو ڪري خطا سو ڪائي
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي:

هِن سُر ۾ عاشق جي نياز مندي ۽ بيقراري، معشوق جي ناز ۽ حسن کي نهايت سهڻي ۽ دلڪش نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جيئن هن بيت ۾ ان جو اظهار سهڻي انداز ۾ ملي ٿو:

ناز منجهان را ڪري جڏهين پرين ڪري ٿو پند
پُڙن پڻ بسم الله چئي راه چُمي ٿي رَند
اُيبون گهٽي ادب سين حُورون حيرت هند
سائينءَ جو سوڳند، ساجن سينئان سهڻو.

عالمن ۽ لطيف جي شارحن هن بيت کي حُبِّ رسول جي اظهار طور لطيف جي عاشق رسول هئڻ جي مظهر طور پيش ڪيو آهي.

”سُر بَروو“ جي داستان پهرين وارو بيت وري توحيد الاهيءَ جو هڪ ڪليل درس آهي. هن بيت ۾ شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

چاڪي وجيو چو، بيلي ٽئين ٻين جو
وٺ ڪنجڪ، ڪريم جي، جڳ جو والي جو
سوڪو هوندو سڙ، جنهن جو عشق الله سين.

هن سُر جي تعليمات جو خلاصو هن طرح ۾ آهي ته لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سائين هِن سُر جي ٿنهي داستانن ۾ حق جي تعليم ۽ انسان ذات جي محبت ۽ انسانيت جي عزت جو درس ڏنو آهي ۽ فرمايو اٿس تہ اي ٻانها! تون ڇو وڃي ٻين جو ٻيلي بڻيو آهين الله جي اوٽ وٺ جيڪو پوري جڳ جو والي ۽ مالڪ آهي. اُهو ئي ماڻهو سکيو ۽ خوش هوندو جنهن جو عشق الله سان هوندو. اڳتي هلي لطيف سائين هِن سُر ۾ فرمائي ٿو تہ دلبر پنهنجي ناز ۽ نخري سان عاشق جي دل کي ڦري ويو آهي. عاشق جو ساهہ بہ سندس قبضي ۾ اچي ويو آهي. باقي بت اٿس جيڪو خالص پيڙي جيان وٽس رهجي ويو آهي. جيڪڏ محبوب هڪ واري وٽس اچي تہ عاشق پنهنجيون پنبڻيون سندس پيرن هيٺيان وڇائي ڇڏيس ۽ پنهنجا وار بستري جيان وڇائو ڪري ڏيس ۽ سڄي ڄمار هوند غلام ٿي گذاريس.

لطيف سائين هن سُر ۾ ميل ملاقات ۽ حُب سان هڪبئي وٽ اچڻ وڃڻ جي ڪيفيت کي بيان ڪندي پڻ فرمائي ٿو تہ، ڪي ويجها ماڻهو بہ پري لڳن ٿا جو انهن جي دلين ۾ محبت ۽ اخلاص نہ آهي. پر جن جي دلين ۾ محبت موجزن آهي سي اگرچہ بظاهر پري آهن پر ايئن سمجهو تہ هو بالڪل ويجها آهن سو عاشق جي دل ۾ اهڙن محبتي ماڻهن جو وراڪو ايئن آهي جيئن ڪندي مينهن جي سِڱ جو وراڪو وٺندڙ آهي تيئن محبت واري ماڻهوءَ ڏانهن دل جو وراڪو بہ وٺندڙ ۽ هڪ فطري عمل آهي.

ڪي ماڻهو مال ۽ دولت جي طلب ڪندا آهن پر سچو عاشق ۽ محبتي هميشہ پنهنجي سڄڻ ۽ محبوب جي طلب ڪندو آهي جيڪو اهو ملي ٿو وڃيس تہ گويا لکن جي دولت کيس ملي ويئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف سائينءَ هن سُر ۾ هڪ بيت ۾ ارشاد فرمايو آهي:

دِل جو دلبر هڪڙو گهڻا تان نہ ڪجن
دل بہ ڏجي هڪ کي توڙي سَوَ سِڪن
سي چِلولا چئجن جي در در لائين دوستي.

سُر بروو سنڌيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي وفا، قربداري، محبوب لاءِ تڙپ ۽ ان جي ملڻ جي سڪ ۽ لوچ اهڙا عنوان آهن جو انهن جي ڪري هن سُر کي خاص سنڌيءَ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي. لطيف جي ڪلام جو سارو مفهوم ۽ مضمون هن ئي سُر ۾ سمايل آهي. اگرچہ الفاظ مختلف آهن پر معنيٰ هڪ ئي اٿن.

سُر بَروو سنڌيءَ ۾ ڪل ٧١ بيت آهن. جيڪي ٽن داستانن تي مشتمل آهن. ٽنهي داستانن جو مضمون ساڳيو آهي، ۽ بيت محبت، شفقت، انتظار جي ڪيفيت، نصحيتن، تذڪرن حب الاهي ۽ حب رسول ۽ احترم انسانيت جي داستانن سان پريل ۽ ٽمتار آهن. اهو ئي سبب آهي جو هِن سُرَ کي رسالي ۾ هڪ خاص مقام ۽ خاص اهميت حاصل آهي ۽ هي سُر رسالي جي ترتيب موجب سُر ڪاهوڙيءَ کان پوءِ ۽ سر رامڪليءَ کان اڳ ۾ آهي ۽ سُرن جي ورهاست واري ترتيب ۾ هن جو نمبر ٢٣ آهي جڏهن تہ رسالي ۾ ڪُل ٽيهہ سُر آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نصرت حسين ابڙو

# شاھ جو محبوب

شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي ادب، ثقافت، تاريخ، تمدن ۽ سنڌي ٻوليءَ جو امام آھي. سرتاج ڀٽائي جو پيغام دنيا وارن جي لاءِ ھڪ سَرمايو آھي. جيڪو قيامت تائين قائم دائم آھي. دنيا جي اندر ڀٽڪيل انسانن جي ھر دور ۾ رھنمائي ۽ رھبري ڪري ٿو؛

ان لاءِ تہ لطيف سائين جو پيغام عام بيت نہ پر آيتون آھن. انھن آيتن جي پڙھڻ جي لاءِ اندر ڪي اجارٽو پوندو ۽ دل مان دغا ڪڍڻي پوندي ۽ پٽ ڏٺي سان پيار بلڪ سچو پيار ڪرڻو پوندو. جيئن لطيف ڪي پنھنجو محبوب پيارو آھي تہ اھو سنڌواسين تي لازم آھي تہ ھو بہ پنھنجي لطيف سان الفت ۽ ايمان جو اظھار ڪن. ان لاءِ تہ لطيف دنيا جي مڙني شاعرن کان مٿاھون آھي. ھو دنيا جو نہ پر ڪائنات جو شاعر آھي. ان لاءِ تہ چوي ٿو تہ؛ دوست مِنا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شهنشاهہ لطيف محبوب جي مُحبت ۾ گرفتار آهي شاهہ جو محبوب دنيا وارن جي محبوب کان بلند ۽ ارضع آهي. ان لاءِ شاهہ جي دل ۾ پنهنجي محبوب جي لاءِ انتظار ۽ اُڻ تڻ بہ الڳ آهي پر محبوب جي اچڻ تي دنيا وارا پيار ۽ خلوص سان انتظار ڪندا آهن. انهن جي دل جي ڌڙڪن وڌندي آهي. اُهي محبوب جي اچڻ تي اگڻ ٻهاريندا آهن. واٽون والهائيندا آهن. رستي ۾ نظرون وجهي محبوب جي اچڻ جو انتظار ڪندا آهن. مگر شاهہ پنهنجي محبوب جي لاءِ جيڪي قرباني ڏئي ٿو انتظار ڪري ٿو. ان جي دنيا وارن وٽ ڪو بہ مثال نہ آهي. هُن وٽ جي هڪ دفعو محبوب اچي ٿو، ان جي پيرن جي مٿان اکين جون پنبڻيون ٿو رکي ۽ پنهنجا وار وڇائي پرين جي پريت لاءِ هنڌڙو وڇائي ۽ محبوب جي هڪ قرب تي سڄي ڄمار ان جو غلام ٿي گذارڻ ٿو چاهي.

اچين جي هيڪار مون سارينديءَ سُپرين،
پرين ڏريان پنبڻيون هنڌ وڇايان وار،
ساڄن سڀ ڄمار هوند گولي ٿي گذاريان.

شاهہ کي پنهنجي محبوب جي ياد ستائي ٿي. پرين جي پيار جو اوسيئڙو دل کي دم دم ياد ڪرائي ٿو ۽ بار بار دل محبوب جي اچڻ لاءِ منتظر آهي. ۽ پل پل پوريون ٿا. ان محبوب جي انتظار ۾ اکين کي ڪاني اوسيئڙو آهي. ان لاءِ تہ پياري پرينءَ جو انتظار سڀ کان اڳ ۾ اکين کي هوندو آهي. واٽن واجهائڻ ۾ سڀ کان اڳ ۾ اکيون آبداو بہ ٿين ٿيون ۽ الفت جو پيغام بہ ڏين ٿيون. اکين مان هاريل پيار جو پاڻي ڳوڙهن جي صورت ۾ ڳلن تان وهي هلي ٿو. اهو پاڻي برسات جي بوندن وانگر لاڳيتو هلندو رهي ٿو. مگر عاشق جون اکيون فقط پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ئي محبوب جي انتظار ۾ بوندون وسائين ٿيون. پرين جي سڪ ۾ آهن. شاهه جو پرين هڪ آهي جيڪو دنيا وارن جي مقابلي ۾ الڳ حيثيت جو مالڪ آهي، ٻلي ڪيترا به محبوب اچن. مگر شاهه جي سڪ لوڪ ڏنئي به نٽي لهي. هو فقط پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ ڳلن تان ڳوڙها هاري ٿو ان هڪ ئي محبوب جي لاءِ اندر ۾ اڪير آهي ۽ دل ۾ درد آهي:

اڄ پڻ اڪڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن،
سندي سڪ پرين لوڪ ڏنئي نہ لهي.

شاهه ۾ پرين شاهه جي اندر ۾ موجود آهي. هن کان ڪڏهن به ڏور نہ آهي، هن کي محبوب پل پل ياد آهي. ڪا هڪ گهڙي ان کان نٿو وسري. پرين جي پيار ۾ شاهه جي دل اهڙي تہ اٽڪيل آهي. اهڙو ناتو ۽ پيوند آهي جو ان جي الڳ ٿيڻ جو ڪو بہ امڪان نہ آهي. ان لاءِ تہ شاهه جي دل پنهنجي محبوب سان ائين جَڙيل آهي. جيئن مينهن ڪُنڊي پور تيئن دوستن وداڪو دل جو. اها شاهه جي منزل ۽ پرين جي پيار ۾ امتياز آهي جيڪو ڪڏهن بہ جدا نٿو ٿئي.

شاهه پنهنجي محبوب جي پيار، الفت ۽ اڪير جي منزل اجا بہ اڳتي ٻڌائي ٿو. دنيا وارن جي لاءِ اهو درس ڏئي ٿو تہ جي محبوب کي دل ۾ رکڻو آهي. ان جي لاءِ دل ۾ جاءِ پيدا ڪرڻي آهي تہ پوءِ اندر جي اندرِ سواءِ محبوب جي ٻي ڪنهن لاءِ جاءِ نہ آهي رکڻي. اندر کي اجاريو پرين جي پيار سان. ان گهڙيءَ کان وٺي جڏهانڪر پرين پاڻ پَسائي شاهه فرمايو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهانڪرُ ٿيامَ ساجاهہ سپيرين سين
تڏهانڪر تِرِ جيترو وِير نہ وسريام
اندر روح رهيام سڄڻ اوطاقون ڪري.

شاهہ پرين جي پيار ۾ بي حد مجبور آهي. ان لاءِ تہ شاهہ جي محبوب سندس دل کي ڪچي تند ۾ سلهاڙيو آهي. هاڻي اتان محبوب جي دل جي ٽٽڻ جو ڪو بہ امڪان نہ آهي. شاهہ جي دل ۽ محبوب جي پيار ۾ پيچ پيل آهي ۽ پرين پنهنجي پيار سان هينئڙو هٿ ڪيو آهي. اها محبت جي اها منزل آهي جتان هڪ گهڙي بہ غافل نہ رهڻو آهي. دل جو دل ۾ پيوند آهي. اها محبت لافاني محبت آهي. شاهہ جي محبت جي منزل اجا بہ اڳيري ۽ پيرين سان پيار اهڙو ازلي آهي. جو دنيا جي ڪابہ طاقت انهن ٻن دلين کي جدا نٿي ڪري سگهي. شاهہ فطرت جو شاعر آهي. فطرت جي اندر جيڪي اهڙيون نشانيون ان کي نظر آيون انهن جي اهميت جي مطابق لطيف پنهنجو پيغام ۽ درس ڏنو آهي. لوهار ڪيئن هڪ ڪڙو ٻئي ڪڙي سان ملائي. ان جي ميلاپ جي مضبوطي اهڙي پائدار آهي جو ان جي ٽٽڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مگر هڪ دل جو ٻي دل سان ڳانڍاپو ۽ ميلاپ هڪ انوکو مثال آهي جنهن کي سهڻي لطيف وڏي پيار سان نڀايو آهي ۽ اها پيار جي نزاڪت جي اعليٰ منزل آهي. شاهہ فرمايو تہ:

ڪڙو منجهہ ڪڙي، جيئن لُهار لپٽيو،
منهنجو جيءَ جڙي سُپيريان سوگهو ڪيو.

شاهہ کي پنهنجو محبوب ڏاڍو پيارو آهي. هو ان جي انگ انگ سان پيار ڪري ٿو ۽ ان جي حُسن جي تعريف ڪري ٿو. شاهہ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبوب جا پونر پرون پالن وانگر آهن. جڏهن محبوب کي ياد ڪري ٿو تہ محبوب جي ياد ان لاءِ اٿئين آهي.

چڪيا ڦٽ فراق جا اندر ۾ آلا

تہ پوءِ الله جي در التجا ڪري ٿو تہ سو يار ميڙين پالا. يعني اي الله جنهن جي صحبت کان سڪي هينئون. شاهہ پنهنجي پيار ۾ اٿل آهي ۽ دل جي اندر اڪير اٿن تہ يا خدا مون کي پنهنجو محبوب ملاءِ جنهن لاءِ دل بار بار پريشان آهي. مان ان سان ئي ملاقات ڪرڻ ٿو چاهيان جيڪو اندر جو آئينو آهي. قرار ۽ سڪون جو سبب آهي. شاهہ پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ آهي. راهون تڪي ٿو. هو هر روز انتظار ڪري ٿو. اڄ بہ انتظار ڪري ٿو. هن جو هر صبح محبوب جي انتظار کان شروع ٿئي ٿو. دنيا جا عاشق بہ پنهنجي محبوب جي اچڻ لاءِ انتظار ڪن ٿا. مگر ڪنهن نہ ڪنهن ويل پنهنجي پرين کان غافل بہ رهن ٿا. مگر شاهہ جي انتظار ۾ ڪو بہ پل خالي نہ آهي. شاهہ جي محبت انس ۽ پيار جي مطابق جودم غافل سودم ڪافر جي مثال آهي. شاهہ الله جي در التجا ڪري ٿو تہ اي رب منهنجي اڱڻ تي پرين پساءِ تہ منهنجو اڱڻ اُجرو ٿي. سواءِ پرين جي منهنجي اڱڻ تي ڪابہ رونق نہ آهي. اونداهي آهي، غم آهي، اڪير آهي. دل جي گهٽ آهي نہ دل کي ڪو بہ قرار نہ آهي.

وينو ڏسان راهہ اڄ پڻ آيا ڪين ڪي
ساڄن لئي سڪي گهڻو، ساريو منهنجو ساهہ
آئين شال الله تہ اڱڻ تينم اُجرا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ جڏهن حد کان زياده پريشان ٿو ٿئي ۽ ان جي دل جي سڪ پوري نه ٿي ٿئي ته پوءِ محبوب کي ڏوراپا به ڏئي ٿو ۽ پنهنجي محبت پيار ۽ سچي عشق جي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي محبوب جي آڏو پيش ڪري ته پل اچي ڪاتي سان اچي مار اميد عاشق پنهنجي پيار جي منزل ۾ پاس ٿيندو. محبوب جي ڪاتيءَ واري هٿ کي نه روڪيندو. ان لاءِ ته عاشق جو اندر اڳ ۾ ئي پروڻ تي چڪو آهي. ۽ جسم جو هر هڪ حصو محبوب جي امتحان لاءِ حاضر آهي. شاهه فرمايو ته:

ڪِٺان سڪين سپرين ڪاسائڪي ڪار
تکي ڪاتي هَٿَ ڪري مڏيءَ سين نه هار
چوري چاڪ نهار جي سورن سانگهيٽڙا ڪيا.

شاهه پنهنجي محبوب کي اجا به مهلت ٿو ڏئي. ته وٺ ڪاتي وڍ انگڙا ادب ڪرم ڪوءِ. اها شاهه جي قرباني هڪ بي مثال قرباني آهي. جڏهن محبوب جي پيار ۾ شاهه جي هر هڪ چيز قربان آهي. شاهه عشق جي منزل تي ايترو مٿاهون آهي جو ڪاٻه اهڙي عشق جي منزل نه آهي. جتي شاهه نه پهتو هجي. شاهه ٻي عشق جي منزل مطابق جان، جسو ۽ جيءَ سڀ قربان ڪرڻا آهن. اکين جو انتظار ڳين تان ڳوڙها، دل جي ڏڙڪن. ڪاتي سان محبوب جو مارڻ ۽ ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍڻ سڀ عشق جي امتحان جا ڏاڪا آهن. جيڪي عاشق زهر پياڪ هوندا. جيڪي فنا لاءِ فنا هوندا. انهن عاشقن کي اها منزل ملي ٿي. جيڪي ”مون ۾ آهين تون“ جي منزل حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڻ پنهنجي وجود کي فنا ڪندا. انهن عاشقن، سالڪن کي اهو معراج حاصل ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو. لطيف سنڌو جو سالڪ آهي. اسان سنڌين جو مالڪ آهي. اسين تنهنجي عشق جا سلامي آهيون.

لک لائق ۽ قرب تنهنجا سنڌ تي آهن احسانَ يٽائي،
تون منهنجو عشق ۽ پيار تون منهنجو دين ۽ ايمان يٽائي.
(نصرت).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر حاجي عنايت الله زنگيجو

# سُر بروو سنڌي ۾ انساني جذبن جي اُپٽار

لطيف ماڻهن کي هن ڪري وڻي ٿو، جو هن ماڻهن جي ڳالهه ڪئي آهي. لطيف جو موضوع "انسان" آهي. هن عام انسان جي ويجهو وڃي، ان جي ضرورتن، مشڪلاتن، خوشين ۽ ڏکن، وڇوڙي ۽ ميلاپ، محرومي ۽ آس، محبت ۽ نفرت جي جذبن جو، پنهنجي بصيرت ڀري نگاهه سان مطالعو ڪيو ۽ پوءِ انهن مڙني جذبن کي اهڙي تہ ڀرپور ۽ اثرائتي انداز ۾ دهرايو آهي، جو هرڪو ائين پيو سمجهي تہ ڀٽائي منهنجي ڳالهه پيو ڪري، مون سان ڏک پيو ونڊي، مون کي دلاسو پيو ڏئي، منهنجي ڪيفيت جي نشاندهي پيو ڪري.

هڪ انسان تي جيڪي جذبا وارد ٿين ٿا، يا مختلف وقتن ۾ انسان جن ڪيفيتن مان گذري ٿو، لطيف سائين، سر بروو سنڌيءَ ۾ اهي سيئي جذبا ۽ ڪيفيتون بيان ڪري وجي پار پيو آهي؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١. ماڻهو سدائين هڪ حال ۾ ڪونهي. "ڪڏهن روح راڳن ۾ راضي، تہ ڪڏهن بيتن کان بيزار". عام انسان تہ ڇڏيو پر الله جا نوازيل نيڪ ٻانهان بہ انهي ڪيفيت مان گذرن ٿا. بعضيءَ الله تعاليٰ انهن کي الهامي انداز ۾ ڳجها راز ۽ عجب اسرار ڏيکاريندو آهي، پر بعضي انهن کي الله جو عاجز ٻانهون ثابت ڪرڻ لاءِ اُهي ڳجها راز مٿن منڪشف نٿا ٿين ۽ هو ويچارگيءَ جي عالم ۾ اچيو وڃن. انهي قبض ۽ بسط جو ذڪر ڪندي، هڪ فارسيءَ واري اهل الله چيو آهي:

گهي بر طارِم اعليٰ نشينم
گهي بر پشت پائي خود نہ بينم

يعني "ڪڏهن تہ آئون عرش الاهي جا اسرار وينو ڏسان، پر ڪڏهن اها حالت ٿيو ٿي وڃيم، جو پنهنجي پير جي پُٺ بہ ڪونہ ٿو ڏسان". لطيف سائين، هن سر ۾ انهي ڪيفيت جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن ڪلن در دوست جا
ڪڏهن سڪان سڏ کي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوئيو نين
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

٢. ٻيو جذبو درد ۽ فراق جو آهي. جيئن اردوءَ واري چيو آهي تہ "درد دل کي واسطي پيدا کيا انسان کو" تيئن درد جي چپيٽ کاڌل ماڻهو کي ئي دک درد جو احساس ٿيندو. ٻي دردن کي کهڙي خبر تہ لڳي جي لهس ماڻهو جو ڇا حشر ٿي ڪري "پاڙي ناهہ پروڙ،

رات رنجائي گذري."

پٽ ڏٺي انهي درد جي دونهين، سوز ۽ ساء جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

جيئن ڪا ڪاني ڪانهن، لسندي لاتيون ڪري
اڇي پيئي اوچتي، درد پرين جي دانهن
ويڄ! ڏنيين ڪوه ٻانهن؟ سور هنيئن ڪي سامهان.

يعني جدائي جي درد مون کي ائين دانهون ڪرايون آهن. جيئن ڪانهن جي ڪپيل ڪاني (نڙ) ورلاپ ڪندي آهي. انهي درد ۾ منهنجي دل وڪوڙي پئي آهي. پر طبيب! تون مون کي ٻانهن ۾ ڏنب ويٺو ڏئين. اهي پلا منهنجو درد ڪيئن دفع ڪندا.

٣. هر انسان محبوب جي انتظار جي ڪيفيت مان ٻه گذري ٿو. انهي اوسيئڙي دوران ماڻهن پنهنجي محبوب سان پر پٽ ڳالهيون ٻه ڪيون هونديون، پر ڀٽائي منتظر جي واتان هن طرح ڳالهرايو آهي:

اچين جي هيڪار، مون سارينديَ سپرين
پيرين ڏريان پنبڻيون، هنڌ وڇايان وار
ساجن سڀ ڄمار، هوند گولي ٿي گذاريان.

اي محبوب! ساروٽي دوران تون جيڪڏهن قرب ڪري مون وٽ اچين ته ماڻهو ته گسن تي گاهه يا قالين وڇائيندا آهن، پر آئون تنهنجي گس تي پنهنجا وار وڇائي تنهنجو استقبال ڪريان. نه فقط ايترو بلڪ پنهنجي اکين جون پنبڻيون تنهنجي پيرن سان مليان ۽ اچڻ واري احسان جي عوض ساري زندگي تنهنجي گولي ۽ غلام ٿي گذاريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۴- وصال جي منزل به انسان تي اچي ٿي. جڏهن محبوب پنهنجو محبوب ڏيکاري ٿو ته جدائيءَ وارو درد دور ٿيو وڃي ۽ سک سرهائي نصيب ٿي ٿئي. انهيءَ ڪيفيت جو تذڪرو لطيف سائين هن طرح ڪيو آهي:

اڄ پڻ جڙيم جوڙ، دوست پيهي در آئيو
سکڻ اچي ڏکن ڪي، محڪم ڏني موڙ
جا پر ڪنيءَ ڪوڙ، سا پر سورن سان ٿئي.

۵- وري جيڪو محبوب اچي مليو آهي، تنهن سان مخاطب ٿي شڪريو ادا ٿو ڪري ۽ رب کان دعا ٿو گهري ته سدائين محبوبن سان ميلو قائم هجي، ڏهاڳ جو ڏينءَ ڪڏهن به نه ملي ۽ وڇوڙي جو ويلو هرگز نه اچي:

شڪر گڏياسون سپرين، جيئري جاني يار
وينِي جن جي وٽ ۾ ڪوڙين ٿيا قرار
ڏئيم! ڪر م ڌار، پاڙو تن پرين ڪان.

٦- انسان الاهي امر واري هن ڪيفيت مان به گذري ٿو. جو سندس جاني هميشه لاءِ جدا ٿيو وڃن. جو ته اهي اهڙي پار وڃيو پهچن، جتان ڪو به واپس ڪونه ورٺو آهي. اهڙي سدا وڇوڙي جي وڍيل ۽ ڏکويل جي ڏک جي دانهن پٽ ڏٺي هن طرح ورجائي آهي:

جڏهان ڪر جاني، سڄڻ سانگ سڌاريا
راتيان راحت ناهه ڪا ڏينهان حيراني
آئون پنهنجي پرينءَ تان ڪوڙين قرباني
رضا رباني، نا ته ڪيم وس وصال ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٧. اها موت واري گهڙي هر ڪنهن تي اچڻي آهي. وچڙيل جي ياد ۾ ڳلن تان ڳوڙهن جو ڳڙڻ فطري آهي. پر نيت ته دل کي دلاسو به ڏيڻو آهي جو ته وڪان امر الله مفعولا (القرآن) "الله جو امر بهرحال نافذ ٿيڻ وارو آهي":

لڪئي لامون ڪوڙيون، نيڻن وَهي نير
هينئڙا تي سڌير، ڪالهه قريبن لڏيو.

٨. اصل حقيقت هيءَ به آهي ته هن جهان جو جنسار ۽ سنسار جو سينگار پل پهر جو مهمان آهي. انسان جي پنهنجي حياتي عارضي ۽ اچڻي وڃڻي آهي. لطيف سائين انهي ابدي حقيقت جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو:

فاني ڙي فاني، دنيا دم نه هيڪڙو
لٿي لوڙهه لتن سين، جوڙيندءِ جاني
ڪوڙ ۽ ڪاني، آهي سر سڀ ڪنهن.

٩. دنيا ۾ اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي ظاهري طرح سهڻي صورت وارا آهن، مگر سندن عادتون اگليون آهن. ڏسندڙ جي نظر کي سندن سهڻي صورت موهيو وجهي ۽ هو هر حال ۾ کين حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. مگر جڏهن ويجها اچن ٿا ۽ سيرت جا عيب ظاهر ٿين ٿا ته ماڻهو مصيبت جي منهن ۾ اچيو وڃي. لطيف سائين اها ڳالهه هن طرح ورجائي آهي:

صورت گهڻو سهڻا، ٿاڻا سندن ٿوهه
ريلو ڏئي روح، جو ڪائي سو ڪامي مري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٠. هر دؤر جي ماڻهوءَ کي اها شڪايت رهي آهي ته ڪالهه اڳ وارو دور بهتر هو. هاڻي اخلاقي لحاظ کان ماڻهن جو حال ابتر ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ پٺائي جو دور اسان جي دور کان هزار بار بهتر هو، مگر ان هوندي به پٽ ڌڻي کي به اها ساڳي شڪايت آهي ته سندس دؤر جي عام انسان مان اخلاص جو ڳڻ گهٽجي ويو آهي. هن دنيا ۾ ته انسان جون فقط ڳالهيون ٿيون ڳائجن. تنهنڪري ماڻهو کي گهرجي ته اصول نه اورانگهي، جيئن سندس وڃڻ کان پوءِ ڪيس چڱي نالي سان ياد ڪيو وڃي. ان لاءِ دلنشين انداز ۾ فرمائي ٿو:

آدمين اخلاص، مٺائي مانو ڪيو
هاڻ ڪائي سيڪو سندو ماڙهو ماس
دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس
ٻيو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪ دل نه هوندو هڪڙو.

١١. هيءَ به عام مشاهدي جي ڳالهه آهي ته ماڻهو جي جنهن سان دلي محبت هوندي آهي، سو هر وقت روح تي راڄ تو ڪري ۽ دل هڪ گهڙيءَ لاءِ به سندس ياد کان غافل نٿي رهي، جڏهن ته ٻيا عام ماڻهو ياد ڪرڻ سان به ياد نٿا رهن. لطيف سائين انهي ڪيفيت کي هن طرح ورجايو آهي:

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين
ڪي سنيرجن نه ڪڏهين، ڪي وسرن نه مور
جيئن مينهن ڪنديءَ پورُ، تيئن دوست وراڪو دل سين.

”جيئن مينهن ڪنڌي پورُ“ جي تمثيل جو ڪو جواب ڪونهي. يعني جيئن چوڙ ڪُنڌڙي مينهن جو سڳ پنهنجي وجود سان وڪوڙيل هوندو آهي، تيئن منهنجو محبوب منهنجي دل کي وڪوڙيو ويٺو آهي.

١٢. دعا گهرڻ بہ انسان جي فطرت ۾ سمايل آهي. ڏک جي گهڙيءَ مان پار اڪرڻ لاءِ چڱي مستقبل جي آس رکي انسان پنهنجي مالڪ کي ٻاڏائي ٿو. مگر گهرڻ جو سليقو هر ڪنهن کي نٿو اچي. اُن ڪري اهل دل گهرڻ جو ڍنگ ۽ طريقو بہ مالڪ کان پڇندا آهن. لطيف پنهنجي سائين کي هن طرح ٿو سڏي:

جانب! تون جيڏو، آهين شان شعور سين
مون تي ڪر منهنجا پرين! توهہ تُسي تيڏو
اي ڪامل ڪم ڪيڏو، جيئن نوازينم نگاهہ سين.

هيءَ ڪيڏي نہ جامع دعا آهي تہ اي سڀاجها سائين! مون تي ايڏو ڪرم ڪر جيڏو تنهنجو شان آهي. جيڏن وڏن خزانن جو مالڪ آهين، اوڏائي دهرا دان عطا فرماءِ.

١٣. جيئن پاڻي کان سواءِ وڻ سڪيو ٺوٺ ٿيو وڃي، تيئن پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي محبتا کان سواءِ انسان بہ روهہ رليو وڃي. هر سليم الفطرت انسان پنهنجي رب سان لنئون لڳائي ٿو. جيڪو ائين ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ٿو ڏيکاري، تنهن کي صحيح راهہ جو ڏس ڏيندي، ڪجهہ ميار ۽ ڪجهہ چينڀ جي انداز ۾ پٽ ڏٺي خبردار ٿو ڪري تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاڪي وڃيو چو، ٻيلي ٿئين ٻين جو؟
وٺ ڪنجڪ ڪريم جي جڳ جو والي جو
سوڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي ته لِمَ تَعبُدُ مِن دُونِ الله "الله کان سواءِ ٻين جي عبادت چو تو ڪرين؟" انهي ساڳئي انداز ۾ لطيف سائين خدا فراموش انسان کي تنبيه ڪندي چيو آهي ته چو ۽ ڇا لاءِ ٻين جو ٻيلپو قبول ٿو ڪرين؟ آخر اها تنهنجي ڪهڙي حاجت آهي، جا احڪم الحاڪمين جي بارگاهه مان سڌ نه ٿي سگهندي، جنهن لاءِ توکي ٻيا در واجهائڻا پون؟ ڏنو ويو آهي ته پنڪڻ وارا به در در جون ٺوڪرون کائي نيٺ پنهنجي مالڪ ڏانهن موٽن ٿا. جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

تڪيا ڪئين تڪيام، ڪونهي تڪيو تو ري
هيڏانهن هوڏانهن هتڙا، هونهين پٽي هنيام
تڏهن سبب صاب پيام، جڏهن تڪيو تڪيم تنهنجو.

١٤. عشق رسول ۽ ثنائي مصطفيٰ ﷺ کان سواءِ نه ڪنهن تي روحاني رنگ چڙهيو آهي ۽ نه چڙهندو. حسن صورت توڙي حسن سيرت ۾ اجهي عربي امام مني محمد ﷺ جام جهڙو نڪو ڄائو نڪو ڄمندو. هر صوفي با صفا وانگر لطيف سائين جي محبت جو محور ۽ مرڪز به سرور ڪونين ﷺ جي ذات بابرڪات آهي. سر بروو سنڌي ۾ پڻ ڏٺي سهٽي سردار جي سونهن جي ساراهه هن طرح ڪئي آهي:

ناز منجهارا نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
يون پڻ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رَند
اپيون گهٽي ادب سين حورون حيرت هنڌ
سائين جو سوڳند، ساجن سينڌان سهڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نذير ناز

# شاهہ لطيف جو سُر ”بروو سنڌي“

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ”شاهہ جو رسالو“ ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بيان ڪئي آهي. اتي وري صوفيانہ رنگ بہ ڇٽيا اٿس. سنڌس هر سر هڪ مڪمل باب جي حيثيت رکي ٿو. ”سر بروو سنڌي“ بہ انهن سرن مان هڪ سر آهي جنهن جي هر سٽ مڪمل معنيٰ ڀري آهي.

لفظ ”بروو“ ”برها“ جي ترجماني ڪري ٿو. ”برها“ لفظ جي معنيٰ آهي سچي عشق جي باهہ. برها لفظ باهہ مان نڪتل آهي. ”سر بروو“ هندوستان جي هڪ راڳڻي جو نالو آهي جنهن کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌي ويس ڍڪائي ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن لاءِ ”سر بروو سنڌي“ پيش ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن سر ۾ شاهہ لطيف رحہ مجاز کي گهڻو ساراهيو آهي ۽ هڪ سچو پريمي جيڪو ڪجهہ پريم ۾ ڀوڳي ٿو تنهن کي هينئن بيان ڪري ٿو تہ:

ڪوئي ڪُناڻون، اڄُ پڻ آڪَرَڻُن سين
ماس وِراهي هَليا، ڪَرنگلُ ڇَڏياڻُون
"وَتَواصوابِاَلحق وتواصوبالصبرُ" ايئن اُتاڻون
مُٺِي مارِياڻُون، ڪلي گهائيو سَڄَڻين.

شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ، "اڄ پڻ محبوبن مون کي سڏائي پنهنجي نيڻن سان ڪُٺو. منهنجو ماسو وٺي وراهي هليا ويا ۽ پٺيان سڪڻو هڏن جو پڃرو ڇڏياڻون. "حق (ڏٺيءَ) سان ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪندا رهو صبر سان" ائين فرماياڻون. هن مٺي کي ماري فنا ڪياڻون. محبوبن مرڪي، مون کي گهائي ڇڏيو". "سر بروو سنڌي" مجازي عشق سان اهڙو ڀريل سُر آهي جو پڙهڻ وارو وڃي عشق جي اوڙاهہ ۾ اڙجندو. سچ تہ هي سر عاشقن لاءِ هڪ راهہ مثل آهي. جنهن وسيلي هو پنهنجي محبوب سان وڃي ملن ٿا ۽ روحاني سڪون حاصل ڪن ٿا. اها حقيقت آهي تہ محبت شاعرن جو دل گهريو موضوع رهيو آهي ۽ اها بہ سچائي آهي تہ شاعري جو بنياد ئي عشق آهي، محبت آهي ۽ اهوئي عشق آهي جيڪو هڪ عاشق جي دل کي درد ۾ ٻري ڇڏي ٿو ۽ جڏهن درد دل ۾ گهر ڪري ٿو تہ پوءِ فطرت جا لڪل راز بہ کلي پون ٿا. لطيف سائين عشق جي اپٽار هينئن بيان ڪري ٿو تہ:

لڳيءَ جو لَطيف چئي، نڪو ٿال نہ ڦِيلُ
لڪئي لا مُون ڪوڙِيُون، نيٺين وهي نيٺر
هينئڙا تِي سُڌيرُ، ڪالهہ ڦريعِ لَڏيو.


Scanned with CamScanner

مطلب تہ عشق اها شيءِ آهي جيڪا وني نٿي سگهجي، هي تہ فطرتي ۽ قدرتي تحفو آهي انسان لاءِ، پر هر انسان لاءِ ڪونهي. عشق تہ انهن لاءِ آهي جيڪي عشق جي طلب رکندڙ آهن. جيڪي محبوب جي پسڻ لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن:

ماڙهُو گهُرَنِ مال، اُنون سَڀ ڏينهن گهران سُپرِين
دنيا تنهن دوستَ تان، فِدا ڪَريان في الحالُ
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پَسَڻ تان پَري ٿيو.

بيشڪ، ڪي عاشق اهڙا بہ آهن جيڪي محبوب جي نانءُ وٺڻ سان ئي خوشي حاصل ڪيو وٺن ۽ محبوب جي ساراهہ جا ڏڪ پريندا وتن ٿا. شاهہ لطيف رحہ هن سر ۾ هڪ اهڙي ئي سچي عاشق جو حال اوريندي فرمائي ٿو تہ:

نَازَ منجهاران نِڪري، جَڏهن پرين ڪري ٿو پَنڌُ
پون پڻ "بِسمِ الله" چئي، راهہَ چمي ٿي رَنڌُ
اِيئُن گهٽي ادب سين، حَورُون حيرت هَنڌُ
سائين جو سوڳندُ، ساجَنُ سَيَنئان سُهڻو.

دنيا اربين انسانن سان ڀَٽيل آهي. هر انسان نفسا نفسي ۾ لڳو پيو آهي. مالي مسئلن کان وٺندي سماجي مسئلن تائين پنهنجن ڪلهن تي بار کنيو هلندو وتي. سندس دل ڪنهن مشين جيان تي پٺي آهي ۽ انهيءَ ڪري ئي حقيقي ۽ روحاني سڪون اڄ جي انسان کان گهڻو ڏور هليو ويو آهي. اڄ جي انسان صرف هن نيا ڪي ئي سڀ ڪجهہ ڀانئيو آهي. عشق، محبت، انسانيت سچائي جهڙا لفظ اڄ جي انسان لاءِ ڪوڪلا


Scanned with CamScanner

ٻڌجي ويا آهن. پر هن هيڏي ساري وستي ۾ ڪي اهڙا ٻه آهن جيڪي اڄ ٻه جهونگاريندا وتن ٿا:

ڪَڙو مَنجهه ڪَڙي، جيئن لُهارَ لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپيريان سوگهو ڪَيو.

۽ جن اهو جهونگاريو سچ تہ تن سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو. عشق جهڙي طاقت سچن عاشقن کي ملندي آهي. عشق ئي آهي جيڪو بجلي جي چمڪاٽ جيان عاشق جي سڄي وجود ۾ گهر ڪري ويندي آهي ۽ انهي قليل وقت ۾ عشق اهڙو قربت جو راز ٻڌجي پوندو آهي جنهن کي اڄ جا سائنسدان بہ پروڙي نہ سگهيا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي نظر اينڊڙ وقت تي هئي تڏهن ئي تہ هن سر ۾ فرمايائين تہ:

يارُ سڏائي سَيُڪو، جاڻي زباني
آهي آساني، ڪم پئي تي ڪَلَ پوي.

واقعي اڄ جڏهن اسان پنهنجي معاشري جي چوڌاري نظر وجهنداسين تہ مٿيون شعر معاشري جو چٽو پٽو عڪس نظر ايندو. ڪو ڪنهن جو ڪونهي. صدين پڄاڻان اڄ بہ اها صورتحال آهي جيڪا شاهه سائين پنهنجن شعرن ۾ ڪري ويو آهي. شاعر ماضي، حال ۽ مستقبل جا آئينہ هوندا آهن اڄ بہ توري نظر ڦيرائيو تہ "سر بروو سنڌي" جو هي شعر اوهان جي اڳيان آئيني جيان نظر ايندو:

آدمئين اِخلاصُ، مٺائي مانو ڪَيو
هاڻ ڪائي سَيُڪو، سَندو ماڙهوءَ ماسُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دِلبَر! هن دُنيا ۾، وجي رَهندو واسُ
بئي سڀُ لوڪ لباسُ، ڪو هِڪَڙِ هُوندو هيڪڙو.

شاهه عبداللطيف رحه وقت جو نبض شناس هيو جنهنڪري ڪيس اها ڄاڻ هئي جتي ماڻهو هڪٻئي جو ماس ڪائيندا ۽ سچائي ۽ سُپت وڃائي ڇڏيندا اُتي ويچارا عاشق به پنهنجي محبوب هٿان دل ٽرائي ويهي رهندا ۽ پوءِ درد دل ۾ دڪائي دانهون ڪندا وتندا:

جَڏهن پوي يادِ، صحبت سپيرين جي
فريادُون فريادِ، ناگه وجن نڳيو.

عاشق ته ٽرائي ڇاٽيندا آهن. ڪين پتو هوندو آهي ته هن دور ۾ دل جو قدردان ڪوئي ڪونهي، پوءِ به الائي ڇو عشق جو هوڪو ڏيندا وتندا آهن. هي دنيا عشق وارن جي لاءِ ئي قائم آهن. عاشق ڪيڏو به ٽرجي لٽجي وڃي پوءِ به محبوب جو نالو سندس زبان تي ضرور هوندو.

جانبَ! ايئن نہ ڄڃاءِ، جيئن مارِيو، موٽيو نہ پڇين
رَتيءَ رتُ نہ سنجري، سڪ تُنهنجي ساءِ
آسان توئي لاءِ، تي پَرِ ۾ پُوڄائوُن ڪيون.

شاهه جي شاعري جو اڀياس ڪندي اها حقيقت سامهون آئي آهي تہ شاهه عبداللطيف رحه شاعر سان گڏ وقت جو نبض شناس بہ هيو. جتي ماضيءَ کي ساراهيو آهي اُتي هن حال مان ڄاڻ وٺي مستقبل جي راهه ڏسي اٿائين. جتي هن هڪ سچي پريمي جو عڪس چٽيو آهي اتي انهيءَ پريم ۾ ٿيندڙ دوکن کي بہ نروار ڪيو اٿائين ۽ مستقبل ۾ معاشري جي بيهڪ جو پس منظر بہ چٽيو اٿائين ۽ اهو پڻ ٻڌايو اٿائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ جتي سچائي پنهنجي حيثيت وڃائي ويهي اتي معاشري جو حال ڏسڻ وٽان هوندو آهي.

اڄ اسين پنهنجي معاشري تي هڪ نظر وجهون ۽ "سر بروو سنڌي" کي پڙهون ته سڀ ڪجهه سامهون نظر اچي ويندو. اسان شاهه سائين جي پيغام کي وساري پنهنجن ڪتابن مان نيڪي ۽ سچائي جا سڀ گفتا ڪڍي ڇڏيا آهن. تنهنڪري ئي اسين هڪٻئي جو ماس کائي رهيا آهيون ۽ اڻ ڏٺي خوف جو شڪار آهيون. اسان عشق جي اوڙاهه کي ٿڌو ڪري ڇڏيو آهي جنهنڪري درد مند دل تڙپي تڙپي مري چڪي آهي. وفائن جي جڳهه بيوفائن والاري آهي. لطيف سائين پوءِ به دل ناهي هاري چوي ٿو ته پل ته مون ۾ ڪيترئون ئي خاميون هجن پر منهنجو محبوب ضرور ايندو ۽ مهر جي نظر ڦيرائيندو ۽ پوءِ امن پري وادي هوندي ۽ هر طرف گلزاري هوندي:

ڪوڙي ڪَڻُ ۾ سُپرين، ڪَنيئي تان ڪوڙِ
عادت جا اڪيَن جي، سا نيئي نِباهِج توڙ
مُون ۾ عَيبن ڪوڙِ، تون پاڻ سُڄائج سُپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# متفرقه مضمون

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد مظفر علي شاهہ

# شاهہ ڀِٽائي هڪ استاد

مشهور ادبي نقاد، مصنف ۽ فلاسافر جان ڊيوي جي چوڻ مطابق شاعر اسان جي تهذيب جا (Non-Authorised) قانون دان آهن. اهو انهي ڪري جو انصاف جو ترازو سنڀاليندڙ وڪيل ۽ جج لکيل قانون جا شارح آهن. پر شاعر دلي ۽ ذهني جماليات جي تخليق سان انسانن جي لاءِ اهي قانون گهڙيندا آهن جن کي قومون قانون نہ چا شريعت ڪري حرزِ جان ناهينديون آهن. شاهہ لطيف پنهنجي دؤر جي نصابي تعليم تمام گهٽ حاصل ڪئي. پر سندس اندر جي اک ڪليل هئي. نتيجي طور پاڻ پنهنجي دور جي سماجي، جاگرافيائي، تمدني، معاشي، ثقافتي ۽ سياسي حالتن جو ڏاڍو ڳوڙهو ۽ مفصل تجزيو ڪيو اٿن.

ڏٺو وڃي تہ پڙهڻ پڙهائڻ جي ريت انسان جي تهذيب ۽ ذهن



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيتري پراڻي آهي. جنهن ڏينهن انسان ڇا، ڇو، ڪيئن، ڪڏهن، ڪهڙو ۽ ڪير جهڙا سوال پڇيا تہ پڙهڻ جي ريت نيڪ انهي ڏينهن پئجي ويئي.

لطيف نہ تہ ڪنهن يونيورسٽي جو گريجوئيٽ هو ۽ نہ ئي وري ڪنهن مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيل اديب يا عالم فاضل هو. سندس تعليم دنيا جي آفاقي ۽ بين الاقوامي طريقن موجب وٺن هيٺ هئي. سندس تعليم يوناني اڪابر سُقراط وانگر هوندي هئي. جيڪو گهٽين ۽ بازارن ۾ نوجوانن جا ٽولا پنيان لائي پيو هلندو هو ۽ سندس سوالن جا جواب ڏيندو وتندو هو.

لطيف انسان ذات جو وڏي ۾ وڏو استاد آهي. منهنجي خيال ۾ هڪ استاد جي فرائض منصبي ۾ ڪوڙ ساريون ڳالهيون شامل آهن. هڪ استاد کي منهنجي خيال ۾ پنهنجي (Academic Career) ۾ ٽي Part Play ڪرڻا پون ٿا. اُهي آهن هڪ نقاد جو، ناصح جو ۽ رهنما جو.

## نقاد جي حيثيت ۾ : As a Critic

دنيا ۾ جيترا بہ عالم، مذهب، فڪر، فلسفا ۽ نظريا موجود رهيا آهن، اوترين ئي تنقيدون ۽ نقاد موجود رهيا آهن. نقاد مخصوص معيار تحت انهن ڪي پرکي ٿو. هوتئن بہ سيني علمن ۽ فلسفن جو مرڪز ۽ محور هر دؤر ۾ زندگي رهي آهي ۽ رهندي.

شاهہ سائين زندگي جو اهو نقاد آهي جنهن جي تنقيد ڪنهن مخصوص دؤر تائين محدود ناهي پر سندس تنقيد هر دؤر جو احاطو ڪري ٿي. جيئن هو پنهنجي ذات ۽ شاعري ۾ فاتح ڪائنات لڳي ٿو،

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلڪل هڪ نقاد جي حيثيت ۾ به سندس تنقيد آفاقي معيار رکي ٿي.

هو زندگي جي هر پهلو کي هڪ عاشق ۽ وحدت الوجودي جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ هر حوالي سان (Oneness) جو قائل آهي. هڪ نقاد جي حيثيت ۾ سندس نظر ۾ ٻيائي جو قائل ماڻهو ڀليل ۽ ڀٽڪيل آهي:

وَحدهٗ لا شريڪ لهٗ، ائين هيڪڙائي حق
ٻيائي کي ٻَڪ، جِن وڌو سي وِرسيا.

هو مذهب جي اهميت کان وڌيڪ اُن جي روح ۽ پيغام سان محبت کي اهميت ڏئي ٿو. هن جي پرک جو معيار هندو مسلم نه پر پنهنجي آدرش سان سچائي آهي. خصوصا برصغير ۽ عموما پوري انسان ذات جو وڏو نقاد آهي. ان لاءِ هو لاديني ۽ آفاقي معيار مقرر ڪري ٿو:

ان ۾ نه ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.

وحدت الوجود (Pantheism) يا همہ اوست جي فلسفي موجب ته "سڀ هُو آهي" يعني ته هُو ذاتِ ڪُل آهي ته پوءِ ٻئي ڪنهن جي وجود جو ڪو جواز ئي نٿو رهي. اهڙي نموني سان پنهنجي محبوب حقيقي کي ماڻڻ لاءِ آءٌ پڻو (Ego) وڏي رڪاوٽ ٿو ٻڌجي ۽ هُو ان لاءِ وجود وڃائڻ ضروري ٿو سمجهي:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهي سُجود
وڃائي وُجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

هو استاد پيشي جو وڏو نقاد آهي. هو اُستادن جو استاد آهي ۽ اُنهن لاءِ ميعار مقرر ته ڪري جيڪو اُنهن معيارن تي نه ته لهي. سو لطيف سائين جي نظر ۾ ماڻهن لاءِ عذاب جو سبب آهي:

اوريان ٿي آئين، ميڙيو معلم خبرون
سا تان سڌ نه ڏين، جتي وهه ويڌ ڪري.

هو علم ڪي روائتي نموني پڙهڻ جو قائل ڪونهي. ان لاءِ هو پڙهڻ کان وڌيڪ ڪڙهڻ کي اهميت ٿو ڏي:

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾.

جارج سنتيانا جي چوڻ مطابق انسان جا ٻه روپ آهن. هڪ فوق البشر ۽ ٻيو تحت البشر. انهي اصول تحت سماجي طور تي هڪڙا ماڻهو تمام گهٽا اُتم سمجهيا وڃن ٿا ۽ ٻيا پست ۽ گهٽ. روسو ۽ والٽيئر به روشن خيالي جي بنياد تي انهي ڳالهه جا قائل هئا ته انسان ذرتي تي ٿي بهتر زندگي گذاري عظمت ماڻي سگهي ٿو. لطيف جي نظر ۾ عشق زندگي جو محور ۽ مرڪز آهي. هو دنيا کي ترڪ ڪرڻ بجاءِ سونهن کي enjoy ڪرڻ ۽ عشق ڪرڻ کي زندگي جو معيار بنائي ٿو:

ترڪ ڪر ترڪ کي، وڃڻ ڪنان وڃ
آهي اي اهڃ، سٽي سڻائيج تون.

لطيف اڻ برابري ۽ طبقاتي سماج جو ڪنهن به صورت ۾ قائل ڪونهي جو ته معاشرو (Classes) ۾ ورهائجڻ سان گڏوگڏ پنهنجي منزل به وڃائي ويهي ٿو. طبقاتي تضاد کي عشق جي درياهه ۾ لوڙهي ٿو ڇڏي:

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

مَنِي هٿ ۾ مکڙي، چار هٿ ۾ چار
سڄو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهه هو.

## ناصح يا مصلح جي حيثيت ۾ : As a Reformer

سمورن سُنن، سُڄاڻ ۽ باضمير ماڻهن وانگر سماج جي اصلاح ۽ سنوار لاءِ لطيف به سدا ڏس ڏنا آهن. لطيف جي شاعري ۾ زندگي، سماج ۽ ڪائنات جي جن آفاقي قدرن جي سهڻي نموني سان اپٽار ٿيل آهي. اهي آهن:

١. حب الوطني ٢. جدوجهد ۽ محنت ٣. مقصد سان لڳاءُ ۴. بهادري ۵. اتحاد ۽ ٻڌي ٦. نياز ۽ نوڙت ٧. صبر

## حُب الوطني

انسان جي ضمير ۽ دل جي سيني سندر جذبن مان هڪڙو جذبو حب الوطني جو به آهي. اهو هڪڙو اهڙو فطري رويو آهي ته ماڻهو جنهن ڌرتي جي ٽُڪري تي جمي ٿو، ان جي پٽر پٽر ۽ وڻ وڻ سان سندس محبت ٿيو وڃي.

پٽائي ان لطيف جذبي جي پنهنجي سُر "مارئي" ۾ چا ته اپٽار ڪئي آهي، فرمائي ٿو:

سڄڻ ۽ سائيهه، ڪنهن اٿاسي وِسري
حيف تنين کي هوءِ، وطن جنين وساريو.

## جدوجهد ۽ محنت

جڳ مشهور ڏاهي ۽ شاعر آسڪر وائلڊ جي چوڻي ۾ :

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

Emotion for the sake of emotion is the aim of art, and the emotion for the sake of emotion is the aim of life.

زندگي آهي ئي حرڪت جو نالو ۽ جيڪا متحرڪ نہ هوندي، پوءِ اها زندگي نہ پر بينل پاڻي هوندي. لطيف سائين پنهنجي سسئي جي پنجن سُرن ۾ جدوجهد جا لازوال مثال ڏنا آهن. هڪڙي ڪمزور ۽ هيٺي عورت پنهنجي پنهون جي پنيان رتو رت ٿي هلندي ٿي رهي، جيڪڏهن پچار اٿس تہ پنهل جي.

ماٺهن چيس ڏور ڪيچ اڳاهون پنڌ ٿيو
پاٺان چڙهي پُور، وڪ وڌائين وِتري.

## پنهنجي مقصد سان لڳاءُ

ڪو بہ ڪم جيستائين مڪمل محنت ۽ سرجوشي سان نہ ڪبو، تيستائين مڪمل ٿي نہ سگهندو. لطيف جي سُورمي سسئي پنهنجي مقصد سان ڪيڏي نہ (Committed) آهي،جڏهن هو چوي ٿو:

جان جان هُئي، جيئري، ورچي نہ ويٺي
وڃي پونۃ پيٺي، سارينديَ ڪي سجڻين.

پلا ان ڪان وڌ ٻيو مقصد سان سچائي جا دليل ڪير تو ڏئي سگهي، جو جيئري تہ جيئري پر مرڻ وقت بہ سسئيءَ ڪان مقصد نہ وسريو:

اچي عِزرائيل، ستي جاڳائي سسئي
تي ٻوڙائي دليل، پنهون ماٺهو موڪليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## بهادري

لطيف اسان کي تقليد جي انڌ، ظلم ۽ جبر ناانصافي تي احتجاج ڪرڻ ۽ وقت جي شيطاني طاقتن سان مقابلو ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي. هُو بزدل سان نفرت ۽ بهادر سان پيار ٿو ڪري جيئن هڪڙي ڏاهي "يوريپڊنس" چيو هو:

Cowards do not count in battle, they are there but not in it.

لطيف ماڻهو کي باعزت نموني جيئڻ جو درس ڏنو آهي. انهي راهه تي اٽڪندڙ هر شيطاني طاقت سان وڙهڻ جو چوي ٿو:

سورهيه مرين سوپ کي، ته دل جا وهم وسار
هڻ ڀالا وڙهه ڀاڪرين، آڏي ڍال م ڌار
مٿان تيغ ترار، مار ته متارو ٿيئن.

## اتحاد ۽ ٻڌي

انسان فطرت جي هٿن ۾ ڏاڍو نگهوسار ٿيندو رهيو، نيٺ هن معاشرتي زندگي اختيار ڪري ٻين ماڻهن جي سهڪار سان ڪٽنب ۽ ٽولا برپا ڪيا. اها ته فطري حقيقت آهي ته ماڻهو جنهن قوم يا قبيلي سان رهي ٿو، اُن سان هِن جون بيشمار همدرديون ۽ وابستگيون هونديون آهن. هونئن به ڪنهن قوم جو ڍانچو تيستائين برقرار رهندو جيستائين هُن جي ماڻهن ۾ اتحاد ۽ ٻڌي هوندي. تهذيب جي خوشحالي جون سموريون برڪتون، اتحاد ۽ ايڪي ۾ سمايل آهن. لطيف اسان کي نصيحت ڪندي چوي ٿو ته:

وَگِرَ ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾


Scanned with CamScanner

پسو پکيئڙن، ماڻهونهنڻان ميٺ گهٽو.

## نياز ۽ نوڙت

ڏٺو وڃي تہ ماڻهوءَ جي تخليق ڏاڍي اوني درجي جي مواد ۽ ڏاڍين رحم جوڳين حالتن هيٺ ٿي آهي. اڄ بہ هو فطرت جي طاقت اڳيان ايترو تہ بيوس ۽ ڪمزور آهي جو انهن طاقتن جي معمولي نپوڙ بہ ڪيس نپوڙيو وجهي. لطيف انسان کي فخر ۽ تڪبر کان جهليو آهي، جو جو فخر خدا کي بہ پسند نہ آهي لطيف جي نظر ۾ اهڙي روش عزازيل کي بہ ڪاٺيارو ڪري وڌو. هن جا ڪردار"نئشي" جي سپرمين جهڙا تہ نہ آهن، پر هن جا ڪردار نوري نماڻي جهڙا آهن:

تون سمؤ آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ
پسي راڻين روءِ، متان مانگر مٽيئين.

## صبر

حضرت علي عليه السلام سائين جو قول آهي تہ "صبر هڪ اهڙي سواري آهي جيڪا ڪڏهن بہ ٺوڪر نٿي کائي".

ڀٽائي بہ انهيءَ ڳالهہ کي اڳيان رکندي، صبر جي تلقين ڪندي چوي ٿو تہ :

نمي کَمي نهار، ڏمر وڏو ڏک
منجهان صبر سِک، جي سنواريا سمجهين.

## رهنما يا رهبر جي حيثيت : As a Guide

اُستاد جو ڪم نہ فقط تنقيد ڪرڻ ۽ اصلاح جي لاءِ صلاحون


Scanned with CamScanner

ڏيڻ آهي، بلڪ سندس ذميواري پوءِ اها به ٿيو وڃي ته هو جيڪڏهن سماج، دنيا ۽ زندگي کي خراب ٿو ڏسي ته هو ڪهڙي قسم سنائي ٿو چاهي، ان ڏانهن رهنمائي به ڪري. لطيف هڪ اُستاد جي حيثيت ۾ رهنما جو ڪردار به نڀائي ٿو. رهنما جي ضرورت هڪ شاگرد يا واٽهڙو کي ته ڇا پر قومن کي به پوي ٿي. جيئن هو چوي ٿو:

ڏورڃ ڏيئو هٿ ڪري، ڏورِ مَ ڏيئان ڏار
ڪوڙين لک هزار، اونداهين انڌا ڪيا.

لطيف منزل دور، من تنها مسافر کي تقدير ۽ فطرت جي مشق ستم ٻڄڻ لاءِ اڪيلو ڪو نه ٿو ڇڏي. هو ڪيس اونداهي مان نڪرڻ جا ڏس به ڏي ٿو. هو چوي ٿو ته تون اجايو جهنگن ۾ پنهون پنهون ٿو ڪندو وتين. اهو تنهنجو محبوب، تنهنجو خالق پروردگار تنهنجي ساهه کان به ويجهو آهي. هو ستارن ۽ ڪهڪشائن جي رستي تي نه پر تنهنجي اندر ۾ آهي:

وڃين جو وَٽڪار، هِت نه ڳولين هوت کي
لِڪو ناهي لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

انسان پنهنجي سر ڪوشش نه ڪري ٿو باقي ازل جي تقسيم ڪار هن لاءِ جيڪو ڪجهه بچائي رکيو آهي. اهو نه ملندو ٿي ملندو "ليس للانسان الا ماسعي" (جيتري ڪوشش ڪندو اوتري ملندي) لطيف ماڻهو جي همت ۽ مردانگي مان ڪافي پُراميد آهي. هُو پنهنجي ڪردارن کي چئي ٿو ڏئي ته زندگي ۽ مقصد ايترا ڏکيا ڪو نه آهن


Scanned with CamScanner

جيترا هرو پرو لڳن ٿا. ڳالهه آهي محنت جي.

پُڄن سي پَسن، جڏهين ڪڏهن پرين کي
ڏوريندڙيون ڏِسن، اڳڻ عجيبن جا.

شيڪسپيئر وڏو تخليقڪار انهي ڪري هو جو هُن جا سڀ ڪردار مڪمل هئا. ڪاليداس وڏو سرجڻهار انهي ڪري ٿيو جو هن وٽ "شڪنتلا" جهڙا آفاقي ڪردار هئا. ڀٽائي جي هم گيريت جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي، جو هو پنهنجي ڪردارن کان سکي نٿو. پر هو پاڻ هڪ استاد ٿي انهن جي تنقيد، اصلاح ۽ رهنمائي ٿو ڪري. ڀٽائي پنهنجي ڪردارن کي اهڙي ڀرپور نموني سان پيش ڪيو آهي جو هو پاڻ تہ نهيو پر هن جا ڪردار بہ رهنماءِ حيات ٿي سگهن ٿا. هو ڪنهن هڪ دور جو نہ پر هر صدي جو استاد آهي ۽ رهندو. جيئن مشهور انگلش اسڪالر ايچ ٽي سورلي هڪ هنڌ لکيو آهي؛

It has retained the Universal appeal, prove that the Spontaneity of his message, lies deep in the hearts of all classes.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد حسين ڪاشف

# صوفي فڪر ۽ لطيف

تصوف جي تاريخ ۽ فڪر ايترو ئي پراڻي آهي جيترو خود انسان ذات جو شعور مظاهر پرستي جي دؤر کان وٺي ويندي "وحي" ۽ الهام جي دور تائين دنيا جي مختلف مذهبي نظرين، پيغمبرن، رشين ۽ مُنين جي تعليم ۽ انهن جي عملي ۽ فڪري ڄاڪوڙ جو ڳوڙهو اڀياس ڪبو ته اسان کي پڌريءَ پٽ اها ڄاڻ ملندي ته تصوف ۽ مذهب ڪنهن خاص قوم يا نسل جي پيداوار نه آهن ۽ نه ورثو. بلڪ انهن جو تعلق انسان جي عقيدي، عمل، فڪري ۽ نظري صلاحيت سان آهي. جيئن مذهبن جو وجود اسان کي تاريخ ۾ نظر اچي ٿو تيئن تصوف جا اهڃاڻ به هر دور ۾ ملندا، پوءِ انهن ڪٿي مڪمل صورت اختيار ڪئي، ته ڪٿي انهيءَ فڪر اثر انداز ٿي پنهنجو رنگ پيدا ڪيو. ديو مالائي يا اسطوري دور ۾ انسان جي مذهبي زندگي جو هڪ اهڙو به دور رهيو جنهن ۾ هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر طرف خدا جي مختلف قوتن کي ڪارفرما ڏٺو ۽ هو ڪثرت پرستي ۾ مبتلا رهيو. ليڪن باوجود ان جي هن پنهنجي ۽ خالق ڪائنات جي وچ ۾ ڪا وٿي محسوس نہ پئي ڪئي. مختلف رسمن جي ادائيگي هن جي قلب ۾ گرمي ۽ محبت پيدا ڪندي هئي. زندگي ۽ ڪائنات جي ڪثرت ۽ بو قلموني جي باوجود وحدت جو هڪ سلسلو هو جنهن ۾ انسان ۽ خدا پوري ريت لاڳاپيل ۽ هم آهنگ هئا. جاڪاڻ تہ هن جا ديوتا انسان جي شڪل ۾ سموهيل هئا. جن ۾ انسان کي خدا جو پرتو ۽ جمال نظر ٿي آيو. هن انهن سان پنهنجا ڪيئي تصور وابستہ ڪري رکيا هئا. اهڙي دور ۾ تصوف جي ڪنهن خاص خيال يا نظريہ جي ڪا گنجائش ڪا نہ هئي.

ليڪن جيئن ئي تاريخ ۾ توحيدي مذهبن جي دور وجود ورتو تہ ان اسطوري دؤر جي انهيءَ نظريہ وحدت کي ختم ڪري ڇڏيو. ان جي جاءِ تي "ثنويت" جي نظرئي وجود ورتو، جنهن ڪري انسان ۽ ڪائنات جي خدا جي وچ ۾ هڪ اڻ ڊهندڙ ديوار اُڀي ٿي وئي. انهيءَ نظرئي تحت خدا کي لافاني ۽ لا محدود ڪري پيش ڪيو ويو ۽ انسان جي فاني، ڪمزور ۽ محدود هستي بيان ڪئي وئي. اسان انهن ٻنهي نڪتن تي غور ڪنداسون تہ ڪثرت پرستي جي مفروضي ۽ ديوتائن جي تصور ۽ هر ڪائناتي قوت جيڪا قدرت جي جلال ۽ جمال جو مظهر هئي. اها هن لاءِ ذات جي تصور جو غماز هئي. جنهن سان هن پنهنجي زندگي جي هر عمل کي وانجي رکيو هو. توحيدي مذهبن جي ثنويت واري خيال ذات ۽ صفات جي تصور سان ٻنهين ۾ وڏو ويڇو موجود آهي. غالباً انهيءَ فرق ۽ اختلاف جو منطقي نتيجو "تصوف" جي پيدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيڻ جو بنيادي ڪارڻ بنيو.

انساني ارتقا سان گڏ توحيدي مذهبن جي تعليم جي مختلف دؤرن ۾ اسان کي اها ڳالهه واضح نظر ايندي ته انهن اخلاقي، عملي، سماجي قاعدن ۽ قانونن کي مربوط شڪل ۾ وجود ڏنو. جنهن سبب مذهب جي گرفت تاريخ جي ارتقا سان گڏ وڌيڪ پختي ٿيندي وئي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته توحيدي مذهبن ذهني طور تي ڪثرت پرستي کان انسان کي آجپو ڏنو، پر ايندڙ عذاب ۽ ملندڙ ثواب جي ويچارن هن جي عملي زندگي کي پابندين وارو ڪري وڌو اها آزادي جيڪا ديو مالائي دور ۾ هن کي هئي اها ختم ٿي وئي. پيداواري وسيلن، ثقافت جي روين هن جي عقلي ارتقا کي جيڪا هٿي ڏني ان کي مذهبي فلسفي جي عمل ويتر وڌيڪ پختو ڪيو ۽ سماجي قاعدا قانون جيئن پوءِ تيئن مذهب جي تابع ٿيندا ويا. اهڙي صورتحال ۾ قلبي ۽ ذهني خلا جو پيدا ٿيڻ يقيني امر هو. توحيدي مذهبن جي قانون تي عمل پيرا هئڻ جي باوجود انسان ۾ ويڳاڻپ جو احساس موجود رهيو ۽ هو حقيقت جي تلاش ۾ سرگردان رهيو. جنهن کي هن ڪان پري ڪيو ويو هو. جيتوڻيڪ هر توحيدي مذهب ۾ انهيءَ حقيقت جو ورجاءُ هو ته، هو اڪيلو آهي. ڏسڻ پسڻ کان پري آهي. اوهان سان گڏ ۽ اوهان جي وجود ۾ آهي. هن جي پيدائش کان ڪير واقف نه آهي. هو سڀني جو پالڻهار ۽ سرجڻهار آهي. وغيره. توحيدي مذهبن جي تعليم "ذات" جي تصور کي جيڪا شڪل ڏني اها ديو مالائي دؤر جي بنهه ابتڙ هئي. جنهن ۾ هن جي آزاد خيالي ذات لاءِ جيڪي مختلف تصور قائم ڪيا هئا اها سلب ٿي وئي. انسان جي تاريخي ارتقا جي خيال کان وحداني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فڪر ڪري جيڪو نتيجو نڪتو ان مان هيٺيان پهلو نمايان ٿيا:

الف: ذات کي هڪ غير مدئي قوت ڪري پيش ڪيو ويو.

ب: انسان کي ان جي تصوري سوچ ڏني وئي ۽ ذات کي ثم وراءُ الوراءُ جي صورت ڏني وئي.

ت: انسان کي خدائي حڪمن جي تابع بڻايو ويو، جڏهن تہ اهي احڪام خدا جا پيغمبر ۽ نبي پيش ڪندا هئا. جيڪي انهيءَ سماج ۽ تاريخ جي دؤر جي پيداوار هئا.

ث عقلي دلائل جو عقيدي جي سلسلي ۾ ڪو دخل نہ هوندو هو.

ج: پيغام ڏيندڙ خدا سان پنهنجو تعلق ٻڌائيندا هئا. جيئن حضرت موسيٰ جي گفتگو جو سلسلو ملي ٿو. اهڙي ريت هر صاحب ملهم يا صاحب وحي جو انهيءَ قسم جو سلسلو رهيو. اهو فرد پنهنجي قوم جي زبان ۾ انهن کي مخاطب ٿيندو هو. هن جي شخصيت عام انسانن جي مقابلي ۾ نهايت متاهين ۽ غير معمولي هوندي هئي. ان جي ڳالهين ۾ سچائي ۽ صداقت جو عنصر هوندو هو.

د: هو ماڻهن کي عذاب ۽ ثواب کان باخبر ڪندو هو. چڱائي جي عيوض بشارتون ڏيندو هو، برائين جي نتيجي کان ڪين ڊيڄاريندو هو. اصلاح احوال ۾ هن جو مرتبو متاهون هوندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توحيدي مذهبن ۾ شريعت ابراهيمي، ( جنهن کي دين حنفي به ڪوٺيو وڃي ٿو) شريعت دائودي، شريعت موسوي، شريعت عسيوي ۽ شريعت محمدي دنيا جي تختي تي نمودار ٿيون (انهن کان سواءِ ٻين نبين جون به انهيءَ سلسلي ۾ ڪوششون رهيون جيئن ته حضرت شعيب، حضرت دائود، حضرت سليمان، حضرت يعقوب، حضرت يوسف، حضرت لوط وغيره) انهن پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ هڪ جامع صورت اختيار ڪئي ۽ انسان جي سماجي دؤر عملي ۽ فڪري تبديلي کي هٿي ڏني. اهڙي ريت اسان، ڪنفيوشن، زرتشت، ماني ڪوش، گوتم ٻڌ، سوامي مهاوير، سقراط وغيره جي نظرين کي پڻ نظرانداز ڪري نٿا سگهون. جاڪاڻ ته انهن جي تعليم دنياءِ فڪر کي نهايت ئي گهڻو متاثر ڪيو ۽ پنهنجا اثرَ ڇڏيا جن جو اڄ تائين تاريخ تي اثر موجود آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هر قليطس، فيثا غورث، فرانوريس، زينو، افلاطون، فلاطينوس ۽ اُن جي قبيل جي ٻين ڪيترن ئي ڏاهن جي فڪري موادَ پنهنجي پنهنجي ويچارن سان علمي ۽ فڪري طور تي دنيا کي متاثر ڪيو.

توحيدي مذهب جي نظرين، آريائي فڪر يا دنيا جي ٻين صاحب فڪر انسانن جي خيالن جي پاڻ ۾ ڪِٿي هڪجهڙائي، ته ڪٿي تائيد ته ڪن هنڌن تي مخالف رويہ نظر اچن ٿا. ليڪن باجود اُن جي انهيءَ سڄي علمي مايہ ۽ فڪري تاريخ تي جڏهن غور ڪجي ٿو ته ”تصوف جو نظريو“ جيڪي ويچار پيش ڪري ٿو ان جا ابتدائي مجموعي قدر ٿوري ڦير گهير سان سيني ۾ نظر اچن ٿا. جنهن مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته ”انسان جو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ وارو خيال نهايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي ڪُهنو ۽ جڳن کان جاري آهي." جنهن کي دنيا جا ڏاها، انسان جي قلبي شانتي ۽ ان جي روحي مراجعت لاءِ پيش ڪندا ۽ پاڻ پتوڙيندا آيا آهن. پوءِ ان جو اظهار ڪٿي ابراهيم ٿي ڪيو ته ڪٿي موسيٰ ڪندو نظر اچي ٿو. ڪٿي عيسيٰ ان جي اورڪ ڏني ته ڪٿي مهاتما ٻڌ "نرواڻ" جو اظهار ڪري ٿو ته ڪٿي زرتشت روشني جي صورت ۾ بيان ڪري ٿو. ته ڪٿي اسان کي اها ڳالهه حقيقت محمدي جي حال سان بيان ٿيل نظر اچي ٿي. انهن ويچارن ۽ خيالن جو ڇيد ڪبو ته الفاظ ۽ التباس جو فرق نظر ايندو يوناني ڏاهو به اها ٿي ڳالهه ڪري ٿو ته عيسائي راهب وٽ، انهيءَ قسم جي سوچ آهي. ڪرشن به ارجن کي اها ٿي راهه ڏسي ٿو ته لوڌي يڪشو به انهيءَ نرواڻ لاءِ آتو ۽ اُڪنديل نظر اچي ٿو. ته مذهب محمدي جو شيدائي به انهيءَ حقيقت الحقايق جي سلسلي ۾ سرگردان نظر اچي ٿو. هر ڪنهن وٽ ان قسم جي تات ۽ تلاش آهي.

انهيءَ فڪر ۽ خيال وقت جي وهڪ سان گڏ نهايت ٿي وڏي ترقي ڪئي، علمي ۽ نظري دنيا کي، فڪر ۽ فلسفي جي بساط کي متاثر ڪيو. انهيءَ سلسلي جي فڪري تاريخ ۾ ٻه نظريا نهايت اثائتا رهيا آهن. (۱) سامي يا ماورائي نظريو (۲) آريائي يا سرياني نظريو. ذات جي حقيقت جي سلسلي ۾ سامي يا ماورائي نظرئي مطابق خدا ڪائنات کان ماورا آهي جڏهن ته آريائي يا سرياني خيال مطابق خدا ڪائنات ۾ جاري ۽ ساري آهي.

تصوف جي فڪر جو جائزو وٺندي معلوم ٿو ٿئي ته هن فڪر ڇهين يا ستين صدي قبل مسيح کان به اڳ ۾ باقاعده وجود ورتو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"آرفيس" نالي هڪ شخص انهن ويچارن کي باضابطه شڪل ڏني جيتوڻيڪ سندس خيال "سامي ۽ زرتشتي" عقيدن جو نتيجو هئا. هو انسان ۽ خدا جي وچ ۾ ڳانڍاپي ۽ هم آهنگي جو قائل هو. جنهن لاءِ "آرفيوس" "تيورا" جو لفظ استعمال ڪيو. جنهن مان مراد "انسان جي اها نفسياتي حالت جنهن ۾ جذبات جي انتهائي شدت جي زير اثر هو پنهنجي هستي کي يلجي وڃي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي خداءِ برتر جو پرتو يا سيالو سمجهي ٿو."

"هر قليطس" (٥٣٨ - ٤٧٥ ق - م) پهريون صاحب ذهن فرد آهي. جنهن اهو اظهار ڪيو ته "مون پنهنجي نفس جي اندر غوطو لڳائي حقيقت کي تلاش ڪيو آهي." پنهنجي طرف نه پر "ڪلمي" کي غور سان ٻڌو. هي تسليم ڪرڻ حڪمت آهي ته "سڀئي شيون هڪ ئي وحدت ۾ لاڳاپيل آهن." هو انهيءَ ڪلمي کي "لوگس" جو نالو ڏئي ٿو. ٻئي هنڌ چوي ٿو ته حڪمت ۽ صداقت عالمگير آهن. سندس خيال مطابق "لوگس" هڪ قوت متخيله آهي. جنهن سان هيءَ ڪائنات ظهور ۾ آئي آهي. "هرقيطس" مادي ۽ روح جي تضاد جو قائل نه هو ان لاءِ هن جي آڏو هر مادي چيز اهڙي ريت روحاني آهي جهڙي طرح روح. انهيءَ ڪري هن وحدت مطلق لاءِ "باهه" کي بطور مثال جي پيش ڪيو جنهن لاءِ چوي ٿو ته "اها هميشه رهڻ واري آهي ۽ رهندي."

انهيءَ مرحلي تي هرقليطس "زرتشت" جي فلسفي ۽ خيال کان متاثر نظر اچي ٿو. جنهن ايران ۾ زرتشتي مذهب جو پايو وڌو - مؤرخن جو خيال آهي ته زرتشت (١١٠٠ سو قبل مسيح) پيدا ٿيو هن کي پنهنجي تعليم عام ڪرڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي درپيش ٿي جيئن عموما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيڪن سان ٿيندو آيو آهي. ”زرتشت“ پنهنجي تعليم ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو تہ ”دنيا ۾ نور کان بهتر ڪا چڱائي نہ آهي ۽ تاريڪي کان بدتر ڪا بدي نہ آهي. آدم ۽ بهشت جي تخليق انهيءَ نور مان ٿي ۽ دوزخ جو وجود انهيءَ نور جي عدم موجودگي آهي. انهن ٻنهين دنيائن ۾ جيڏانهن ۽ جنهن طرف توهان ڏسندؤ اوڏانهن اوهان کي نور جي تجلي نظر ايندي.“ ”زرتشت“ خداءِ واحد جي عبوديت جو اعلان ڪيو ۽ ان لاءِ ”آهو مزدا“ جو لفظ استعمال ڪيو. قديم زماني ۾ ”اهورا“ جو لفظ آريا خدا جي لاءِ استعمال ڪندا هئا. رگ ويد ۾ انهيءَ لفظ کي ”اشوره“ سان تعبير ڪيو ويو آهي. اهڙي ريت ”مزدا“ جو لفظ بہ مستعمل هو. زرتشت ٻنهين کي ملائي ”اهورا مزدا“ جي نالي سان پڪاريو يعني ”خدا“ زرتشت آڏو ”باهہ“ خدائي نور جو بهترين مثال هئي. هن ان کي پنهنجي عبادتگاهن ۾ بطور قبلہ جي استعمال ڪرڻ جو حڪم ڏنو. بد قسمتي سان اڳتي هلي سندس پوئلڳن ۾ اها ”باهہ“ مقصود باالذات بڻجي وئي ۽ علامتي حيثيت مان هن جي مستقل حيثيت ٿي وئي. نور ۽ تاريڪي جو تصور نيڪي ۽ بدي جي ٻن قوتن ۾ بدلجي ويو ۽ انهن کي ”اهرمن“ ۽ ”يزدان“ جي نالي سان پڪاريو ويو:

”عرفاني تحريڪ جو پيش رو جنهن جي فڪر جو بنياد ثنويت تي هو، اهو پڻ ايران جي زرتشتي ۽ ”ماني“ فڪر کان متاثر نظر اچي ٿو. جيئن ايرانين وٽ فطرت جا بہ جُز آهن. ۱. نور، ۲. ظلمت. جيڪي ازل کان ويڙهاند ۾ مشغول آهن. هيءَ ڪائنات انهن جي ٽڪن جي وچ ۾ آهي. اهڙي ريت عرفاني ان کي مادي ۽ روح يا ڪائنات سفلي ۽ ڪائنات بالا جي تصور سان پيش ڪيو. هن آڏو مادو يا جسم هر


Scanned with CamScanner

حالت ۾ بدي جو گهر آهي. ان کان آجائي، مادي جي تباهي يا ٻين لفظن ۾ تہ جسم جي موت بعد ٿي ممڪن آهي. مادو فطرت جي لحاظ کان روح جي مسڪن لاءِ اهل تہ آهي. ان لاءِ ان کان ڇوٽڪارو ضروري آهي. جيڪو چڱن انسانن جي صحبت ۽ جسماني رياضت سان ملي سگهي ٿو. انسان کي پنهنجو سڄو ڌيان انهيءَ تي مرڪوز ڪري عرفان حاصل ڪرڻ گهرجي. جيئن روح مادي جسم جي قيد کان هميشہ لاءِ آزاد ٿي سگهي."

هن سلسلي ۾ "رواقي" فڪر کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. جنهن ۾ "زينو" "فلو يهودي" ۽ "ڪينٿيز" کي وڏي اهميت آهي. روايتن "هرقليطس" جي لوگس واري نظريہ کي آفاقي قانون جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو "فلو يهودي" جو عقيدو هو تہ "خدا ڪائنات کان ماوراء آهي. عالم امڪان ۽ خدا جي وچ ۾ چند ارواح آهن، جيڪي واسطي جو ڪم ڏين ٿا. اهي سڀ لوگس يا ڪلمي ۾ ضم ڪيا ويا آهن. اهو ڪلمو تمام ڪائنات تي متصرف آهي. خدا کان ڪلمي جو ظهور نزول سان ٿيو ۽ سڄي ڪائنات جو اشراق ٿيو. "فلو" ان کي "عين العين" سان تعبير تو ڪري "ڪلينيٿز" رواقي جي مناجات جا هي لفظ قابل غور آهن. "سيني فاني انسانن کي هي سونهي ٿو تہ هو توکي مخاطب ٿين ڇاڪاڻ تہ هو تنهنجو اولاد آهن. هن ساري دنيا جي مخلوق جي مقابلي ۾ هو تنهنجي صورت تي پيدا ٿيل آهن."

يهودي تصوف جو مرڪز موضوع عرش يا تخت خدا وندي رهيو جنهن جو ذڪر عهدنامہ عتيق ۾ "بني حزقي ايل" جي صحيفي جي پهرين باب ۾ درج آهي. "بني حزقي ايل" هڪ عجيب غريب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظارو ڏٺو جنهن ۾ مختلف فرشتا هڪ تخت کي ڪلهي وجي رهيا هئا. اهو خدا جي جلال جو اظهار هو اهڙي ريت عرفاني گروهه صوفين جو اهو به عقيدو هو ته "انساني روح عالم بالا ۾ مڪين هو ۽ عالم روحاني مان ڪنهن اتفاق جي ڪري مادي دنيا ۾ مقيد ۽ مجلوس ٿي ويو آهي. ان لاءِ انساني زندگي جو اصل مقصد انهيءَ جسماني قيد مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ آهي."

عيسائي صوفيائي فڪر ۾ "ڪلمينٽ" جي اهم شخصيت آهي. هن جي زندگي جو ڪافي عرصو اسڪندريه (مصر) ۾ گذريو. فطري طور تي هو "فلاطينوس" ۽ بين فلسفن کان متاثر هو. "ڪليمنٽ" (پيدائش ١٥٠ع ۽ وفات ٢١٦ع) جو خيال هو ته "خدا انسان جي عقل ۽ حواس کان ايتري قدر ماورا آهي جو منطقي اصطلاحن جي وسيلي ان جو سمائڻ ناممڪن آهي. خدا تائين پهچڻ لاءِ هو ٽن منزلن جو ذڪر ڪري ٿو. (١) نفسياتي طهارت (٢) منطقي تجزيو، (٣) مادي ۽ غير مادي شين جي صفات کي ذهن مان يڪسر خارج ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي مسيح جي ذات ۾ گم ڪرڻ. ان بعد ئي تقويٰ جي وادي مان گذري "خداءِ مطلق" جو علم حاصل ڪري سگهجي ٿو. "يوحنا رسول" جي مطابق خدا محبت آهي. (يوحنا ٨۴) خدا نور آهي (يوحنا ٥.١) ۽ خدا روح آهي (٢۴.۴) حضرت عيسيٰ جو هي مشهور فقرو آهي ته "آسماني بادشاهت اوهان جي اندر آهي. جيڪو پنهنجي نفس کي سڃاڻي ٿو، اهو ان کي حاصل ڪندو مسلم صوفياءُ جو من عرف نفسه فقد عرف ربه" جو قول دراصل انهيءَ صدا جي بازگشت آهي جنهن ۾ سقراط (۴٦٩ - ق م) جي هن قول جو چٽو عڪس نظر اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو تہ ”پنھنجو پاڻ کي سڃاڻو“ سقراط نفس جي احتساب ۽ ذات جي شعور کي ضروري سمجھي ٿو. ھن جو چوڻ آھي تہ ”جو شخص پنھنجي زندگي جو جائزو نٿو وٺي ۽ پنھنجي نفس جو احتساب نٿو ڪري اھو زنده رھڻ جي لائق نہ آھي.“

”فيثا غورث“ جو خيال آھي تہ ”ھن دنيا ۾ اسان اجنبي يا اڻ واقف آھيون، جسم روح جو مزار آھي. ان جي باوجود اسان کي خودڪشي ڪري ان کان نجات حاصل نہ ڪرڻي آھي. ڇاڪاڻ تہ اسان بول ۾ بڌل آھيون جيئن غلام ھوندو آھي. اسان جو آقا خدا آھي. جنھن جي اجازت ۽ حڪم کان سواءِ اسان کي ھن دنيا کان ڀڄڻ جي اجازت نہ آھي“ ”اڳتي ھلي چوي ٿو ”فڪر حواس کان برتر آھي. ۽ وجدان مشاھدي کان افضل آھي.“ ”پارمي نائيڊس“ ۽ ”زينو“ ”فيثا غورث“ جيان حقيقت جا متلاشي نظر اچن ٿا. جيتوڻيڪ ٻئي مثاليت پسند مفڪر آھن. ”پارمي نائيڊس“ جو چوڻ ھو تہ ”سڀني شين جو اصل ھڪ آھي ۽ ھيءَ ڪائنات ھڪ ”ڪُل“ آھي ڪثرت نگاھ جو فريب آھي بقول ”فرينڪ ٿلي“ تہ پارمي نائيڊس وحدت الوجود جو قائل ھو ھو چوي ٿو تہ ”ڪائنات خدا آھي، ۽ اھو خدا خالص روح آھي ۽ زنده فطرت جو نالو آھي.“

اھڙي ريت ”افلاطون“ جنھن کي مثاليت پسندي جو باني سمجھيو وڃي ٿو، ان جي نظرين ۾ عقليت ۽ عرفان، منطق ۽ باطنيت، گڏيل صورت ۾ ڏسڻ اچن ٿا. مؤرخن فلسفي جو ھن ڳالھ تي اتفاق آھي تہ افلاطون پنھنجي استاد ”سقراط“ فيثا غورث، پارمي نائيڊس ۽ ھرقليطس جي خيالن ۾ مطابقت پيدا ڪري پنھنجي فلسفي کي وجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنو جنهن ۾ سندس جڳ مشهور ”نظريہ اعيان“ آهي. جنهن لاءِ هو چوي ٿو تہ ”مادي عالم ۾ جيڪي بہ شيون نظر اچن ٿيون اهي انهيءَ امثال جو سايو يا عڪس آهن. ٻين لفظن ۾ عالم امثال حقيقي آهي ۽ عالم ظاهري غير حقيقي آهي. عالم مثال ازل کان موجود، مرتب ۽ مدون آهي. سڀ کان ڪامل ۽ اڪمل مثل ”خير مطلق“ آهي. جيڪو سڀني جو منبع ۽ مصدر آهي. جنهن مان ٻيا امثال متفرع ۽ متشرح آهن. انساني روح مادي جي گرفت ۾ اچي قيد ٿي ويو آهي. جيڪو پنهنجي اصل ماخذ ۽ منبع جي طرف موٽڻ لاءِ بي قرار آهي. ڪيس اها رهائي صرف تفڪر ۽ تعمق سان ئي ميسر ٿي سگهي ٿي. حسن ازل جي ڪشش روح کي پنهنجي مبداءِ حقيقي جي ياد ڏياريندي رهي ٿي ”ڪائنات با معنيٰ آهي. ان جو واضح مقصد ۽ غايت آهي. روز ازل کان عشق جو تعلق حسن سان رهيو آهي.“

افلاطون جي اعيان واري نظريہ پنهنجي دور توڙي بعد ۾ دنيا ۽ فڪر کي نهايت متاثر ڪيو افلاطوني فڪر ۽ رواقئين جي خيالن، ان وقت جي روحاني گروهن تي جڻ پنهنجي ڇاپ هڻي ڇڏي. جيتوڻيڪ افلاطون جو شاگرد ارسطو (٣٨٧ ق م) ڪيترن هنڌن تي پنهنجي استاد جي خيالن جي مخالفت ڪندو نظر اچي ٿو. افلاطون آڏو عالم حواس غير حقيقي هو ليڪن ارسطو عالم حواس يا عالم مادي کي حقيقي تسليم ڪري ٿو ۽ بقاءِ روح جو انڪاري آهي. ارسطو جي ويچارن تي غور ڪبو تہ هن وٽ سائنسي سوچ کي ترجيح آهي ۽ هو رواقئين جي نظريہ فرض براءِ فرض جو وڏيڪ قائل هو. فڪر جي انهيءَ تاريخ ۽ انسان جي حقيقت جي تلاش واري نظريہ ۾ فلاطينوس (پيدائش


Scanned with CamScanner

۲۰۴ع يا ۲۰۵ع) کي نهايت اهم مقام آهي. جهڙي ريت "افلاطون" "اعيان" ۽ "امثال" جو نظريو پيش ڪيو اهڙي ريت "فلاطينوس" "اشراق يا تجلي" جو نظريو پيش ڪيو. هن جو خيال هو ته ذات احد ڪائنات کان بي تعلق ۽ ماورا به آهي ته ڪائنات ۾ جاري ۽ ساري به آهي. هن جو عقيدو هو ته "ذات احد مان عقل، روح، روح انساني ۽ مادي جو نزول بتدريج ٿيو آهي. ڳوڙهي ويچار ۽ فڪر جي ذريعي انساني روح مادي جي تصرف مان آزادي حاصل ڪري سگهي ٿو، ۽ موٽي وري پنهنجي مبداءِ حقيقي سان ملي ٿو. روح اول مان انسان جو روح علوي پيدا ٿيو. جڏهين انساني روح مادي جي طرف مائل ٿئي ٿو ته پنهنجي مقام کان ڪري پوي ٿو. اهو روح سفلي آهي ۽ مادي کان آجائي لاءِ جاکوڙي آهي ۽ حقيقت سان همڪنار ٿيڻ لاءِ بيقرار آهي. فلاطينوس انهيءَ بيقراري کي "عشق" سان موسوم ڪري ٿو جيڪو بعد ۾ "ابن سينا" وٽ تصور عشق ۽ مولانا روم وٽ عشق ازلي ۽ صوفين وٽ عشق حقيقي جي صورت ۾ نظر اچي ٿو.

"فلاطينوس" آڏو هي عالم روحاني محض اعيان متفرقه جو مجموعو نه آهي جيئن افلاطون جو خيال آهي. بجاءِ ان جي هي نفوس جو باقاعده هڪ نظام آهي جنهن کي نفس اعظم پنهنجي ذات اقدس ۾ سمائي رکيو آهي. اگرچه هر نفس علحده ۽ منفرد آهي. تاهم هو هڪ ئي عقل اول جي هڪ جا مختلف پهلو ۽ مظاهر آهن. عالم روحاني اها دنيا آهي جنهن ۾ هر چيز سڪون ۽ اطمينان سان گذاري ٿي. ذات برتر واحد، اڪمل ۽ مڪمل آهي. هن جي سامهون ڪا خارجي منزل نه آهي. هو فيضان نور آهي جنهن مان اشراق ۽ تجلي جو عمل جاري آهي

جنهن عمل سان هن جي ذات ۾ ڪا ڪمي يا گهٽتائي واقع ٿني اچي. هو اهو سرچشمو آهي، جنهن مان سڀ موجودات پيدا ٿي ۽ ٿيندي رهندي. خداءِ مطلق هڪ اهڙي وحدت آهي جيڪا هر ڪثرت ۾ موجود آهي. جيڪا شاهد ۽ مشهود، معروض ۽ موضوع جي تفريق کان اتاهين آهي. پنهنجي تصنيف "التسعيہ" ۾ فلاطينوس چوي ٿو تہ "درحقيقت هن جي متعلق ڪجهہ چوڻ نهايت مشڪل آهي "جڏهن صوفي محسوسات جي ڪثرت مان نڪري سوالي الله جي منزل طرف روانو ٿئي ٿو؟ هو اتي خالي هٿ پهچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن وٽ ڪو بہ اهڙو قالب يا لفظ ڪين آهن جنهن ۾ هو خدا جي انهيءَ تصور کي پيش ڪري سگهي. ڇاڪاڻ تہ ذات مطلق جي تجربي کي ڪنهن بہ خارجي نسبت سان بيان ڪري نٿو سگهجي سواءِ ان جي تہ هو نور عليٰ نور آهي. اسان کي هن وٽ "فنافي الله" توڙي ترڪ دنيا يا عالمي مُعليٰ وغيره جي سلسلي ۾ اهڙا ئي نڪتا ملن ٿا جيڪي مسلم صوفياء وٽ نهايت اهميت وارا رهيا آهن.

هن سلسلي ۾ ويدانت جو ذڪر ڪرڻ بي محل نہ ٿيندو. ويدانت ۾ احديت کي ادويتا (جو بہ نہ هجي) ۽ حقيقت مطلق يا ذات بحت کي پرم يا برهمن جو نالو ڏنو ويو ٿو. هن جو خيال آهي تہ "برهمن" کان جڳ (ڪائنات) جو صدور ٿيو آهي. جيو آتما (انساني روح) پرم آتما (روح ڪل) کان جدا ٿي آهي. جڏهن جيو آتما ٿي، پر مايا يا ڪثرت جو فريب ظاهر ٿي وڃي ٿو تہ هو مُڪتي لاءِ ڪوشان هوندي آهي. يعني پنهنجي جي مبداءِ يا اصل ۾ فنا ٿي وڃڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. انهيءَ جي حاصلات لاءِ مجاهدي رياضت يا عمل


Scanned with CamScanner

۽ ڪرم جو رستو ضروري آهي. گيتا جي تعليم يا فلاسافي ۾ بنيادي طور تي هيڪڙائي جو عنصر سمايل آهي. جيئن هڪ هنڌ اچي ٿو تہ:

"نہ ديوتا نہ مهارشي ڪو بہ منهنجي تاريخ پيدائش کان واقف نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن ديوتائن ۽ رشين جو آغاز مون کان ٿي ٿيو آهي جيڪو هي ڄاڻي ٿو تہ نہ منهنجو آغاز آهي نہ انجام ۽ آئون تمام ڪائنات جو رب آهيان. اهو ئي شخص انسانن ۾ اهڙو آهي جيڪو بدي ۽ گناهہ کان محفوظ آهي ۽ هر قسم جي خوف ۽ پريشاني کان بچي ويو" (گيتا باب ١٠. شلوڪ ٢ . ٣)

"جيئن تہ آئون فاني ۽ لافاني هر چيز کان ماورا آهيان. ان لاءِ مون کي ويدن ۾ ۽ هر جڳهہ پرشوتما (خدائي مطلق) جي نالي سان پڪاريو وڃي ٿو." (١٨١٥:١٥)

"تمام شين کي ڇڏي منهنجي پناهہ ڳوليو. آئون توهان کي عام گناهن کان نجات ڏيندس ڪو غم نہ ڪريو." (١٨ . ٢٦)

ليڪن تاريخ جي بدنصيبي اها ٿي جو هندو ڌرم ۾ برهمڻ، ڪتري، وئش ۽ شودر جي طبقاتي تخليق کي اهم قرار ڏنو ويو جنهن کي ڪريا ڪرم ڪرڻ واري برهمڻ طبقي وجود ڏنو ۽ پنهنجي گرفت کي مضبوط رکڻ لاءِ اهو قرار ڏنو تہ برهمڻ ئي برهما جي مک مان پيدا ٿيو آهي. اهو سيني کان پَوِتر آهي. ان سان گڏوگڏ "اوتار" جي فلسفي کي وجود ڏنو تہ برهما مختلف وقتن ۾ مختلف شڪلين سان ظاهر ٿيو ان ڪري سندس اهي روپ اوترو ئي پوتر ۽ انهيءَ مقام جي لائق آهن. هندو ڌرم ۾ انهيءَ استحصالي نڪتئہ نظر سبب گيتا جو اصل فلسفو


Scanned with CamScanner

مجروح ٿي ويو "ذات" جي طرف موٽڻ جي بجاءِ اوتارن جي پرستش ٿيڻ لڳي. ٻئي طرف گيتا جي هن شلوڪ "ماڻهن جي موت بعد هن جو روح ڪجهه عرصي بعد ٻئي جسم ۾ منتقل ٿي وڃي ٿو جهڙي ريت اسان پراڻا ڪپڙا لاهي نوان ڪپڙا پهريون ٿا (٢٢:٢) انهيءَ مسئلي تناسخ کي وجود ڏنو. فڪر جي تاريخ ۾ يوناني فلسفين فيثا غورث، ارسطو وغيره وٽ به انهيءَ قسم جو تصور موجود آهي. برهمڻيت جي سخت گيري ۽ ڇوت ڇات جي رنگ سماج کي هڪ اهڙي موڙ تي بيهاريو جو "گوتم ٻڌ" کي دنيا تياڳڻي پئي. ۽ مڪتي جي حصول لاءِ پاڻ پتوڙڻو پيو ته جيئن "نرواڻ" حاصل ٿئي. اهڙي ريت سوامي مهاوير جو جين ڌرم وغيره اهي سڀ برهمڻيت جي خلاف هڪ تحريڪي فڪر جي حيثيت رکن ٿا.

ويدانت جي اصولن کي ايم . اي شتري اسلامي تصوف سان سهمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عشق ۽ يڪتي کي ساڳئي پيرهن ۾ بيان ڪيو آهي. مجاهدي ۽ رياضت جي حالت کي ڪرم سان ٻيٽ ڏني ٿو. جاپ ۽ ذڪر کي ساڳئي تصور ۾ بيان ڪري ٿو. غور ڪبو ته هندو مت جي عقيدي ۾ ڪرم جي مسئلي سان تناسخ جو مسئلو ڪر کڻي بيهي ٿو. جنهن ۾ انسان جي "آتما" پنهنجي ڪرم مطابق وري وجود وٺي ٿي ۽ اها مختلف جيون جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿي. اهو سلسلو ايستائين هلي ٿو جيستائين هن جي ڪيل ڪرم جي سقلتا نه ٿئي. ان مقابلي ۾ اسلامي تصوف انهيءَ مسئلي جو قائل نه آهي. هن جي آڏو عمل صالح جي بنياد تي هن جي روحاني ارتقا ٿئي ٿي ۽ اسفل کان اڪمل جي مقام تي پهچي ٿو. غور ڪبو ته وحدانيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارن مذهبن ۾ روح جي ارتقا ۽ هن جي توصل جي منزل ارفع ۽ اعليٰ آهي. ان جي برعڪس هندو مت ۾ "جوڻ" جي سلسلي سان تنزل جي ڪيفيت محسوس ٿئي ٿي. اهو بنيادي نڪتو آهي. بيو آهي "اوتار" جو، جيڪي ٻئي ويدانت ۽ تصوف کان ڌار ڪري ڇڏين ٿا. اهو تسليم ڪجي ٿو تہ ويدانت جا قدر يوناني، ايراني ۽ اسلامي تصوف تي اثرانداز ٿيل آهن پر انهن کي برتري سان بنهہ قبول نہ ڪيو ويو آهي. بجاءِ ان جي ويدانت تي اسلامي تصوف جو رنگ غالب آهي. جيئن گرونانڪ، ڪبير يا دادو ديال وغيره جي تعليم ۽ ٻاڻين ۾ اسان کي اهو جهلڪندو نظر اچي ٿو ۽ مٿن وحدت الوجود صوفيا جو رنگ غالب ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪو انهيءَ حقيقت جو غماز آهي: انهن کي ويدانت جي فلسفي ۾ ايڏي ڪا گهرائي نظر نہ آئي جيتري ڪشش ڪين اسلامي تصوف ۾ محسوس ٿي:

متي پيش ڪيل نڪتن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ هرقليطس، پارمي نائيڊس، فيثا غورث، فرافيورس، زينو، فلو يهودي، سقراط، افلاطون وغيره جي پيش ڪيل خيالن ۽ نظرين جي بنياد تي "فلاطينوس" پنهنجي فڪر جي جيڪا عمارت تعمير ڪئي اها وڏيڪ پختي ۽ گهڻ رخي نظر اچي ٿي. هن مهان ڏاهي، افلاطون توڙي ٻين ڏاهن جي خيالن کي پاڻ ۾ جذب ڪري "اشراق" يا "تجلي" يا حقيقت مطلق جو جيڪو برجستو نظريو پيش ڪيو انهيءَ مسلم صوفياءُ کي نهايت ئي متاثر ڪيو جنهن ۾ "ابن عربي" تي انهيءَ فڪر جو رنگ نهايت غالب نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ "حسين بن منصور حلاج" کان انتهائي متاثر آهي. جنهن جي فڪر ۾ بہ اسان کي "نو فلاطينوس" جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويچارن جي صداءِ بازگشت معلوم ٿئي ٿي. ”منصور حلاج“ جو نظريو هو تہ ”تخليق ۽ تڪوين کان اڳ خدا پنهنجي وحدت ۾ مستغرق هو ۽ پنهنجي ئي جوهر سان محو گفتگو هو. انهيءَ حالت انفراد ۾ پنهنجي حسن جي مشاهدي سان عشق جو ظهور ٿيو. عشق ان جي اسماءَ و صفات کي جنم ڏنو انتهائي مسرت جي حالت ۾ ان جي اسماءَ و صفات مان آدم جي شڪل جي پرتوي جو ظهور ٿيو اهڙي ريت آدم ۾ لاهوت، ناسوت بنجي ڪري جلوه فگن ٿيو.“

جيتوڻيڪ ”ابن العربي“ پنهنجي خيالن کي ”نو فلاطينوس“ ۽ ”منصور حلاج“ جي ويچارن کان اتاهون ٿي پيش ڪيو آهي، باوجود ان جي انهيءَ آميزش جي خوشبوءِ سندس فڪر ۾ محسوس ٿئي ٿي ۽ نهايت ئي سهانئي ياسي ٿي. ”ابن العربي“ ”نو فلاطينوس“ جي ”عقل اول“ واري خيال کي حقيقت محمدي جي صورت ۾ پيش ڪيو. ”ابن العربي“ حقيقت محمدي کي حقيقت الحقايق، روح محمد، عقل اول، العرش، روح الاعظم، قلم الاعليٰ، انسان ڪامل، اصول العالم، آدم حقيقي، البرزخ، الهيوليٰ جي نالي سان ويچاري ٿو. ”حسين بن منصور حلاج“ پنهنجي ڪتاب ”طواسين“ ۾ لکي ٿو تہ ”جناب رسالتماب عدم کان بہ اڳ موجود هئا ۽ قلم کان پهريائين سندن اسم موجود هو. هو ان وقت هئا جڏهين نہ جوهر جو وجود هو نہ حوادث جو جڏهين تہ پاڻ اول آخر پرده ”ڪنم“ ۾ هئا. هو انهيءَ تبيلي سان تعلق رکن ٿا جيڪو نہ مشرق کان آيو آهي نہ مغرب کان، سندن نور قلم کان بہ زياده قديم ۽ روشن آهي.“ اهڙي ريت فصل ۽ جذب جي خيالن جو عڪس اسان کي بنهين ۾ ٿوري گهڻي ڦير گهير سان ساڳيو نظر اچي ٿو. مولانا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روم آڏو ھي تمام عالم انھيءَ ھستي مطلق جون مختلف شڪليون ۽ صورتون آھن. انھيءَ بناء تي صرف ھڪ ذات واحد آھي. عدد ۽ تعدد جيڪو محسوس ٿئي ٿو اھو محض اعتباري آھي. سندن آڏو سيئي وجود يا ھستيون خدا کان صادر ٿي ڪري خدا جي طرف وڃي رھيون آھن. انھيءَ رجعت الیٰ الله ۾ ارواح جي درجي بندي ٿيندي پئي وڃي ھن جو آغاز سفر بہ ذات الاھي آھي تہ منزل مقصود بہ ذات خداوندي آھي. انھيءَ سڄي سفر لاءِ سندن آڏو اول شرط عشق الیٰ الله آھي.

”فلاطينوس“ پنھنجي ڪتاب ”التسد“ ۾ روح جي ماھيت متعلق ٽن مختلف مرتبن جو ذڪر ڪري ٿو. ”ھڪ طرف اھي موجودات آھن جي قابل تقسيم آھن جن جو ھر جُز ٻئي کان مختلف ۽ فرق وارو آھي. ھو زمان ۽ مڪان جي پابندين ۾ آھن ٻئي طرف اھڙو جوھر آھي، جيڪو پھرئين قسم جي موجودات جي متضاد فطرت رکندڙ ۽ تقسيم نہ ٿيندڙ آھي ۽ زمان ۽ مڪان جي پابندين کان بہ آزاد آھي. ٽيون وجود اھڙو آھي جو مادي موجودات وانگر بنيادي طرح قابل تقسيم تہ نہ آھي. ليڪن جڏھين ھو انھيءَ موجودات سان ڳنڍيل ۽ لاڳاپيل ھوندو آھي تہ قابل تقسيم ٿي پوندو آھي. انھيءَ تقسيم ۾ ھن جي وحدت ۽ ھڪجھڙائي ۾ ڪو فرق نٿو اچي. روح جو ملاءِ اعليٰ سان تعلق آھي. ھن جي وجود جو مرتبو بلند ۽ ارفع آھي“

شيخ ابن العربي پنھنجي جڳ مشھور تصنيف ”فصوص الحڪيم“ ۾ فرمائي ٿو تہ ”عالم مثال کان مٿي ۽ ان کان زياده لطيف ھڪ ٻيو عالم آھي اھو عالم ارواح آھي. اتي نہ صورت آھي نہ شڪل، نہ طول آھي نہ عرض بلڪ ھڪ انانيت، خودي ۽ آئون آھيان آھي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تمام مخلوقات "ڪن" سان پيدا ٿي آهي ۽ ڪلمة الله آهي." بقول "شيخ ابن العربي" حق تعاليٰ فرمائي ٿو تہ: اسان توهان کي پنهنجون نشانيون آفاق ۾ ڏيکاريندا سون، هتي آفاق مان مراد اها هستي آهي جيڪا اوهان کان ٻاهر آهي. "وفي القسهم" (انهن جي انفس ۾) انفس مان مراد اوهان جي ذات عين آهي. "حتيٰ يتبين لهم" تاڪ انهن يعني ڏسندڙن تي ظاهر ٿي وڃي تہ هوءَ ئي وجود حقيقي آهي. ان لحاظ کان اوهان ان جي صورت تي آهيو ۽ هو اوهان جو روح آهي روح الارواح آهي. سرالاسرار آهي. اوهان ذات حق لاءِ ايئن آهيو جيئن جسماني صورت اوهان لاءِ آهي ۽ حق تعاليٰ اوهان لاءِ ايئن اهي جيئن اوهان جو روح بدن جو جوهر آهي."

انهيءَ سلسلي ۾ علامہ سعد الدين حموي پنهنجي تصنيف "المصباح التصوف" ۾ فرمائي ٿو تہ: "روح جي صورت سڌو رحمان جي آهي ۽ صفات جي تميز سان انسان ۾ آهي روح اصل ۾ هڪ آهي، تقسيم نٿو ٿئي هو الله جي جملي صفتن سان ان ۾ مڪين آهي. هن کي محسوس ڪري نٿو سگهجي (جيئن ڪنهن شيءِ کي هٿ لائي ان جو احساس ڪبو آهي.) ائين نٿو ٿي سگهي. روح پنهنجي فصاحت بلاغت رکي ٿو.

جيڪا فيض ارواح کي اظهار ۾ آڻي ٿي... روح اضافت الهي جو مؤجد آهي ۽ امر موصوف ۾ الهيت جي صفت پيدا ڪري ٿو. جيڪا علويات جسمي ۾ لطيف آهي ۽ سفليات ظلي ۾ ڪثيف آهي. روح خود نفس جي حياتي آهي ۽ غير کان سواءِ قلم (محيي) آهي. روح آئينہ صفات آهي ۽ صفات آئينہ ذات آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذات مطلق يا روح الارواح جي انهن خيالن ۽ حقيقت الحقايق سان روح جي توصل ۽ اتصال جي نظرئي تصوف جي خيالن کي وسعت ڏني. جنهن کي صوفيانہ آداب و اشغال ۽ فصل و جذب جي ڪيفيتن جي تجربي مان گذرندي حقيقت جي القاء ۽ احساس کي صوفين جدا جدا صفتن سان بيان ڪيو جنهن ۾ فنا في الله جو تصور نهايت اهم آهي. بايزيد بسطامي پهريون صاحب حال صوفي آهي. جنهن فنا في الله يا فنا في الذات جو نظريو پيش ڪيو. جنيد بغدادي "ذات احد" کي "حسن ازل" ۽ محبوب اول جو خطاب ڏنو ۽ عشق حقيقي کي تصوف ۽ سلوڪ جو بنياد قرار ڏنو. ذات احد ۾ هلول يا پاڻ وڃائڻ واري تصور صوفين کي اظهار جي هڪ زبان ڏني جنهن ۾ وجود جي جهالت، تفاصل ۽ تفاوت جي جي نفي ڪئي وئي ۽ هو "حق" جي تنوار ڪئي وئي ۽ حق جو هوڪو ڏنو ويو. انهيءَ صورتحال ۾ منصور اناالحق جو نعرو هنيو. "بايزيد بسطامي" سبحاني ما اعظم الثاني جي دعوي ڪئي ۽ اهو بہ چيو تہ "لااله الا انا فاعبدوني (ناه ڪو الله مون کان سوا.پوءِ منهنجي عبادت ڪريو) شيخ جنيد بغدادي فرمايو تہ "ليس في جبتي سوي الله" شيخ فريد الدين عطار "من خدايم من خدايم" جي هام هنئي، لطيف سيوڻ سبحان جي صدا بلند ڪئي ۽ سچل آهيان پاڻ الله. جي اورڪ ڏني.

بنيادي طور تي سنڌو ماٿر جو صوفي جتي حسين بن منصور حلاج يا ابن العربي جي فڪر کان متاثر آهي، اتي هن تي اسان کي مولانا روم جي تصوف جي خيالن جي فڪري ڇاپ وڌيڪ گهري نظر اچي ٿي. جڏهين تہ مولانا روم اهو فيض پنهنجي استاد "صدرالدين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قونوي" کان حاصل ڪيو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو شيخ ابن العربي جو شاگرد يا صحبتي هو اهو ئي سبب آهي جو اهو فڪر هڪ سلسلي سان هلندو نظر اچي ٿو. مولانا رومر جي فڪر لاءِ "خليفہ عبدالحڪيم" لکي ٿو تہ: "مثنوي مولانا رومر هڪ تراشيل پهلودار ۽ گهڻ پاسائون بلور آهي. جنهن ۾ سامي وحدانيت، يوناني عقليت، فيثا غورثي عناصر ۽ الباطي نظريات وجود و امڪان، افلاطون جو نظريہ اعيان، ارسطو جو نظريہ تعليل و ارتقا فلاطينوس جو ذات بحت ۽ والهانہ خود رفتگي جيڪا ذات بحت سان اتحاد جو باعث آهي. ۽ ابن العربي جو نظريہ وحدت الوجود جا عڪس پٽجي رهيا آهن.

مذهب جي توحيدي دور جي باوجود صوفياءِ ڪرام ماحول کان الڳ ٿي ڪري پنهنجي داخلي زندگي تي توجہ کي مرڪوز ڪيو. انهن مان ڪو بہ علمي ۽ عملي طور تي گهٽ نہ هو ڪي پنهنجي وقت جا صاحب علم، صاحب فتويٰ ۽ اهل شرع لاءِ سند هئا. جن گوشہ نشيني اختيار ڪري قلبي واردات ۽ القاء جي ڪيفيت ۾ اهو ڪجھ حاصل ڪيو جنهن دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. انسان ۽ خدا جي تعلق کي هڪ اهڙي زاويہ ۽ انداز سان پيش ڪيو جيڪو زبان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد هو جنهن ۾ سندن تعلق ذات سان محض خارجي نوعيت جو نہ هو. انهيءَ تعلق ۾ هڪ هڪ شان بي نيازي محسوس ٿي ڪيو. جنهن جو محرڪ ذات سان سندن جذبہ عشق هو. عشق ڪنهن دليل جو محتاج بہ نہ آهي. ان جي آغاز، ارتقا ۽ انجامر ۽ ڪيفيتن کي لفظن جي جامي ۾ آڻڻ نهايت مشڪل آهي. علم ۽ عشق ۾ وڏو فرق آهي. ڇاڪاڻ تہ علم جو مدار محسوسات تي آهي. جنهن ۾ معروض ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موضوع جي تميز قائم ڪري سگهجي ٿي. ليڪن عشق جي ڪيفيت ان
ڪان بالاتر آهي. بقول شيخ ابن العربي

العشق نارُ الله المو قده
فانو لـها و طلوء ها علي الافده.

عشق الله تعاليٰ جي اها پڙڪايل باهه آهي، جنهن جو ايرڻ ۽
لهڻ دين تي آهي.

لطيف چوائي ٿو:

العشق نارءُ الله الموقده
ڪوري ۽ جيئن ڪائي
آهي آرياٿي ڪونهين بيو برو ج ري ۽

يا عدد ناه عشق پجائي پاڻ لهي يا مون ڪي ماءُ معجزا پيچاري
جيئن پچيو عشق جي انهيءَ آڙاهه ۽ محبت جي ميخ صوفين کي انهيءَ
منزل تي پهچايو جتي ذات جي مشاهدي کان سواءِ ڪين بي ڪا شيءِ
نظر ڪانه ٿي آئي. نور مطلق جو پرتو ۽ جمال سندن قلب تي ايترو
حاوي رهيو جو ماسوا الله جي ذات جي هئن بيو ڪجهه ڏنو ٿي نٿي.
خارجي دنيا کان بي نياز، ذات حق جي مشاهدي ۾ غرق رهيا. ڪين هر
سُو وحدت ئي وحدت نظر ٿي آئي. اهو ئي سبب آهي جو حق جي
مشاهدي ۾ هئن حق جو هوڪو ڏنو. منصور هجي يا ابن العربي، بايزيد
بسطامي هجي يا سچل سيني وٺ هڪڙي ئي ڳالهه آهي. اهو سبب
وحدت، فڪر جو نتيجو هو ”حق“ جي متعلق علامه سعدالدين حموي
فرمائي ٿو ته: ”حق جي نسبت ظهور حيات ۽ قدرت آهي خلق جو ظهور

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

نور جو خروج آهي. جڏهين علت جنبش ۾ اچي ٿي تہ معلول حرڪت ۾ اچي ٿو ۽ پاڻ چوي ٿو "چيزون ڪنز مخفي مان ٻاهر اچن ۽ اهي ظاهر ٿي پون ٿيون ۽ سيني شين تي حق جي تجلي آهي." "خلق جي آئينہ عڪس ۾ ذات حق جو نقش آهي. اصل ۾ اهو آئينو جنهن ۾ خلق جو عڪس ۽ نقش نظر اچي ٿو. اهو "حق" پاڻ آهي" جيئن شيخ ابن العربي صفات کي ذات جو عين ڄاڻائي ٿو. سندن استدلال آهي تہ:

"صفات ذات جو عين آهن،

ڪائنات صفات جي تجلي آهي

جيئن تي صفات عين ذات آهن.

ان لاءِ ڪائنات بہ عين ذات آهي."

عبدالڪريم الجيلي "جيڪو ابن العربي جو پرستار ۽ خوشہ چين آهي، فرمائي ٿو تہ: "انسان دراصل آفاقي عقل آهي، جيڪو مادي جسم ۾ ظاهر ٿيو ۽ ذات مطلق کي عالم طبعي سان منسلڪ ڪري ٿو. صوفي انهن مرحلن مان گذري مڪودي رستو طيءِ ڪري ٿو ۽ مادي حقيقتن کان آجو ٿي ڪري ٻيهر "ذات مطلق" ۾ جذب ٿي وڃي ٿو صوفين جو حق سان اهو هم ڪناري جو جذبو جنهن کي الست جي عهد جي پوئواري چئجي تہ بجا آهي. صاف دل صوفين ان کي ڏوري ڏٺو ۽ راز ازل کي افشاءِ راز ڪيو.

مون هت تصوف جي نظرئي، ان جي ماخذات ۽ ان سان لاڳو فڪري عنصرن جي روين جو نهايت ئي مختصر ۽ مجمد ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ قديم يوناني دؤر کان وٺي مسلم دؤر جي صوفياءِ ڪرام

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

جي انهن ويچارن پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪي تصوف جي نظريہ ۽ فڪر جو بنياد آهن. جن لاڙن وچ مشرق، ايران، سنڌ ۽ هند کي متاثر ڪيو ۽ انهيءَ ڳالهہ ڳولڻ جي پڻ ڪوشش ڪيل آهي تہ تصوف چو ۽ ڪيئن وجود ورتو ۽ ان جا بنيادي ڪارڻ ڪهڙا هئا. انهيءَ سڄي وچور ۽ ڇيد مان اهو بہ محسوس ٿئي ٿو تہ قديم آريائي فڪر يوناني فڪر کي متاثر ڪندو نظر اچي ٿو. ليڪن يوناني فڪر انهن روين کي جيئن جو تيئن قبول ڪيو نہ ٿو ڏسجي ليڪن ان فڪر کان جيڪو اثر قبول ڪيو ان کي پنهنجي پيرهن ۾ بيان ڪيو آهي ۽ ذات جي متعلق نڪتن کي نهايت بالغ نظريي سان پيش ڪيو آهي. اڳتي هلي هرقليطس، فيثا غورث، فلو يهودي، زينو، سقراط ۽ افلاطون انهيءَ فڪر کي وڌايو. انهيءَ ڏس ۾ "نوفلاطينوس" تصوف جي انهن خيالن کي نهايت اهم شڪل ڏني، جنهن کي بعد ۾ مسلم صوفين انتهائي ڳوڙهائي ۽ التزام سان وحدانيت جي رنگ ۾ رڱي اهڙي تہ جامع صورت سان پيش ڪيو جنهن جو مثال تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

تصوف جي خيالن ۽ ان جي مشاهدات تي جڏهين غور ڪجي ٿو تہ ائين محسوس ٿئي ٿو تہ انساني تاريخ ۾ تصوف جا خيال جتي بہ پيدا ٿيا آهن اتي انهن جي بنيادي صورت گهٽو ڪري هڪجهڙي نظر اچي ٿي. اها ٿي اندر جي اُسات، بيچيني، بيتابي، سرگرداني ۽ حق جي تلاش ان لاءِ غور خوص، رياضت، عبادت، ترڪ دنيا وغيره يوناني، عيسائي، هندو صوفين توڙي مسلم صوفين وٽ اهو عمل توري گهٽي ٿير گهير سان قريب، قريب ساڳيو نظر اچي ٿو. ائين ڪٿي ڇٽجي تہ پنهنجي بنيادي دور (عقيدي) کان بنهہ ڪو ٽتل ڪونہ آهي ليڪن حقيقت جي

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تلاش ۾ هر دور جو صوفي بي چين وجود محسوس ٿو ٿئي. جيڪو پنهنجو پاڻ کان به مطمئن نه آهي. هو بهتر کان بهتر جي تلاش ۾ هوندو آهي. لطيف چوائي ٿو:

سسئي سڄي سڪ ته، ٻه سڪي سسئي
ان تڙ منجهاران تڪ، پيتي سڪ وڌي ٿي.

اهائي هن جي جاڪوڙ ۽ سيمابي ڪيفيت آهي. جيڪا هن کي سيلاني بنائي ٿي، اهوئي احساس هن کي اڪيلائي ۾ ويهي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو، تعلق کي ڳولڻ ۽ ڳوپڻ تي مجبور ڪري ٿو. هن جو سڄو ڌيان ۽ گيان، توجه ۽ خيال پنهنجي ذات کي ڳولڻ ۽ ان سان همڪنار ۽ همراز ٿيڻ لاءِ آتو ۽ رتل هوندو آهي. تي ايچ سورلي چوڻ ته: صوفي عقيدو هڪ جذباتي عقيدو آهي. ان سان سهمت نٿو ٿي سگهجي. جيتوڻيڪ صوفي جو عمل شخصي احساس ۽ اظهار وارو آهي. ان جي آداب و اشغال ماهيت ۽ ڪيفيت ان جا غماز آهن ته صوفين وٽ ان جا اجتماعي اثر پڻ آهن. جنهن ۾ سندن توجه ۽ مڪا شفه يا تنزلات جي عمل ۽ ان جي اظهاري ڪيفيت کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي جنهن ۾ صوفين ڪيترن مرده دلين کي زنده ڪيو ۽ روحاني ڪشش وسيلي فيض کي منتقل ڪيو. ان کان سواءِ ان جا اجتماعي اثرات پڻ آهن جو صوفين کي پنهنجو هڪ حلقو موجود رهيو ۽ اهي فرد انهيءَ مسلڪ ۽ مشرب سان لاڳاپيل رهيا. ان جي ترويج ۽ توسيع ڪئي ۽ ذڪر فڪر جي سلسلن وجود ورتو جنهن ۾ قادري، سهروردي، نقشبندي، چشتي، قلندري ۽ اويسي نمايان آهن. ڪيترن هنڌن تي انهن اجتماعي اصلاح و احوال جي صورت ورتي. جيئن سنڌ ۾ مخدوم معين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نتوي ۽ ”شاهہ عنايت“ شهيد جو حلقو نظر اچي ٿو. لطيف ۽ سچل جا حلقا هئا. جنهن مان سماج جي اندر سندن فڪر جي هڪ جامع صورت محسوس ٿئي ٿي. جنهن جي هڪ اثر پذيري رهي ۽ آهي. بنيادي طور تي تصوف واقعي هڪ انفرادي عمل آهي. ليڪن صوفي جڏهن الهيات جي مقام ۽ منزل تي پهچي ٿو تہ هو پنهنجي قلبي واردات ۽ تنزيلي ڪيفيتن جو اظهار ڪري ٿو جيڪو فردن کي متاثر ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي سماج تي بہ پنهنجو اثر ڇڏي ٿو. انهيءَ ڪيفيت جو اظهار ابن العربي وٽ آهي تہ منصور وٽ بہ آهي رومي وٽ بہ آهي تہ شاهہ ولي الله وٽ بہ آهي. لطيف وٽ بہ آهي تہ سچل وٽ بہ آهي. ڪو بہ صاحب حال صوفي ان ڳالهہ کان خالي نہ آهي. صوفي آڏو ڪائنات ۽ ان جو هر مظهر ذات جي صفات جو عنصر آهي. جيڪي هن آڏو خدا جي وجود جا پهلو آهن جيئن تہ صوفي آڏو

١. ذات کي تقدم آهي - صفات کي تاخر

٢. ذات قائم بخود آهي - صفات قائم باالذات آهن

٣. ذات ۾ وحدت آهي - صفات ۾ ڪثرت تعداد آهي

۴. ذات کي انيت آهي - صفات کي نہ آهي

۵. ذات هميشہ يڪسان آهي - صفات ۾ تغير آهي.

٦. ذات موجود وجود آهي - صفات موجود ذهني ۽ اعتبارات آهن

٧. ذات کي اجمال ۽ تفصيل نہ آهي - صفات کي اجمال ۽

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

تفصيل آهي.

٨. ذات جو ظهور صفات کان سواءِ ممڪن نہ آهي. جڏهن ذات صفات سان موصوف ٿئي ٿي تہ اها اسم چوائي ٿي.

صوفي ذات تي صفات جي انهيءَ پردي ۽ التباس کي چاڪ ڪري حقيقت الحقايق جي اسرار کي حاصل ڪري ٿو. پوءِ جيترو جنهن ۾ ماڻ آهي ان کي اوترو ئي پلئہ پوي ٿو. مشهور صوفي "سعيد ابوالخير" ڪشفي فرمائي ٿو تہ: "خدا ۽ ان جي بندي جي وچ ۾ پردو نہ زمين آهي نہ آسمان، نہ تخت آهي نہ پائيدان پر پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجا وهم ئي پردو آهن جڏهن انهن کي پاڻان پري ڪندين تہ ذات کي ماڻي وٺندين" لطيف چوائي تہ:

"وهم ورساياس، ناتہ پنهون آئون پاڻ هئي."

سلوڪ جي انهيءَ ڏور ۽ گهور بابت "ابوبڪر قلاباضي" (وفات ٩٩٥ع) لکي ٿو تہ:

جيستائين خدا تعاليٰ جي وصفن جو تعلق آهي تہ صوفي انهيءَ نڪتي تي متفق آهن تہ هو واحد ۽ اڪيلو آهي. دائم ۽ قائم آهي، عليم ۽ قادر آهي، رحيم ۽ ڪريم آهي، خالق ۽ پالڻهار آهي. ٻيو نڪتو هنن جو اهو آهي تہ "پنهنجو پاڻ ڏانهن وٺي ويندڙ هو پاڻ ئي آهي" انساني حق صرف عقل صرف هي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو تہ هو خالي ان تي غور ۽ فڪر ڪري منزل ماڻي ٿو.

روح بابت صوفين جو خيال آهي تہ "هي هڪ امر آهي، جنهن سان جسم زنده آهي. ليڪن هن جو احساس ڪري نٿو سگهجي،

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

نفس، روح جي مادي ڳانڍاپي جو حصو آهي. جنهن سان مادو زنده ۽ متحرڪ آهي. (نفس کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. نفس اماره، نفس لوامہ. نفس مطمئنہ) چوٿون تصور آهي وصل جي باري جو جنهن لاءِ فرمائي ٿو تہ "سالڪ يا صوفي اندروني طور تي "حق" کان سواءِ هر شيءِ کان جدا هوندو آهي. هو پاڻ کي ان ۾ مدغم ۽ محلول تصور ڪندو آهي. عشق جي سلسلي ۾ سندس ارشاد آهي تہ "انساني عشق ۽ خدا سان عشق انهن ٻنهين ۾ فرق آهي. ڇاڪاڻ تہ پهرين صورت ۾ خوشي آهي ۽ ٻي ۾ فنائيت آهي." مٿي اسان ابن العربي جي عشق جي تصور ۽ مولاءِ روم جي عشق الهي جي خيال لطيف وٽ عشق جي ماهيت کي بيان ڪيو آهي.

"تصوف جي سلسلي ۾ صوفياءِ ڪرام جا جيڪي رايا آهن جهڙوڪ: "بايزيد بسطاميءَ، ابن العربي، مولاءِ روم، سعدالدين حموي، ابو علي قزويني، ابو محمد الجيري، محمد بن القصاب، جنيد بغدادي، حُسين بن منصور، عمر ابن عثمان المڪي، معروف ڪرخي، وغيره. تصوف جي سلسلي ۾ ڏنل سندن راين کي گڏ ڪبو تہ انهن سڀني جو مجموعي مطلب اهو نڪرندو تہ "تصوف" تزڪيہ نفس ۽ اخلاق جو نالو آهي. صوفي پاڻ کي فاني تصور ڪري ٿو. هن آڏو باقي صرف "حق" آهي هو پنهنجي قيوميت ذاتي کي فاني تصور ڪري، حق تعاليٰ جي قيوميت ۾ باقي هوندو آهي، حق تعاليٰ جي ذات سان ئي هن کي بقا حاصل آهي. صوفي وحداني الذات هوندو آهي. نہ هن کي ڪو قبول ڪري ٿو ۽ نہ وري هو ڪنهن کي (خدا کان سواءِ) قبول ڪري ٿو. هن جي ڏسڻ پسڻ ۾ ظاهر ۾ بہ الله آهي تہ باطن ۾ بہ الله آهي. هو غير الله

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان منقطع هوندو آهي“

سنڌ جي صوفي بزرگن وٽ بہ تصوف جو اهو ساڳيو خيال رهيو چاڪاڻ تہ هتان جو صوفي بہ انهي فڪر کان متاثر ۽ فيضياب هو، جنهن جو آلاپ روحي ۽ سعدي ٿي ڪيو هن وٽ بہ اها ئي ساڳي ڳالھ هئي، نڙ جي صدا اسان کي روحي وٽ نظر اچي ٿي تہ ان سان گڏ سنڌ جو لاکيڻو لطيف بہ:

”وڍيل ٿي وايون ڪري ڪنل ڪوڪاري“.

چوڻ کان ڪين رهيو. غور ڪبو تہ اهو هڪ سلسلو آهي جيڪو زمان ۽ مڪان جي وڇوٽي جي باوجود صوفين وٽ ساڳيو نظر اچي ٿو.

تاريخ اسان تي اهو واضح ڪري ٿي تہ اسلام جي اچڻ کان اڳ هن خطي تي ٻوڌي مذهب جو غلبو هو. راءِ گهراڻي جا حڪمران جيڪي سما نسل جا هئا اهي پڻ ٻُڌ مذهب جا پيرو هئا. جهرڪن جا ٻڌڪا ٽڪر يا ڪاهوءَ جي دڙي جو ٿل. سير رڪن وارو ٿل،جوڻ وارو پٽ جتان گوتم ٻڌ جي مورتي ناهڻ وارو قلب مليو، اهي سڀ ڳالهيون انهي جو دليل آهن تہ سنڌ ۾ٻڌ مذهب چڱي ريت ڄاتل هو ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ ٻوڌي ڀڪشوسنڌ جي وستي واهڻ تائين هوندا ۽ طرز فڪر ۽ زندگي جو اثر سماج تي پوندڙ هوندو. جنهن کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. انهي ٻوڌي اثر کي برهمڻ حڪمران ”چچ“ اچي پائمال ڪيو ۽ برهمڻيت کي زور وٺايو. برهمڻ گهراڻي جو دؤر سنڌ اندر معاشي ۽ فڪري ٽڪراءُ وارو نظر ٿو اچي. راءِ گهراڻي کان اڳ سنڌ


Scanned with CamScanner

واسين جا مول متا کهڙا هئا. ان لاءِ يقين سان ڪا راءِ نٿي ڏيئي سگهجي. ليڪن موهن جو دڙو جي تاريخي سلسلي سان اهو چئي سگهجي ٿو ته هن خطي جي مذهبي حالت راءِ گهرائي کان اڳ ويدڪ نظرئي ٿي واري هئي. ڇوته ٻڌ ڌرم جي مقبوليت ان جو دليل آهي ته هت به برهمڻيت فڪر جو اهو ڪردار هو جيڪو هن جو ٻين هنڌن هو جنهن کان نالان ٿي ماڻهن جيئن ٻين هنڌ ٻڌ مذهب کي قبول ڪيو تيئن هت به ائين ٿي ٿيو ۽ "چچ" واري دؤر کان وري برهمڻيت جي موٽ ٿي، جيئن ٿي توحيدي مذهب "اسلام" سان سنڌ روشناس ٿي تيئن ٿي هن ۾ اها فڪري تبديلي پيدا ٿيندي ويئي جيڪا اسلام جي تعليم جو خاصو هئي. سنڌ شروع ۾ ئي توحيدي مذهب ۾ عالم فاضل ۽ محدث پيدا ڪيا. جن جو ذڪر فتوح البلدان يا ٻين تاريخن ۾ ملي ٿو. ان کان سواءِ "مڪتي" ۽ "نرواڻ" جي فڪر جو اثر هن خطي ۾ اڳ ۾ موجود هو، يقين آهي ته اسلامي فلاسافي ۽ ويدانت جي ڪن اصولن ۾ ڪن عالمن ۽ عارفن فِڪري تطبيق لاءِ جاکوڙ ڪئي هجي. ازانسواءِ ٻاهران ڪاهه ڪندڙ مسلم حڪمران اسلام جي تبليغ لاءِ پاڻ سان عالم ۽ بزرگ پڻ آندا. جيڪي هن سرزمين تي ئي رهي پيا جن هتان جي معاشرت کي قبول ڪيو. سنڌ جي اٺ سئو سالن جي مسلم دؤر ۾ درويش عالمن ۽ فاضلن جي اچڻ جو اهو سلسلو قائم رهيو. جن ۾ "سيد محمد مڪي" جيڪو صوفي بزرگ سيد شهاب الدين سهروردي جن جو ڏهٽو ۽ مخدوم عثمان مروندي، عرف لعل شهباز قلندر، سيد جلال الدين سرخ بخاري، جهانيان جهان گشت، شاهه صدر لڪياري، سيد حيدر سنائي، لطيف جن جو جد امجد کي پيا بزرگ وغيره. اهي يا انهن کان به اڳ آيل بزرگ يا اِهي نو مسلم سنڌي عالم تصوف جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فڪر جي ڄاڻ رکندڙ هئا. روحانيت جي حاصلات لاءِ خانقاهن ۽ درگاهن تي ذڪر، فڪر، مراقبہ، مجادلہ ۽ سماع جو رنگ رتل رهندو هو. ٻي صدي هجري کان وٺي ڏهين ٻارهين صدي هجري تائين صوفي ازم جي وچ مشرق کان وٺي سنڌ ۽ هند تائين هڪ لهر نظر اچي ٿي جيڪا مٿي بخارا ۽ بلخ تائين پنهنجو واس ڏيکاري ٿي. سنڌ اندر پيري مريدي جو عمل بہ انهي طرز فڪر جو غماز هو. لطيف چوائي تہ :

نہ سي وونئڻ وڻن ۾ نہ سي ڪا تياريون
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

اڳتي هلي وقت جي حالتن سان گڏ هنن سياسي سماجي طريقہ ڪار اختيار ڪيو. اها ٻي ڳالهہ آهي ليڪن ان جو بنيادي گڻ ياد الهي جي تربيت ڏيڻ هو. جيئن انسان ۾ قلبي صفائي ۽ روحاني باليدگي پيدا ٿئي، هو پنهنجي ذات کي سڃاڻي ۽ پاڻ کي حق ڏانهن رجوع ڪري. انهي فڪر تي اسان جي اڳين شاعرن قاضي قاضن، ميون ڪريم، لطف الله قادري، ميون شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل، گرهوڙي ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام پوري ريت روشني وجهي ٿو. مشائخن جون درگاهون ۽ مڪتب انهي جو وڏو دليل آهن.

انهي روشني ۾ سنڌ جو فڪر نهايت آڳاٽو نظر اچي ٿو. جنهن مختلف وقتن ۽ مختلف حالتن ۾ پنهنجو رنگ پٺي لاتو آهي. اسان کي هت اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ سنڌ جي ماڻهوءَ تي سنڌ جي هندو يوگين، جوڳين ۽ سناسين جي ويدانتي فڪر جو ڪي قدر اثر هو جنهن جا ٽاٽا ٽڪاٽا سنڌ جي اوائلي شاعري جي شاعرن قاضي قاضن ۽ ميين ڪريم جي ڪلام ۾ نظر اچن ٿا، جن ۾ جوڳي ۽ جوڳ جو تصور ملي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”جوڳي جا ڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾.

جيتوڻيڪ سنڌو ماٿر جي ماڻهوءَ تي ويدانت جي جوڳ پنٿ جو فڪر ايترو غالب نه هو. تاهم ان جا بنيادي تصور تصوف جي فلاسافي ۾ گڏيل نظر اچن ٿا. ان تصور جي شاهدي ان قسم جا لفظ ڏين ٿا. جن کي اسان جي بزرگن پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو آهي. صوفيا ۽ فڪر جو پتو سمن جي شروع واري دور کان اڳ سومرن جي وچئين دور ۾ پڻ ملي ٿو جنهن ۾ اسماعيلي بزرگن جي سنڌ ماٿر ۾ آمد ٿي، سومرا خاندان تي انهي فڪر جو اثر نهايت ڳوڙهو رهيو. جيڪو پوءِ فاطمي خلافت جي اثر گهٽجڻ ڪري هٽ ٻه اڳتي وڌي نه سگهيو. هن خطي ۾ مسلم صوفين جا خيال ۽ تصور جيئن پوءِ تيئن غالب ٿيندا ويا. جن ۾ جُنيد بغدادي،ابن العربي، حسين بن منصور، شهاب الدين سهروردي مقتول ۽ مولانا روم، سعيدي شيرازي جي تعليم ۽ فڪر تي غالب نظر اچي ٿو. انهن جي ڀيٽ ۾ نيٺ ويدانتي فڪر اها برتري حاصل ڪري نه سگهيو. اهڙي ريت مسلم صوفيائي فڪر ۽ خيالن سنڌ اندر جامع صورت ۾ وجود ورتو. جنهن سنڌي معاشري کي متاثر ڪيو. جنهن ۾اسان کي انهي فڪر جو ڪمال لطيف رحه ۽ سچل وٽ نظر اچي ٿو.

سنڌ جي صوفيانه فڪر ۾ لطيف اسان کي سر موڙ جي حيثيت سان نظر اچي ٿو ۽ سچل بادشاهه انهي سرموڙ واري حيثيت جي مام ۽ مذڪور جو. لطيف چوائي. انهي ڪُنيءَ جو ڍڪڻ لاهيندو ۽ ٻاڦ کي ٻاهر ڪڍندو نظر اچي ٿو. سنڌ جي صوفيانه شاعري جو موڙ نهايت وڏي پِڊ وارو آهي. سونهاري سنڌ جي انهن ٻنهين شاعرن، شاعري جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻين لوازمات سان گڏ تصوف جي روين ۽ ويچارن کي جنهن انداز سان بيان ڪيو آهي اهو وڏي پهچ ۽ ماڻ وارو آهي. تصوف جي روين ۽ ويچارن کي ڇو بيان ڪيو ويو؟ ان جا بنيادي ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ ان جي ضرورت ڇو پئي؟ اهي اهڙا سوال آهن جن جو ذهن ۾ اچڻ ضروري آهي. اهو تسليم ڪجي ٿو ته اهو دؤر تصوف جي هڪ چوٽي جو هو. ليڪن ان کي مقامي حالتن پڻ وڏي هٿي ڏني. ان لاءِ ان وقت جون سنڌ جون حالتون ٿي اهڙي قسم جون هيون جو اسان جي انهن مهان شاعرن وٽ ان کان سواءِ ٻي ڪا گهٽي ڪا نه هئي مغل صوبيدارن جي ڏاڍائي. ڪلهوڙن جو عدم استحڪام اهي سڀ اهڙيون حالتون هيون جيڪي سمن واري افراتفري واري دؤر سان مشابهه هيون جنهن ۾ عوامي زندگي مفلوج هئي معاشي توڙي اخلاقي طور هڪ خلا پيدا ٿي چڪو هو. سماجي بدحالي سبب ماڻهو جسماني طور تي ويڳاڻپ واري صورتحال سان لاڳاپيل هو. انهن مجموعي اثرن هن جي روحاني ڪيفيتن کي مونجهائي ڇڏيو هو. هن جو ڪيترين ڳالهين تان ويساه تٽي چڪو هو. زندگي جي اهڙي ابتر حالت ۾ انهي سماجي صورتحال کي يڪجا رکڻ لاءِ تصوف واري شاعري کان وڌيڪ ٻيو ڪو ذريعو نه هو، جيڪو انهي خلا کي پورو ڪري سگهي. اهو ئي بنيادي ڪارڻ هو جو اسان کي انهن ٻنهين شاعرن جي شاعري ۾ تصوف جي روين جو ڦهلاءُ ٻين خيالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نظر اچي ٿو.

هت انهي ڳالهه جي وضاحت نهايت ضروري آهي ته صوفيانه شاعري جي شروعات ڪو پٽ ڏٺي ڪا نه ڪئي پر ان جو پتو اسان کي اڳين شاعرن جي ڪلام ۾ به نظر اچي ٿو. جيڪو لطيف ۽ سچل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيان وڏ پلاندو نہ آهي. لطيف ۽ سچل جي دور بعد گرهوڙي، بيدل، يوسف نانک، بيکس، صادق فقير، غلام محمد خانزئي، خليفو قاسم انهي چنگ کي چوريندا نظر اچن ٿا. ڪانئن اڳ اهو آلاپ قاضي قاضن، شيخ حماد جمالي، ميون ڪريم، لطف الله قادري ۽ ميون شاھ عنايت آلاپيندا رهيا. سنڌ ۾ صوفي فڪر هڪ مخصوص نظريہ سان جلوه گر آهي، جنهن جي سماج تي نمايان اثر پذيري رهي.

سرڪار لطيف ۽ سچل بادشاھ بيئي تصوف جي نظريہ وحدت الوجود جا پيغامبر ۽ شارح آهن. لطيف انهي فڪر کي نهايت ٺڏائي ۽ مانار سان بيان ڪندو نظر اچي ٿو جڏهن تہ سچل رح نهايت بيباڪي ۽ بيخوديءَ سان ان جو اظهار ڪيو آهي. لطيف ڪٿي بہ ڪا هام هڻي شطحيت جو شڪار نہ آهي. ان جي برعڪس سچل رح اڳتي وڌي "حق" جو هوڪو ڏئي ٿو ۽ ڪٿي بہ ڪي ڪک نہ رکيا آهن. ائين ڪٿي چئجي تہ سچل جو ڪلام شيخ ابن العربي جي فڪر ۽ فلسفي جي تشريح آهي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو.

صوفي فڪر سنڌ ۾ نهايت ڏور رس نتيجا ڪڍيا. عام يا خاص زندگي ۾ ڪو تعصب يا ڀيد ڀائو نہ هو. درگاهن ۽ خانقاهن تي مسلمانن توڙي هندن جي عام رجوعات هئي. تصوف جي تعليم سيني ۾ مقبول عام هئي. موازنو ڪبو تہ ٻنهين شاعرن ۾ ڪا ڪمي نظر ڪا نہ ايندي. تصوف واري شاعري اسلامي تصوف جي روايتن جي علمبردار هوندي بہ سنڌ جي هندن تي ايترو اثر ڪيو جيترو هن جو مسلمانن تي پنهنجي دين سان لاڳاپي جي ڪري هو. اهو واضح ڪري ٿو تہ تصوف هڪ جامع فڪر ۽ فلسفو هو، جنهن کي هن ڌرتي جو روح چئجي تہ بجاءِ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪتابيات

١. فصوص الحڪم، ابن العربي اردو ترجمو
٢. نور الحقيقت، حضرت سيد اسماعيل حسيني (اردو)
٣. المصباح التصوف، علامہ سعد الدين حموي، (فارسي)
۴. حڪماءِ قديم ڪا فلسفہ اخلاق، بشير احمد ڊار (اردو)
۵. قرآن اور تصوف، ڊاڪٽر مير ولي الدين (اردو)
٦. پٽ جو شاھہ، ٽي ايچ سورلي (سنڌي ترجمون)
٧. يوناني تصوف، بشير احمد ڊار (اردو)
٨. فيوض الحرمين، شاھہ ولي الله (اردو)
٩. اقبال ڪا علم الڪلام، علي عباس جلالپوري (اردو)
١٠. روايات فلسفہ، علي عباس جلالپوري (اردو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فن ۽ فڪر جا ماخذ

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ سنڌ جو انتهائي قابل احترام شاعر آهي. سندن عزت ۽ احترام رکو ان ڪري ڪونهي تہ هو سيد خاندان جو عظيم فرزند هو ۽ هڪ صوفي بزرگ هو. سنڌ ۾ سندن احترام ان ڪري بہ آهي جو هن صوفي بزرگ سنڌي زبان ۾ لافاني شاعري کي تخليق ڪيو آهي. ڊاڪٽر سورلي جي لفظن ۾ تہ "شاهہ جنهن قسم جي شاعري ڪئي آهي اهڙي شاعريءَ جي تخليق سنڌ ۾ وري ناممڪن آهي" شاهہ جي شاعري هر نقطيء نگاهہ کان مڪمل ۽ باڪمال آهي. سندن شاعريءَ جو وڏو ڪمال اِهو بہ آهي تہ اها هر طبقي جي فرد کي پسند تي اچي. چاهي ڪو مسلمان هجي يا هندو، شيعو هجي يا سني، هاري هجي يا عالم. سنڌي زبان سو سمجهندو هجي باقي سيد جو ڪلام ڪن تي پوندس تہ ذهن تي جادوءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهڙو اثر ڇڏيندس.

شاهہ صاحب جي شاعريءَ جي مختلف پهلوئن تي گذريل اڍائي سئو ورهين ۾ جيڪو ڪم ٿيو آهي، اهو بہ تحسين جي لائق آهي ۽ اهو ڪم اعليٰ درجي جي دانشورن ۽ محققن پئي ڪيو آهي. پر پوءِ بہ شاهہ سائينءَ جي لاثاني شاعريءَ تي ٿيل ڪم تي جڏهن نظر ٿي پوي تہ ذهن ۾ ڪو نہ ڪو سوداءُ ڪر موڙي ٿو اڀري تہ ڪاش! هيءُ ڪم ائين ڪجي جيڪو نہ ٿيو آهي ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي تجويزون سنڌ جي دانشورن اعليٰ اختياري وارن جي ذهن تي هميشہ پئي آنديون آهن.

اڄ هن مختصر مقالي ۾ انهيءَ جائزي وٺڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان تہ اهي ڪهڙا بنيادي ماخذ ٿي سگهن ٿا، جن تان شاهہ صاحب پنهنجي اعليٰ شاعريءَ جو تاڃي پيٽو تيار ڪيو هو؟

سڀ کان پهريون ۽ اهم ماخذ جيڪو ذڪر جي لائق آهي، ۽ جنهن جي نفس - مضمون سان لطيف سائينءَ جو ڪلام لاڳاپيل آهي، اهو آهي "قرآن حڪيم". عالم ۽ قرآن شريف جي شارحن جو ان ڳالهہ تي مڪمل اتفاق آهي، تہ قرآن مجيد جو نفس - مضمون صرف ۽ صرف انسان آهي. شاهہ صاحب جي سموري شاعريءَ جو بہ تجزيو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ شاهہ صاحب جي شاعري، انسان جي چڱائيءَ جو درس نظر ايندي. انسان جي چڱائي ڇا ۾ آهي؟ زندگيءَ جا ڪهڙا لاها چاڙها آهن؟ انسان جي اصليت ڪهڙي آهي؟ سندس ماضي، حال ۽ مستقبل ڪهڙو آهي؟ انسان هتي ڇو آيو؟ ڪيئن سماج ۾ ڪيئن هلڻ ڪپي؟ زندگيءَ جو ڪهڙو مقصد هئڻ ڪپي؟ مطلب تہ شاهہ صاحب جي سموري شاعري انسان لاءِ هدايت ۽ راهہ نجات آهي.

چا ڪي وڃي چو، ٻيلي رهين ٻين جو؟
وٺ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو،
سهڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

قرآن مجيد جي آيت آهي:

اِيَّاڪَ نَعبُدُ، وَاِيَّاڪَ نَستَعِينُ.

ترجمو: خاص تنهنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ٿي مدد گهرون ٿا.

قرآن مجيد جي پهرين سورت جي پهرين آيت آهي:

اَلحَمدُلِلّٰه رَبِّ العَالَمِينَ . اَلرَّحمَانِ الرَّحِيم . مَالِڪِ يَومِ الدِّينِ.

ترجمو: حمد ۽ تعريف جي لائق هڪ الله آهي. جو مهربان ۽ ٻاجهارو آهي. قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي.

شاهه صاحب جي رسالي جي پهرين سر ”ڪلياڻ“ جو پهريون بيت ساڳئي مفهوم ۾ آهي:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم
والي، واحد، وحدهٗ، رازق، رَبُّ رحيم
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙئون جوڙ جهان جي.

هڪ ٻي آيت:

صِرَاطَ الَّذِينَ اَنعَمتَ عَلَيهِمِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترجمو : انهن جي واٽ جن تي تو نعمت ڪئي آهي.

شاهہ جو بيت :

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪن سلام، آڳهہ اچيو ان جي.

اجا هڪ مثال :

قرآن مجيد: رَبّـنَا فَاغفِرلَنَا ذُنُوبَنَا وَكَفِّر عَنا سَيِّاتِنَا.

ترجمو : بيشڪ اڄ ڏينهن مون انهن کي سندن صبر جي جزا ڏني. تحقيق اهي ڪامياب آهن.

ساڳي مفهوم لاءِ شاهہ جو بيت:

ڪُرڙُ ڪَمَندن ڪتيو، هارايو هوڙهن
چڪيونہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ لاءِ پاڻ فرمايو:

تو جو بيت ڀانيان، سي آيتون آهين
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

هيءَ چند مثال آهن. پر اهڙا سوين ٻيا مثال آهن، جيڪي ٻڌائين ٿا تہ شاهہ صاحب سچو مسلمان ۽ عالم انسان هو. هن پنهنجي ڪلام جو بنيادي تصور قرآن حڪيم مان اخذ ڪيو آهي.

شاهہ صاحب جي شاعريءَ جو ٻيو مکيہ ماخذ آهي تصوف. مفڪرن جو رايو آهي، تہ شاهہ جي شاعريءَ جو تاڃي پيٽو عشقيہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تصوف مان تيار ڪيل آهي. جنهن تي البت اسلامي رنگ نمايان نظر ٿو اچي. اهو ان ڪري جو شاهه صاحب مڪمل طرح مسلمان هو ۽ شريعت جو پابند هو. هن جنهن خاندان جي آغوش ۾ اک کولي، اهو خاندان سنڌ اندر سوَنِ سالن کان علم ۽ عرفان جو ادارو ڄاتو ويندو هو. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، جيڪو سندن پڙ ڏاڏو هو، نهايت ئي پاڪ خصلتن جو مالڪ هو. تصوف سان لڳاءُ سندن فطرت ۾ شامل هو. نهائي ۽ نماڻائيءَ جي حوالي سان شاهه ڪريم سنڌ جي تاريخ ۾ مثالي انسان ڄاتو ٿو وڃي. شاهه حبيب لطيف سائينءَ جو والد بزرگوار ملڪوتي سيرت جو مالڪ هو. پنهنجي تر ۾ هو وڏي عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو. ايستائين جو وقت جا حاڪم به ڪين پنهنجي حرم خانن ۾ بنا ڪنهن حجاب جي آئيندا نيندا هئا. سندن پيري ۽ مرشديءَ جو سلسلو نهايت ئي قابل احترام ڄاتو ويندو هو. اهو ئي مقدس خانداني ورثو هو جنهن ۾ شاهه عبداللطيف جي ذهن جي تعمير ٿي. شايد اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪلام ۾ ڪٿي به بغاوت جي بوءِ نه ٿي اچي. حالانڪ تصوف جي ميدان ۾ رندانه مستي معيوب ڪانهي. شاهه صاحب صوفي طريقي جي قادري سلسلي سان وابسته هو ۽ وحدت الوجودي صوفي بزرگ هو. وحدت الجودي صوفي رندانه نعرن جي ڪري گهڻو مشهور آهن. جن ۾ قلندر لعل مروندي ۽ سچل سرمست ذڪر جي لائق آهن. ليڪن شاهه صاحب جي شاعريءَ مان ڪٿي به اهڙي شاهدي نٿي ملي جنهن مان اهو پتو پوي ته شاهه صاحب هتان يا هتان شريعت جي ديوار کي اورانگهڻ جي ڪوشش ڪئي هجي.

ساري سک سبق، شريعت سندو سهڻي

طريقتان تڪو وهي، حقيقت جو حقُ
معرفت مرڪ، اصل عاشقن ڪي.

شاهه سائينءَ جي زماني ۾ برصغير جي صوفيانه ماحول ۾ روشن خيالي ۽ راسخ العتقاديت جي وچ ۾ شديد ڪشمڪش جاري هئي. انهيءَ ڪشمڪش ڀڳتي تحريڪ، گرو نانڪ جي فڪر ۽ اڪبر جي دين الاهيءَ کي جنم ڏنو. سنڌ اڪبر جي دين الاهيءَ جي اثر کان گهٽوگهٽ محفوظ رهيو. البت ڀڳتي تحريڪ ۽ گرونانڪ جي فڪر جو اثر سنڌ ۾ تسمر گهٽو رهيو ۽ اڳتي هلي انهيءَ فڪر آزاد خيال انسان دوستيءَ کي اياڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جا اڪثر صوفي بزرگ انهن مڙني مليل جليل اثرن هيٺ پنهنجي درس جون راهون تلاش ڪندا رهيا.

فرخ سير جي عهد حڪومت ۾ سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ شاهه عنايت کي بنياد پرست ملن انهيءَ ڪري شهيد ڪرايو جو هو روشن خيال ۽ انسان دوست نظريي جو پرچارڪ هو. ڪن محققن جو رايو آهي ته انهيءَ صورتحال ڀٽائي جي فڪر تي وڏو اثر پيدا ڪيو جنهن جي ڪري هو اعتدال پسند نظريي جو حامل ٿو نظر اچي. اهو سچ آهي، ته هن واقعي شاهه صاحب جي ذهن تي وڏو اثر ڪيو، جنهن جي ڪري سندس شاعريءَ جو وڏو حصو علامتي انداز ۾ نظر ٿو اچي. ليڪن اهو رايو ته انهيءَ واقعي کان خوفزده ٿي ۽ شاهه صاحب اعتدال پسندانه خيالن کي پنهنجو همنوا بنايو درست ڪونهي.هونءَ ٿي اسان وٽ به دليل آهن، جيڪي ان ڳالهه کي غلط ثابت ٿا ڪن. هڪ ته شاهه صاحب هونءَ ئي فطرتاً اعتدال پسند مفڪر هو. نماثائي ۽ نهنائي سندن


Scanned with CamScanner

ورثو هو. ٻيو تہ رسالي ۾ ڪيترائي اهڙا بيت موجود آهن، جيڪي واضح طور مزاحمتي شاعريءَ جو دليل آهن. مثال لاءِ:

هڻ ڀالا وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار
متان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿيين.

هڪ ٻيو مثال : سنڌ ۾ اورنگ زيب عالمگير جي گورنريءَ واري وقت کان وٺي راسخ العتقاد ملن جو تمام گهڻو زور رهيو. ڪلهوڙا بہ پيري مريدي جي روپ ۾ حاڪميت ڪندا هئا ۽ اهي بنياد پرست نظريي جي نہ رڳو همت افزائي ڪندا هئا، پر بنياد پرست ملن کي وظيفا بہ ڏيندا هئا. جيڪي آئي ڏينهن خلم ڪرائيندا هئا. ان هوندي بہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو تمام وڏو حصو روشن خيالي ۽ انسان دوستيءَ جي نظريي جي حمايت ٿو ڪري. سر ”رامڪلي“ جوڳين ۽ سنياسين جي جاتائن، وفائن، سيرت، صورت ۽ لازوال ڪردار جي تصوير پيش ٿو ڪري. حالانڪ ”رامڪليءَ“ جا جوڳي مسلمان ڪو نہ هئا ۽ نہ ئي سندن ڪو طريقو اسلامي هو. پر پوءِ بہ انهن جي سچاين ۽ صداقتن کي پنهنجي ڪلام جي زينت بنائڻ ۾ شاهہ صاحب وڏي فراخ دلي ڏيکاري آهي ۽ اهو عمل ٻڌائي ٿو تہ شاهہ صاحب قطعي روشن خيال ۽ انسان دوست صوفي بزرگ هو. جيڪو راسخ العتقاد مولوين ۽ حاڪمن کان ڪڏهن بہ خوفزده ڪو نہ هو.

لنگ ڪديائون لانگ، موٽي ڪن نہ مسحو
جا اسلاما اڳي هئي، سا سٽائون ٻانگ
سامي چڏي سانگ، گڏيا گورکنات کي.

شاهه صاحب جي ڪلام جو ٽيون بنيادي ۽ خوبصورت ماخذ آهي، موسيقي ۽ راڳ. تحقيق مان ظاهر ٿيو آهي ته شاهه جي سموري شاعريءَ جو بنياد نغمه سرائيءَ يا ڳائڻ جي خوبصورت فن تي رکيل آهي. اڍائي سو ورهيه اڳ ڀٽ تي جنهن راڳ جي اداري جو بنياد لطيف سائينءَ رکيو اهو بنا ڪنهن ناغي جي اڄ تائين قائم آهي ۽ هلندو پيو اچي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب ته برصغير ۾ اهڙو پيو پراڻو راڳ جو ڪو به ادارو زنده ڪونهي.

امام غزالي رحمت الله عليه شاعريءَ لاءِ چيو ته اهڙي شاعريءَ ڪي موسيقيءَ جي سرتال ۽ ڌنن تي نه ڳايو وڃي جيڪا جذبات کي اياري ۽ قرآن شريف جي تعليم جي منافي هجي. اهڙي موسيقي ٻڌڻ به ناجائز آهي. هُن چيو ته البت اهڙي شاعريءَ کي موسيقيءَ جي لئي تي ڳائي سگهجي ٿو، جيڪا شاعري قرآن جي تعليم سان مطابقت رکندي هجي. ان حوالي سان شاهه صاحب جي شاعريءَ جو تجزيو ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته سموري شاعريءَ ۾ ڪو به اهڙو بيت، سٽ، ڪو به بند يا اهڙو لفظ نظر نه ايندو جيڪو شيطاني سگهن کي قوت بخشيندو هجي. اهو محض ان ڪري جو شاهه صاحب جي سموري شاعري قرآن جي تعليم سان فطري طرح لاڳاپيل آهي. اهو ئي سبب آهي، جو شاهه جي شاعريءَ کي جڏهن سنڌي ڌنن ۽ راڳڻين تي ڳايو ويندو آهي، ته اهڙي وقت ٻڌندڙ جي روح کي هڪ قسم جي راحت ۽ سڪون ملندو آهي. سچ ته شاهه سائين جي خوبصورت راڳ کي ٻڌڻ سان انسان ائين محسوس ڪندو آهي، ڄڻ هن پنهنجي وڃايل منزل وري حاصل ڪئي هجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ روايت آهي، ته شاهه صاحب کي راڳ ۽ ساز سرود جي محفل رچائڻ کان روڪڻ جي بنياد پرست ملن جي هڪ جماعت ڪوشش ڪئي. شاهه صاحب هڪ مدلل ذهن جو مالڪ هو. هن ملن جي ڳالهه کي برو ڪو نه سمجهيو. البت انهن کي چيائين ته: ”منهنجي اندر ۾ هڪ روحاني وڻ آهي. جنهن کي راڳ جو پاڻي سرسبز ۽ شاداب رکڻ ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿئي ٿو. توهان جي نظر ۾ جيتوڻيڪ اهو پاڻي پليد آهي. پر اهو پاڻي منهنجي روحاني وڻ کي زنده رکڻ ۾ ڏاڍو مددگار آهي. هاڻي جيڪڏهن اهو پاڻي بند ڪيو ويو ته پوءِ اهو وڻ سڪي ويندو.“ ان ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ ملان لاجواب ٿي ويا ۽ آئينده شاهه صاحب کي راڳ رهاڻ کان ڪڏهن به نه روڪيائون.

چيو وڃي ٿو ته سنڌي زبان کي شاعريءَ جي سٽاء لاءِ پنهنجو ڪو شاعرانو پئمانو ڪونهي. ان ڪري سنڌي شاعرن هميشه کان وٺي ٻاهرين شاعريءَ جي پئمانن ڏانهن پئي هٿ ٽنگيو آهي. شاهه لطيف به پنهنجي خوبصورت ڪلام کي موزون بنائڻ لاءِ هندي ڇند ودیا کي اختيار ڪيو. هن پئماني موجب بيت جي پهرين بند ۾ ٻارهن ماترائون ۽ ٻئي ۾ تيرهن ماترائون هونديون آهن. شاهه جو سمورو ڪلام انهن ماترائن تي جوڙيل آهي. عالمن جو چوڻ آهي ته ڇند ودیا جو پئمانو هندي زبان سان تعلق ٿو رکي. هنن سٽن لکندي ذهن ۾ هڪ عجيب سوال ٿو پيدا ٿئي ۽ ذهن اهو به چاهي ٿو ته ڪٿان ان سوال جو حل نڪري اچي. سوال آهي ته جيڪڏهن ڇند ودیا جو پئمانو سنڌو واديءَ جو ناهي ۽ ان جو واسطو قطعا گنگا واديءَ سان آهي، ته پوءِ سنڌي ذهن کي ان مان سڪون ڇو ٿو ملي؟ اها هڪ قدرتي ڳالهه آهي، ته هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها شيءِ، جيڪا ڌارين هوندي آهي، اها اوپري لڳندي آهي. موسيقيءَ لاءِ چيل آهي، تہ اها روح جي غذا آهي. روح هڪ مقدس ۽ پاڪ وجود آهي. اهو ازل کان موجود آهي. پنهنجي ڌرتيءَ جي هر وٿ کان روح کي تڏهن سرور ملندو آهي، جو ان شيءِ سان روح جو ازلي لاڳاپو هوندو آهي. جيڪڏهن چند جو پئمانو ڌاريون آهي، تہ پوءِ ان مان سنڌ جي هر ماڻهوءَ، ننڍي توڙي وڏي، جوان توڙي ٻڍي، عورت خواه مرد جي روح کي راحت ۽ سرور ڇو ٿي مليو؟ علم عروض جو پئمانو سنڌ ۾ عربن سان گڏ پهتو. ان کي سنڌ ۾ اڄ چوڏهن سؤ سال ٿي ويا آهن. جيڪڏهن فراخ دليءَ سان ويچاريو تہ اهو چٽو نظر ايندو تہ علم عروض جي پئماني سان سنڌي روح اڄ تائين ريجهيو ئي ڪونهي!

سنڌي موسيقي ۽ نغمگيءَ جو هڪ تاريخي واقعو آهي. جنهن کي شاهه صاحب سر "سورٺ" ۾ اهم مقام ڏنو آهي. راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جي قصي کان سنڌ، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ جا ننڍڙا ٻار بہ واقف آهن. ٻيجل هڪ ڪلئونت راڳي هو، جڏهن تہ راءِ ڏياچ راڳ جو شيدائي هو. ساز جي تند جو آواز ۽ راءِ ڏياچ جو ذوق جنون جڏهن هڪٻئي سان آمهون سامهون ٿيا تہ تاريخ جي هڪ بيمثال واقعي جو جنم ٿيو. لطيف سائينءَ ٻنهي جي ملاقات جي ڪيفيت ڪجهہ هن انداز ۾ بيان ڪئي آهي:

ڪي جو ٻيجل ٻولئو، ڀنيءَ ويهي ياڻَ
راجا رتولن ۾، سيباڻو سلطان
آءُ متاهون . مڱڻا ! مقابل ميدان
گهوريان لک لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان
مٿو هيءُ، مزمان! هلي آ تہ هت ڏينءَ.

هي هڪ ٿورو مثال آهي، نہ تہ سچو. سورٺ تندن جي تان ۽ راءِ ڏياچ جي راڳ تان قرباني ۽ جي جذبي سان ڀريل آهي. هن مثال پيش ڪرڻ مان منهنجو اهو مطلب آهي، تہ سِرَنِ جون قربانيون ڏيڻ سولي ڳالهہ تہ ڪانهي! پر جڏهن انساني روح کي سڪون جي منزل اکين اڳيان ڏسڻ ۾ ايندي آهي، تہ پوءِ يقيناً انهيءَ خاطر هو سر جي قرباني بہ ڏيندو آهي. هاڻي مٿين سوال جي حل ڪرڻ لاءِ هڪ منهنجو رايو بہ آهي. ليڪن راءِ پيش ڪرڻ کان اڳ مٿيون سوال وري ٿو دهرايان. سوال آهي تہ جيڪڏهن چند وديا جو پٺمانو وادي گنگا سان ٿو تعلق رکي تہ پوءِ وادي سنڌ جي روحانيت جي سڪون جو باعث ڇو ٿو ٿئي؟ منهنجو خيال آهي، تہ چند وديا جي پٺماني جي تخليق جو تعلق سنڌو واديءَ جي ڪنهن قديم اداره سان رهيو آهي جنهن کي سنڌ اندر وڏڻ ويجهڻ کان زنجير پارائي ۽ ديس نيڪالي ڏني وئي هوندي ۽ بعد ۾ ان جي پرورش ڪٿي ڪنداٿي ٿي آهي. ڊاڪٽر سورلي لکيو آهي تہ سنڌي ماڻهو موسيقي ٻڌڻ جا نهايت ئي شوقين آهن. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ اهو انڪري آهي، جو سنڌي زبان جي شاعريءَ ۾ وڏي نغمگي موجود آهي ۽ اها ڳائڻ جي لائق آهي ۽ اهوئي ڳائڻ وارو فطري ردمُ جيڪو هن ۾ موجود آهي، هر سنڌيءَ جي روح کي ڪشش ٿو ڪري. اصل ۾ لطيف جي ڪلام جو اهوئي فطري ماخذ آهي، جيڪو ڪلام کي امتيازي حيثيت ٿو بخشي.

ڀٽائيءَ جي ڪلام جو چوٿون ماخذُ عوامي جيوت آهي. شاهہ عوامي شاعر آهي. هن عوامي جيوت کي پنهنجي ڪردار جو موضوع بنايو. اٺڻ ويهڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڏک درد، سور سختيون، خوشيون غم

سب ڪٺي رسالي ۾ ڏير ڪيائين. دراصل جنهن ماحول ۾ شاهہ صاحب جي پرورش ٿي هئي اهو ماحول ڀھراڙيءَ جو ماحول هو. ٻين لفظن ۾ اهو عوامي ماحول هو. جنهن جي هر وت ڪان نہ رڳو واقف هو، پر هر عوامي وت سندس ورثو هو. اهوئي سبب آهي جو عوامي زندگيءَ جو عڪس نهايت مؤثر انداز ۾ پيش ڪري سگهيو آهي. جوانيءَ ۾ سير سفر ڪيائين فطري نظارن جو بغور مطالعو ڪيائين. مختلف تاريخي ماڳ مڪان ڏٺائين. ڪيترن ئي قسمن جي فقيرن سان رس رهاڻيون ڪيائين. جن ۾ ساڌو فقير، جوڳي، سنياسي، درويش سيلاني، قلندر، موسيقار، ڳائڻ وڄائڻ، منگتا فقير وغيره شامل آهن. ان ڪان سواءِ ڪيترن ئي سنڌ جي سخي سردارن ۽ راڄن جي چڱن مڙسن سان حال احوال ڪيائين. انهن جي ريت پريت، چڱاين براين ۽ سندن زندگيءَ جي لاهن چاڙهن ڪان پوري واقفيت حاصل ڪيائين. مطلب تہ جهنگن جهرن، ٻنين ٻارن ۽ بندر بازارن ۾ ويو. هارين سان، ڌنارن سان ۽ تجارت پيشورن ۽ هنر مند ماڻهن جي زندگيءَ ڪان مڪمل واقفيت حاصل ڪيائين ۽ انهن سڀني جي وتن کي پنهنجي ڪلام جي زينت بنايائين.

وڃن سين وڻي، سور وياڃي سهٽي
آن ڪائي ڏيني، مينهن جي ميهار سين!

مينهن جي ڦڙن سان دک درد، ڏک ڏاڪڙا، سور ۽ اندر جا ارمان اوڙڻ عجيب ڳالهہ آهي! سورن جون ڳالهيون تہ انسانن سان ڪبيون آهن. حيوانن سان ڪو نہ ڪبيون آهن. حقيقت ۾ جانورن سان سورن جون ڀچارون ڪرڻ انوکو تجربو آهي. جنهن ڪان شهري ماڻهو قطعي ناواقف آهن. هن جي تصور ۾ اها ڳالهہ اچي ئي نہ سگهندي تہ ڪو


Scanned with CamScanner

جهنگلي جيوت سان ويهي اندر جا احوال بہ اوريا آهن. هاڻي اهو سچ آهي تہ هاري ماڻهو پنهنجي رزق سان روح رچنديون ڪندو آهي. پنهنجن جانورن سان، پوکي راهي، وڻن ٻوٽن، پکين پکڻن ۽ ککن ڪانن سان بہ پنهنجي اندر جا ارمان اوريندو آهي. مختلف سنجڻون اوزار، ساز ۽ انهن جا آواز ٻهراڙيءَ جي انسان جا سڻا ساٿي آهن. گهر جا ٿانوَ ٿپا ۽ جانورن جا سانير عورتن توڙي مردن لاءِ نہ رڳو وندر هوندا آهن. پر اندر جي ارمانن جي مداوا بہ هوندا آهن.

اديون سڀ اندام، چڙن منهنجا چوريا
لارن جا لنؤ لائي، سا ڪيئن آچيان عام
لڳس جنهن جي لام، سو دلاسا دوست منجي.

مطلب تہ شاهہ صاحب جي ڪلام جو زوراڻتو بنيادي ماخذ ٻهراڙيءَ جي سادي سودي جيوت آهي، جنهن جي ڪري هر ڪو ٻهراڙيءَ جو ماڻهو شاهہ جي ڪلام کي نہ سمجهندي بہ سمجهي ٿو.

شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جا اهي داستان بہ بيان ڪيا آهن، جن جون جڙون عوامي جذبن ۾ کتل هيون. عمر مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻي، سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي، ۽ مورڙو ميربحر. شاهہ انهن تاريخي قصن کي رڳو بيان ڪو نہ ڪيو آهي، پر انهن تاريخي قصن جي ڪردارن جي فطرت، انهن جي اٿ ويهہ، زندگيءَ جي ڍنگ، کاڌ خوراڪ، پهرپوشاڪ، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، هيٺائي ۽ ڏاڍائي، عشق ۽ محبت، سک ڏک، گهر گهاٽ ۽ زندگيءَ جي مڙني دستورن ۽ رسمن جي ڳالهہ ڪئي آهي، جن کان هر سنڌي واقف هو ۽ اڄ بہ انهن ۾ ڪا تبديلي ڪا نہ آئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آئين ۽ چاڙهين، ذات ڏهاڙي سومرا
ستا ڪيو سيد چي، سائو سڪائين
پلاءُ نہ پاڙين، عمر! آراڙيءَ سين.

سچ تہ اڄ بہ سنڌي ماڻهو "آئين ۽ چاڙهين" واري حالت کان اڳتي ڪونہ چڙهيو آهي. سرسبز ۽ شاداب زمين، بندر ۽ بازارن تي ڌارين جو قبضو آهي.

ڪرئو مهاڙ ملير ڏي، ايپائي آهي
جا متي ڏينس مارئين، سا لوئي نہ لاهي
سومرا! ساهي، ستيءَ وجهہ مَ سنگهرون.

سنڌ ۾ اڄ بہ ستين جي ڪمي ڪانهي. پر اها بدقسمتي آهي، جو لطيفن جي اٿاٽ تي وئي آهي. جيڪي ستين جي ست جي ڳالهہ ڪن، جيڪي تڪل ۽ ماندي انسان کي ڪو دلاسو ڏين. ان ڪري جڏهن بہ ڪو مزدور، ڪو مسڪين، ڪو سورن جو ستايل لطيف جو ڪلام پڙهندو آهي تہ سنڌس اندر نري ڳڳَ تي پوندو اٿس. هو سوچيندو آهي تہ اگر اڄ نہ تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ سنڌس اندر جي اذمن جي ڪنهن تہ ڳالهہ ڪئي آهي!

شاهہ صاحب جي ڪلام جو پنجون ماخذ آهي، سنڌي زبان ۽ ان جي صلاحيت. شاهہ جو زمانو سترهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي کان وٺي ارڙهين صديءَ جي وچ تائين آهي. اهو دور فارسي زبان جي مقبوليت جو دور هو. مغلن جي دور ۾ فارسيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو دستور هو. سرڪاري زبان هئڻ جي ڪري، حڪومتي ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاريون هلائيندڙ، واقع نگار جن کي اڄ ڪلهه صحافتي شعبو ٿو سڏجي، ۽ دين جي تبليغ ڪندڙ عالم فارسي زبان ۾ پنهنجون ڪارگذاريون عمل ۾ آڻيندا هئا. مغلن کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪلهوڙن به فارسي زبان کي فراموش نه ڪيو. هن دور ۾ به دفتري زبان فارسي هئي. سنڌ جي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته عربن جي زوال کان پوءِ فارسي زبان جو اثر زور شور سان شروع ٿيو هو. وقت گذرڻ سان ان جون پاڙون مضبوط ٿي ويون جو ڪنهن کي اهو گمان به نه ٿيندو هو ته ڪو فارسيءَ جو غلبو ڪڏهن سنڌ مان ختم به ٿيندو. ڇاڪاڻ ته فارسي نه رڳو سرڪاري زبان هئي، پر اعليٰ خاندانن جي اٿڻ ويهڻ، لباس، رسم ۽ رواج، شاعري، ايستائين جو مذهبي معاملات ۾ به سرائيت ڪري وئي هئي. جنهنڪري اهڙي دور ۾ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ وڏو جهاد هو. جيتوڻيڪ ان دور ۾ ٿوري گهٽي شاعري ٻين شاعرن به پئي ڪئي، پر شاهه لطيف جيڪو ڪمال ڪري ڏيکاريو ۽ سنڌي زبان کي هر پهلوءَ کان عروج تي پهچايو. ان کي تاريخ ڪڏهن به فراموش نه ڪري سگهندي. ڊاڪٽر سورلي لکيو آهي ته ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو اهو ڪمال آهي جو فارسي زبان جي اثر کي ٽوڙڻ ۾ هن وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. شاهه ملڪي ماڻهن جي ڪمن ڪارين، اٿ ويهه، رسم رواج ۽ وندر کي پنهنجي ڪلام جي زينت بنائي وڌو. استعاره، تشبيهون، قافيه ۽ ڪلام جون ٻيون مڙوئي ورجيون. ايستائين جو شاعري جو وزن به هن ملڪي حدن مان اخذ ڪيو ۽ شاهه جو عوام انهن وِتن کان ته اڳئي واقف هو. ان ڪري شاهه جي شاعري سنڌي عوام ۾ ايتري ته مقبول ٿي جو ان جي ٻڌڻ سان ماڻهن تي وجد طاري ٿي ويندو هو. تاريخ جي بيرحم رويي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيتوڻيڪ اھڙن بين مثالن کي مسمار ڪري ڇڏيو آھي پر تاريخ جي ورقن ۾ ھڪ مثال محفوظ رھجي ويو آھي. جيڪو آھي مخدوم معين ٺٽويءَ جو لطيف جي سماع ۾ وفات ڪرڻ. مخدوم معين ٺٽوي وڏو عالم انسان ھو. ھو فارسي ۽ عربي زبانن جو ماھر ھو پر اھا ڪھڙي نہ حيرت ۾ وجھندڙ ڳالھ آھي، جو لطيف جي ڪلام ٻڌڻ سان جڏھن منجھس ذوق تجسس انتھا کي پھتو تہ دم ڏنائين.

شاھ صاحب جي ڪلام ۾ بيون تہ ڪيتريون ئي شاعرانا خوبيون موجود آھن، پر سندس ڪلام جو جيڪو اسلوب بيان آھي، ان جو ڪو مثال ئي نٿو ملي. ھن خوبيءَ لاءِ ڊاڪٽرسورلي لکي ٿو تہ: ”شاھ صاحب جي اسلوب بيان جو صف ان وقت تہ بلڪل پنھنجي شباب تي نظر ٿو اچي، جڏھن ھو عوامي زبان ۾ خشڪ ۽ تپندڙ ڌرتيءَ تي زوردار مينھن جي وسڪاري جي مسرت ۽ خوشيءَ جي ڳالھ ٿو ڪري. ان وقت لڳي ٿو تہ شاعر خدا جي رحمت ۽ برڪت جي احساس کي ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪا تبليغ ٿو ڪري!“ ھن لاءِ شاھ جو ھڪ بيت آھي:

بر وَٺا، تر وَٺا، وٺي ڪڇ ڪنار
پوپاڙيءَ پٽن تي، ڏسو ! نايائون نار
سڀاجھي ستار، لاٿا ڏرت ڏيھ تان.

شاھ جي اسلوب بيان ۽ ديسي تشبيھن جو ھڪڙو بيو مثال، جنھن مان اھو واضح ٿئندو تہ شاھ صاحب کي پنھنجي عوامي ٻوليءَ تي ويتر تہ عبور ھو ۽ ان ڪان سواءِ اھو بہ ڀانور ٿو ٿئي تہ ان دور ۾ سنڌي زبان ۾ ايڏي صلاحيت موجود ھئي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سارنگ سائي ست، جهڙي لالي لاک جي
اِئَن سي ابن انگيا، جنءَ سي چنيءَ چٽ
برسيو پاسي پٽ، پريائين کن کراڙ جا.

لطيف جي انهن لازوال ورجين جي استعمال ڪرڻ سان هڪ طرف سنڌي زبان پنهنجي جوبن ۽ جنسار سان دنيا جي دانشورن اڳيان مرڪندي نظر اچڻ لڳي. ٻئي طرف وري سنڌي عوام پنهنجي ٻوليءَ تي فخر سان ڳاٽ اوچو ڪري ۽ شاهه جي ڪلام کي پنهنجي ساڃاهه سمجهڻ لڳو. سچ ته اهي بنيادي ماخذ آهن. جن جي ڪري شاهه صاحب جو ڪلام لازوال صورت اختيار ڪري چڪو آهي.

## مددي ڪتاب

١. شاهه لطيف آف ڀٽ : ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي
٢. مقدمہ لطيفي : ڊاڪٽر گربخشاڻي
٣. سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف: ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر
٤. شاهه جو رسالو : علام محمد شاهواڻي
٥. سنڌي ادب جي تاريخ : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
٦. شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري: ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
٧. ٿر: مرتب، عبدالقادر منگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سلطانہ وقاصي

# شاھہ لطيف جون سورميون

شاھہ لطيف تي ڳالهائڻ يا لکڻ مهل سڀ کان پهرين جيڪي اهم ڪردار سامهون اچن ٿا سي آهن شاھہ جون سورميون...! شاھہ جون سورميون جيڪي جنس جي اعتبار کان عورتون آهن، انهن کي احترامن اسان جا ليکڪ ۽ نقاد سورميون چوندا آهن. سورمين جو لقب ڏيئي انهن کي عام عورتن کان متاهون ڪري ڇڏيندا آهن. هي اُهي عورتون آهن جن کي شاھہ لطيف پنهنجي وجود جي سچي پيار کي گڏ ڪري لکيو آهي. هي اُهي عورتون آهن جن مان ڪن شاديءَ کان پهرين يا شاديءَ کان پوءِ عشق ڪيو. ان سچي دؤر ۾ شاھہ جي حوالي سان تعليمي نصاب ۾ تبديلي گهٽ آئي آهي، اسان وٽ نصاب ۾ شاھہ جي هر ڪردار جو هڪ روحاني راز آهي، اُهي روحاني راز تخليق ڪندڙ اسان جا ليکڪ ۽ نقاد آهن. هي سڀ لکندڙ انهن کي روحاني رازن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمائي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ شاهہ لطيف جون سڀ سورميون هڪ پاڪ روح هيون. سورمو صاحب پاڪائي ۽ نيڪي جي راهہ ڏي ويندڙ رستو ۽ منزل آهي. ڪهاڻي ۾ رقيب جو ڪردار شيطان جو آهي جيڪو اُن پاڪ روح کي نيڪيءَ جي واٽ تي وڃڻ کان روڪي ٿو.

هڪ ڳالهہ جيڪا مان سمجهي نہ سگهي آهيان ۽ سمجهڻ چاهيان ٿي، اُها هيءَ تہ شاهہ لطيف کو خيال، تصو پنهنجي سُرن ۾ ڪم نہ آندو آهي. شاهہ جي سُرن جا سڀ ڪردار زنده، گوشت پوشت جا، دل دماغ رکندڙ ۽ پنهنجي وجود ۾ عشق ۽ محبت جا ڀرپور جذبا رکندڙ انسان هئا. اُهي ڪردار عاشق بہ آهن تہ معشوق بہ آهن، اُنهن عشق جي جولان ۾ اچي محبوب جي وصال جي تمنا ڪئي. محبوب جي جدائيءَ ۾ رڻ پٽ جهاڳيا، ويرن ۽ لهرن سان مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي محبوب کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر قسم جون شرعي ۽ غير شرعي ڪوششون بہ ڪيون... هاڻ اهڙن ڀرپور جذبا رکندڙن عاشقن کي روحانيت جي فلسفي ۾ ويڙهي پيش ڪرڻ ڪيتري حد تائين صحيح آهي...؟ عشق ۽ محبت بہ لطيف جذبا آهن. محبت تہ هر ڪنهن سان ڪري سگهجي ٿي. محبت ٿڌي مٺي ۽ ڪجهہ ڏيڻ وٺڻ واري هوندي آهي. محبت جي دائري ۾ انسان جي آس پاس رهندڙ فطري تعلقات، جن ۾ ماءُ پيءُ جي محبت کان وٺي اولاد جي محبت ۽ آس پاس رهندڙن جي محبت شامل ٿي وڃي ٿي. ها باقي عشق جولان آ، تپش آ، باهہ آ، بيچيني آ، شاهہ جي سيني ڪردارن عشق ڪيو آهي. پنهنجو وجود رکندڙن هنن سچن عاشقن شاهہ لطيف کي بہ موهيو. شاهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف پاڻ اُنهن جي ماڳن مڪانن تي ويو. اُت سڀ ڪجهه ڏسي ٻڌي اُنهن مان متاثر ٿيو ۽ پنهنجي شاعري ۾ اُنهن کي ڪم آڻي لازوال ڪري ڇڏيو

هاڻ مسئلو ته اِهو ٿي پيو آهي ته شاهه لطيف به بغير ڪنهن رعايت جي انهن قصن کي انهن ئي جذبن سان لکيو آهي. اسان جا ليکڪ ۽ نقاد شاهه لطيف جي اُن زنده شاعريءَ کان انڪار ته نه ٿا ڪري سگهن. هاڻ اُنهن اُن شاعريءَ ۾ تصوف، اسلام ۽ شريعت، طريقت کي وچ ۾ آڻي هڪ نئون روپ ڏنو آهي جيڪو اسان توهان سڀ پڙهون پيا.

سسئي، پنهونءَ کي ڳولهڻ لاءِ جهرجهنگ جهاڳي ٿي؛

سَڏر سين سڳَ ڪري، برڪندين پياس
ڪير برهمڻ؟ ڪن جي؟ ڪير ڄاڻي ڪيٿاس
هند نه سند سُياس، هُن پريين ڪيس پڌري.
(معذوري)

ڪونئرو به ڪيئن ته حُب مان ليلان کي چوي ٿي ته هڪ رات لاءِ چنيسر ڏيم ته هي نو لکو هار اُن تان گهوري توکي ڏيندس اها محبوب جي طلب جي انتها آهي؛

چنيسر جي چت ۾، ڪي جو اڳ هئو
تهان پوءِ ٿئو، مٿئي تي ئي مامرو.
(ليلان)

سسئي جو ڪردار هڪ لاغر ۽ ڪمزور عورت جو ڪردار آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪا جسماني طور ڪمزور هئڻ جي باوجود پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ، پرين تائين پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿي، شاهہ لطيف سسئي کي هڪ تمام مضبوط ارادي ۽ پڪي ڪردار واري عورت ثابت ڪري ٿو. شاهہ لطيف سسئي جي حوالي سان اهو چئي ٿو تہ مضبوط رهڻ، قوت ارادي تي ثابت رهڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ سان ٿي منزلون ماڻي سگهجن ٿيون. فهميده حسين پنهنجي ڪتاب "شاهہ لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ" ۾ لکي ٿي تہ "سسئيءَ جي پنجن ئي سُرن ۾ سسئيءَ جي ڪردار تي نظر وجهڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ شاهہ لطيف اُن کي اهڙي طرح اُڀاريو آهي جو هوءَ هڪ تمام وفادار پيار واري، بهادر ۽ اڏول عورت نظر اچي ٿي، جيڪا قسمت تي ياڙي ويهڻ بدران منزل ماڻڻ لاءِ ڪَشالا ڪڍي ٿي ۽ پنهنجي جسماني تڪليفن ۽ سورن کي اصل نہ ٿي ليکي."

ڪونئرو جو ڪردار ليلان چنيسر جي قصي ۾ تورو ڪمزور آهي. اهو ڪردار عورت جي جذباتي ڪيفيت جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن ۾ هڪ ڪنواري راجڪماري هڪ سهيلي جي چٽر تي چنيسر کي هٿ ڪرڻ نڪري ٿي ۽ اُن سان هڪ رات گڏ رهڻ جي خواهش ڪري ٿي. ليلان جي ڪمزوري هئي مٽيا موتي ۽ هار سينگار. چنيسر سندس چاهہ ۾ چريو هو. چنيسر پاڻ بہ هڪ خوبصورت نوجوان ۽ واڳ ڌڻي هو جنهن جي لاءِ لکيو ويو آهي تہ "سيڪا سهٽي عورت چنيسر جي سهاڳ جي طمعدار رهندي هئي" هي لکي، تاريخ دانن ۽ مؤرخن عورت جي ڪردار کي هن ڪهاڻي ۾ ڪمزور ڪيو آهي. پر ان حقيقت تي بہ نظر وجهڻ گهرجي تہ چنيسر ليلان سان بہ عشق مان


Scanned with CamScanner

شادي ڪئي هئي. ليلان طبعيت جي ارڏي به هئي هوءَ پنهنجين سهيلين سان محفلون مچائيندي هئي. اُن کي پاڻ تي ۽ چنيسر جي پيار تي اعتماد هو. حالانڪ هن سرُ ۾ ليلان جي ڪردار کي ڪافي نِنديو ويو آهي ۽ ڪونئرو ۽ چنيسر جي ڪردار کي وڏايو ويو آهي. اهڙين حالتن ۾ ڪونئرو اڪڙيون پائي چنيسر کي ريجهائي ٿي ۽ نچندي ڳائيندي اڳتي وڌي ٿي ته اُن ويل چنيسر جو اِهو چوڻ ته "اي نازنين گهونگهٽ کولي منهن ته ڏيکار، پڪ اٿم ته جهڙو آواز منو اٿئي تنهن کان وڌيڪ منهن منو هوندءِ" هاڻ چنيسر جو جيڪو ڪردار سامهون اچي ٿو سو عام رواجي عياش بادشاهه جو آهي، جيڪو هر ڪنهن تي پنهنجو هينئون هرڪائي ويهي ٿو رهي ۽ عورت ناداني ۾ هڪ غلطي ڪري سڄي عمر ليلائي ليلائي مري ٿي وڃي.

سهڻي جي ڪردار تي ڪُلي لکڻ ڪان ٿورو ڊپ لڳندو آهي. سُهڻي ميهار جي عشق ۾ سڀ حدون لتاڙي ٿي وڃي. سهڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن اُن جي شادي زوري ڏم سان ٿيندي آهي ۽ جڏهن مان اهو پڙهندي آهيان ته سُهڻي دعا گهري ٿي ته اُن جو ست سلامت رهي ۽ اُها پاڪ دامن رهي ۽ ڏم جيڪو سندس نڪاح ٻڌو مڙس هو سو اُن جي ويجهو ئي نه آيو ته اها ڳالهه منهنجو ذهن تسليم نه ڪندو آهي. مان سوچيندي آهيان ته جيئن ته سهڻيءَ جو عشق ميهار سان هو ۽ ڏم سان شادي جي حالت ۾ سهڻي پاڻ کي ايڏو مضبوط رکيو جو ڏم اُن جي ويجهو ئي نه اچي سگهيو. هڪ عورت جي همت ڏسو ته نڪاح ٻَڌي مڙس کي ويجهو اچڻ نه ٿي ڏي ۽ پنهنجي محبوب ميهار سان ملڻ لاءِ درياهه پار ڪري ٿي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه لطيف به سهڻي کي روڪي ٿو، سمجهائي ٿو ته سهڻي اهڙو ڪڏو ڪم نه ڪر:

متان گهڙين سُهڻي! اڄ درياهه ۾ ٿئيُ دم
ڪاري رات ڪُنن ۾، ڪهڙو اٿئي ڪم؟
متان جاڳئي ڏم، پُچي پاڙي واريين.

سهڻي ڪيئن نه جواب ڏئي ٿي:

پڇي پاڙي واريون، ڪوه ڪريندو ڏم؟
ڪاري رات ڪُنن ۾، آه ڪاٽيارن ڪم
هي هڏ ۽ چم، گهورئو محب ميهار تان.

شاهه لطيف جي هنن سورمين ۾ سهڻي اُهو واحد ڪردار آهي جنهن ڪنواري هوندي ڪان وٺي شادي ڪرڻ تائين پنهنجي محبوب سان عشق جاري رکيو. هن ئي ڪردار ۾ بيباڪي آهي. شاهه جي ٻين سيني سورمين جا محبوب اُنهن جا مڙس آهن. هنن سيني ڪردارن ۾ مرد گهايل نظر تا اچن ۽ عورتون شاديءَ کان پوءِ انهن کي محبت جي موٽ ڏين ٿيون. وڇڙي وڃڻ جي صورت ۾ يا تڪليفن جي وقت هو پنهنجي محبت ۾ سچيون آهن.

سهڻيءَ کي دنيا جا طعنا، مهڻا، ڏم جون ڏنل تڪليفون، پاڻيءَ جي دهشت جو ڊپ ڪا به اهميت ڪانه ٿا رکن. اهو به ڏسو جڏهن سُهڻي ٻڏي پئي، رڙيون ڪري سڏي پئي ميهار کي مدد ڪرڻ لاءِ، اُن وقت ميهار تڙ تي بيهي ميربحرن ۽ ٻيڙين وارن کي منٿون ڪرڻ ۾ پورو هو ته سهڻي کي بچايو. پاڻ ۾ شايد اها همت نه هئس جيڪا سهڻي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي. سهڻيءَ تي الڳ، شاهه لطيف جي شاعري کي سامهون رکي حوالا ڏئي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو ۽ اسان جي لکندڙن لکيو به آهي. خاص ڪري ان وقت جڏهن سهڻي ڏمر جي گهر مان پنهنجي محبوب ميهار سان ملڻ لاءِ نڪري ٿي ۽ شاهه لطيف اُن کي سمجهائي ٿو ته سهڻي اهو ڪڏو ڪم نه ڪر. جواب ۾ سهڻي پنهنجون مجبوريون ٻڌائي ٿي. اِهي مجبوريون عورت جي جذبن جي حوالي سان هونديون آهن. هڪ ته ڏمر وٽي ڪونه ٿو، وري ڏمر ستو پيو آهي ۽ ميهار جاڳي پيو. اُن حالت ۾ عورت پنهنجا جذبا ڪٿي ڪنهن وٽ ويندي؟ اهو سوال شاهه ڪيو ۽ سهڻي جواب ڏنو. آخر شاهه لطيف سهڻيءَ جي جذبن کي اهميت ڏئي ٿو.

مارئي جو ڪردار شاهه جي سورمين ۾ سڀ کان مٿاهون ڪردار آهي. هڪ عام رواجي وارياسي ملڪ جي عورت جيڪا وقت جي حڪمران کي ٻي وس ڪري ٿي ڇڏي. مارئي جي ڪردار ۾ به اُها ئي عورت سامهون اچي ٿي جنهن جي مضبوط ڪردار جي اڳيان مرد ٻي وس ٿي ٿو وڃي. جهڙي طرح سهڻي نه چاهيو ته ڏمر اُن جي ويجهو اچي اهڙي طرح مارئي جي همت به عمر کي ٽوڙي وڌو. ڪي مؤرخ عمر جي ڪردار جي واکاڻ ڪندا آهن پر هو اهو نه ٿا سوچين ته عمر به عام رواجي عياش بادشاهه هو جيڪو مارئي جي حسن جي هاڪ ٻڌي اُن جي علائقي ۾ اچي اُن کي ڪٺائي ويو. مارئي جيڪا اڳ ۾ کيت سان مڱيل هئي عمر سومري جي هر آڇ کي رد ڪيو. اُن جي زيادتين کي به برداشت ڪيو. جيڪڏهن مارئي ثابت قدم نه رهي ها ته ڇا عمر جو ڪردار اهڙو ئي هجي ها جيڪو اڄ جي تاريخ ۾ آهي؟ ڇا مارئي جي اها

ئي اھميت ھجي ھا جو شاھ لطيف اُن کي ڳائي زنده جاويد ڪري ڇڏيو:

جي لوڻ لڳين لائين، ڇيري ڇيري ڇم
مون ڪر اڳي نہ ڪئو، اھڙو ڪوجھو ڪم
جان جان دعوي دم، تان تان پرت پنھوار سين سين.

—

ڪرئو مهاڙ ملير ڏي، اُيبائي آھي
جا مٽي ڏنيس مارئين، سا لوئي نہ لاھي
سومرا ساھي، ستي وجهہ مَ سنگھرون

شاھ لطيف ھت عورت جي مضبوط ڪردار سان گڏوگڏ پنھنجي وطن، پنھنجي جاءِ، پنھنجي گھر ۽ اُتان جي لباس، ڪاڏن، وٿن، ٻوڙن، جانورن، سيني جو پيار ڏيکاري ٿو. مارئي جي زباني پنھنجي غريب مارن جون جڏھن موسمن آھر ڪِرتون شاھ لطيف ٻڌايون آھن اُن مان پنھنجن ماڻھن لاءِ اتان جي زمين لاءِ محبت جي انتھا آھي. عمر جا سڀ سکَ، اُن لاءِ ھيچ آھن. محل ماڙيون ڪا اھميت ڪانہ ٿيون رکن. مارئي جو ۽ نوريءَ جو ڪردار شاھ لطيف جي شاعري ۾ اسان جي معاشري جي نند وڏائي جي عڪاسي ڪري ٿو. حالانڪ شاھ لطيف جون ٻيون سورميون راجڪماريون ۽ وڏ گھرائيون آھن. مارئي ۽ نوري کي ڇڏي شاھ جي ٻين سورمين ۾ ڪي اُوڻاھيون بہ آھن. شاھ لطيف ھر طرح سان انھن جي خوبين ۽ خامين کي نروار ڪيو آھي. پنھنجي ڪيل ڪوتاھين ۽ غلطين مان ڀوڳيندڙ سورميون جيڪي وڏ گھرائيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن، انهن جي مقابلي ۾ مارئي ۽ نوري جو ڪردار تورو مختلف آهي.

هاڻ ڏسو نوريءَ کي. نوري سچ پچ ته شاهه جي سورمين ۾ واقعي نور آهي. نوري ڏاڍي سهڻي هئي: نوري چاهي ها ته پنهنجي حسن تي ناز ڪري سگهي ها. ڇو ته فرق به ته زمين آسمان جو هو. ڪٿان اُهي مهاڻدن ۾ ڪارا ڪوجها، لڏڻ وانگر پاڻيءَ ۾ تڙڳندڙ مهاڻا جن کي ڏسڻ سان ئي ڪراهت پئي وئي. اهڙي جوڀن واري نوري تي جڏهن وقت جي حڪمران جي نظر پوي ٿي ۽ هو سڀ ويچا وساري ان تي مفتون ٿئي ٿو. هي سماج جت هڪ ورسايل طبقو آهي ته ٻيو محروم طبقو آهي. اُن محروم طبقي مان هئي نوري جيڪا وقت جي حڪمران جي نظرچڙهي ويئي. نوري ۽ مارئي جي ڪردار ۾ تورو فرق آهي. مارئي ڪيت سان منگيل هئي ۽ عمر سومرو اُن کي زوري کڻي آيو هو. نوري جيئن ته ڪنهن جي نالي تيل نه هئي ۽ اُن جو رشتو مائٽن خوشيءَ سان قبول ڪيو. جي نه قبول ڪن ها ته ڇا ٿئي ها اُها به مارئي وانگر ڪجهي وڃي ها ۽ غريب مهاڻا مارئي جي مائٽن وانگر روئي پٽي صبر ڪري ويهي رهن ها. اهڙين حالتن ۾ نوري وٽ سواءِ صبر جي ۽ ڪنڌ نوائڻ جي ٻيو ڇا هو. ڄام تماچي گهٽين راڻين جو راڻو هو يقيڻ اُهي به سهڻيون هونديون. پر وري به هو نوريءَ جهڙي مهاڻيءَ تي عاشق ٿي پيو. اهڙا ڪردار اسان جي معاشري ۾ پئسي وارا، دولت جي انڌ ۾ سڀ ڪجهه ڪرڻ وارا اڄ تائين اوهان کي نظر ايندا. نوريءَ جو نِياز، نِوڙت پنهنجي اصليت نه وسارڻ پنهنجي جاءِ تي يقيڻ اهم آهي پر اهڙين حالتن ۾ نوري ڪري به ڇا پئي سگهي؛

تون تماچي تڙ ڌڻي، آئون مهاڻي مي

مون ڏهاڳ َمر ڏي، آئون جي نالي سيِّسِ تنهنجي.

يقين جام تماچي، نوريءَ سان سچو عشق ڪيو، نوريءَ بہ پنهنجي پيار جا جذبا ظاهر ڪيا آهن. هوءَ پنهنجي وَرَ لاءِ پيار مان، پرين، سُپرين ۽ اکين ٺار جهڙا لفظ استعمال ڪري ٿي

آهين ٺار اکين جو، وٺان مون نہ وڃيج
تماچي! تڳيج ڪو، ڏينهن ڪينجهر ڪنڌئين.

نوري جنهن انداز سان تماچيءَ کي موهيو. اُن ئي مان ئي نوريءَ فائدو بہ ورتو. جيڪڏهن هوءَ پاڻ مٽائي وجي ها تہ شايد اُهو رتبو حاصل نہ ڪري سگهي ها. نوري اُهو ڪردار آهي جنهن جي شاهہ لطيف دل کولي واکاڻ ڪئي آهي ڪٿ بہ نوريءَ جي ڪردار کي گهٽ نہ ڪري سگهيو آهي.

مومل جو ڪردار حسن ۽ عشق جي علامت آهي. شاهہ جون سڀ سورميون سهٽيون آهن پر لڳي ٿو تہ مومل مڙيئي سيني کان سَرسِ هئي. شاهہ لطيف مومل جي سُونهن ۽ اُتان جي ماحول جي سونهن جي عڪاسي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪئي آهي:

مومل ڪي مجاز جا، اکين ۾ الماس
مومل ڪي مِجاز جا، اکين ۾ آنبور
ڳجر ڪي ڳجميل جون، ٽارن ۾ تبرون.

مومل جي حسن پٺيان ڪيترا ڪونڌر ڪُسجي ويا. طلسمي ڪاڪ محل ٺاهي مومل جو هار سينگارِ ڪري جلوو پسائڻ، بي انداز دولت گڏ ڪرڻ جو هي طريقو ڪجهہ اَڻ وڻندڙ آهي. وري سومل جو

مومل سان پڪ پاڻي سمهڻ وارو عمل ڏسي راڻو بجاءِ جو هڪ ڏڪ هٽي ٻنهي کي پورو ڪري ها صرف لڪڻ رکي وڃڻ ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي. هت اهو ٻڌايو ويو آهي ته مومل جي موهٽي صورت ڏسي راڻي جي همت ڪا نه ٿي. معنيٰ سهٽيون صورتون غيرتن تي حاوي ٿي ٿيون وڃن. حالانڪ اسان جي سنڌي معاشري ۾ اها ڳالهه نه آهي. وري به شاهه لطيف مومل جي ڪردار کي مٿيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مومل جيڪا راڻي جي جُدائيءَ ۾ ڀيڻ کي مردانا ڪپڙا پارائي ٿي چو ته ڪيس اها ڄاڻ هئي ته هوءَ اڪيلي آهي. راڻو ته اڪيلو ٿي ڪو نه ٿو سگهي چو ته اُن وٽ ٻيون ڪيتريون ئي زالون آهن. ان ڪان پوءِ راڻي کي ڳولهڻ ۽ ڳالهه کي سُلجهائڻ ۾ به مومل اڳري آهي:

ميان ميندرا موٽ، بخش ڪر ٻُڄائيون
تون گهٽين جو گهوٽ، مون ور تون هين هيڪڙو.

راڻي جي ڪردار جي ٻين مرد ڪردارن سان جيڪڏهن ڀيٽ ڪجي ته هو هڪ ڪمزور ڪردار آهي. ٻين ڪردارن ۾ هو سڀ پنهنجي سورمين کان حالتن جي تحت يا زوري جدا ڪيو ويو هو پر راڻو مومل کي حاصل ڪري موٽي وڃي ٿو ۽ پوءِ شڪ جي بنياد تي اُن کان الڳ ٿي ٿو وڃي. اُهو شڪ به راڻي جو اُن ڪري پختو ٿئي ٿو ته اُن کان اڳ مومل جي ڪاڪ محل ۾ پاڻ پسائڻ جي عام دعوت ۽ هرڪائڻ ته جيڪو به اُڪري پار پوندو مومل اُن جي هوندي پوءِ ڪيترا عشق جي دعوت پنيان مري مات ٿيا.

هلو هلو ڪاڪ ٽڙين، جتي گهڙجي نينهن
نڪا رات نه ڏينهن، سڀ ڪو پسي پرين کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه لطيف جون اُهي سورميون جيڪي راجڪماريون آهن اُنهن ۾ ڪوڙو شان آهي. ليلان ۽ مومل ٻئي مٿين طبقي سان تعلق رکن ٿيون ۽ پنهنجي قول عمل ۾ پوريون ڪين ٿيون پون. تڏهن ٿي اُنهن کي ڏهاڳ ڏسڻو ٿو پوي.

شاهه لطيف جهڙي طرح هنن سورمين جا ڪردار ڪٺي شاعري ڪئي آهي اُن ۾ سڀ کان وڏي خوبي اِها آهي ته شاهه لطيف شروع واري ڪهاڻي ۽ اُن جي پڄاڻيءَ جو ذڪر بلڪل ڪونه ڪيو آهي. اُن ڪهاڻيءَ سرو اُتان پڪڙيو آهي جت جدوجهد، پاڻ آرپڻ، ڪجهه حاصل ڪرڻ جي تمنا آهي. شاهه لطيف اِها جدوجهد جاري رکڻ جي تلقين ڪري ٿو اُن ڪري اُن گهڻين ڪهاڻين جي پڄاڻي ڪونه ڪئي آهي. شاهه لطيف جو اهو فلسلفو ته

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوت

هڪ زنده علامت آهي. اُميد جا روشن ڪرڻا آهن. جيڪڏهن شاهه لطيف به انهن ڪهاڻين جو انت ڪري ڇڏي ها ته شايد اُهو اميد جو سبق جيڪو شاهه لطيف ڏيڻ ٿو چاهي باقي نه رهي ها. ڪهاڻين جو اِهو انت جن ۾ موت ٿي فنا آهي شاهه لطيف اُنهن جو ذڪر نه ڪيو آهي. شاهه لطيف زندگيءَ جو، خوشين جو ۽ سونهن جو شاعر آهي اُن ڪري ٿي ته پيار ۽ محبت جي ڪڙيءَ ۾ ڪردارن کي ٻڌي زنده جاويد ڪري ويو آهي.

سحر امداد

# لطيف ـ هڪ مَسيحا ـ صِفت شاعر

لطيف سائين جڏهن زندگيءَ کي مري جِي ڏنو آهي. تڏهن هئي هو جانب جي جمال کي پسي سگهيو آهي:

"مري جيءُ تہ ماٺيين، جانِبَ جو جمالُ"

اهو جمال جو هر هنڌ ۽ هرجا موجود آهي. حق موجود سدا موجود! حسن، جنهن جي تلاش عشق، زمين ۽ آسمانن تي ڪري ٿو.

پر جنهن جو سُراغ انسان جي اندر مان ئي ملي ٿو:

"مون ۾ آهين تون!"

زندگيءَ جي ان اونهي آسرار تائين رسڻ ـ هڪ انتهائي ڏکيو ۽ صبر طلب ڪم آهي ۽ هڪ سچو صوفي ئي ان اسرار تائين رسي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي جا گهڻ - رنگي ۽ گهڻ - روبي آهي ۽ انتهائي پيچيده ۽ ڳُوڙهي آهي. اُن ڳُوڙهي زندگيءَ جي ڪنور سچاين تائين پهچڻ هڪ ڪٺن ڪم ضرور آهي. پر ناممڪن ناهي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪمال اهو آهي تہ، هن جي شاعري زندگي وانگيان ئي گهڻ - رُوبي، گهڻ - رنگي ۽ ڳُوڙهي آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن اهائي زندگي شاهه لطيف جي واين وانگيان بيحد سادي، پر بيحد پُرڪشش ۽ بيحد سُريلي آهي. ان ڪري شاهه لطيف جي شاعريءَ کي سمجهڻ لاءِ، خود زندگيءَ کي سمجهڻو پوندو.

زندگي جا هڪ خوبصورت ڳجهارت آهي. بظاهر ڏاڍي ڏکي، پر دراصل ڏاڍي آسان - بس رڳو ان ڳجهارت کي ڀڃڻ جو ڏانءُ اچي.

جيئن سمنڊ جي پاتار ۾ پيهي، موتي ميڙيا آهن، تيئن ئي لطيف سائين بہ زندگيءَ جي اونهي سمنڊ ۾ ٽُبي هنئي آهي ۽ موتي ميڙيا آهن. هن زندگيءَ کي ان جي تضادن مان سمجهيو آهي. هن جيئڻ جو سُراغ مرڻ مان پاتو آهي:

"اُوچو اُتاهون گهٽو، جيئڻ کي جبل،
مرڻ مون سين هلُ، تہ پٺيءَ تو پند ڪيان."

ٻک، ڏک، سک، لُڙڪ، مُرڪ، نفرت، محبت، ڏُڪار، سُڪار، خوشي، غمي، سُونهن، آسونهن، جيئڻ، مرڻ، سِڪڻ، سُوري، ڏونگر، ڏير، ڏم، موکي، مَڌ، ميهار، راڻو، لِيلا، مومل، منگتو ۽ ڏاتار، ڪُونو ۽ ڪربلا. اهي سڀ هن زندگيءَ جا استعارا آهن. استعارن جي اِن جهنگ مان اصل زندگيءَ تائين شاعر جي پُهچ حيران ڪُن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رومينٽڪ آهي ۽ لطيف سائينءَ اهو ڪمال انتهائي خوبصورتيءَ سان ڪيو آهي. هن تضادن سان پريل ان ڳُونا ڳُون زندگيءَ کي رنگا رنگ ڪُوزن ۾ پري، اسان آڏو پلٽي ڇڏيو آهي ۽ اسان جي اکين ۽ احساسن آڏو هڪ رنگا رنگ اندلٺ تاڃيو وڃي.

لطيف سائينءَ جي شاعري گهڻين ۽ مختلف شين جو امتزاج آهي. هن جي شاعري سچ ۽ سُونهن جي ڳولا آهي. هن وٽ سچ سوين روپين ۾ موجود آهي. پر هو هر روپ ۾ موجود ان سچ تائين سِڌو وڃي ٿو. سوريءَ واري واٽ وٺي. هن وٽ سُونهن جا پڻ سهسين رووپ آهن، سَروپ آهن. هن وٽ سُونهن فقط صورت جي سُونهن ناهِي:

”صُورَتَ گهڻا سُهڻا، تاڻا سندن ٿُوهَ،
ريلو ڏِيئي رُوحَ، جو ڪائي سو ڪامِي مَري!“

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۾ گهرائي آهي، جذبن ۾ سچائي آهي، احساسن ۾ ترنم ۽ نغمگي آهي. لطيف سائينءَ اسان آڏو سنڌ جا اهي عڪس چِٽي ٿو، جن کي هن ڏٺو ۽ ماڻيو آهي، ۽ جن کان هن جا ٻڌندڙ پوريءَ ريت مانوس آهن. لطيف جو عاشق زهر پياڪ آهي، ۽ هن جو پرين هميشه حُسناڪ آهي، ۽ گلاب جهڙا ويس ڍڪي ٿو، چندن سان چوٽا واسي ٿو. جو پنئور ٻه پنيولجئو اچن، لطيف وٽ سِڪڻ ۽ سوري ڀٽي اکر هيڪڙي آهن، لطيف جي ديس ۾ ويچ ڪُويچ آهي، ڏڏ ڏنيي ٿو، ڪائو ڪچ اگهامجي ٿو ۽ سچ ويچارو لجائجي ٿو، جيئڻ جُلُن آهي، ترڻ مرڻ آهي، وچان ورڻ ڪار ناهي، سمنڊ سُرڪ ٻه ناهي، سون سوءِ آهي، لوئي لڄ آهي، جتي سُور شاخون تا مُنجن، ۽ ڏاگها، ڏير ۽ ڏونگر ٽيئي ڏکوئين تا، جتي ڪامڻ، پچڻ، پڃرڻ، لچڻ ۽ لوچڻ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جا جيترا به موضوع آهن. سماجي، مذهبي، اخلاقي، ناصحانه، فلسفيانه. انهن سڀني گونا گون رنگن مان هڪڙو رنگ هر حال ۾ حاوي آهي. اهو آهي "عشق" جو رنگ. مان جيڪڏهن ائين چوان ته: "عشق" اهو محور آهي، جنهن تي لطيف سائينءَ جي سموري شاعري ڦري ٿي. ۽ شاهه لطيف جي لفظن ۾ ان کي ائين چئي سگهجي ٿو ته:

"پي پيالو عشق جو، سيڪي سمجهيو سون"

لطيف سائين جڏهن چئي ٿو ته: "سيڪي سمجهيو سون" ته ان "سيڪِي" ۾ زندگيءَ جو مڪمل وهنوار اچي ٿو وڃي ۽ لطيف سائينءَ کي اهو "سيڪي عشق" سيکاريو آهي، اهو عشق جيڪو راند ناهي!

"عِشقُ نہ آهي راند، جو کيڏنس ڳيرو،
سَسي نيزي پاندِ، اُجل ته اڏ ٿئي."

۽ اهوئي عشق جو معراج آهي!

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ وٽ عشق جا ٻه روُپ آهن: ڪومل ۽ تِيور يعني:

"سِر ڏونديان، ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڏونديان سر ناهي!"

عشق جو اهو چِٽو، تيز ۽ تکو رنگ لطيف سائين جي ٽن سُرن (١) سرُ ڪلياڻ ـ يَمن ڪلياڻ (٢) ۽ سر ڪيڏارو ۾ ملي ٿو. انهن ٽنهي ۾ رت جو رِتو رنگ ئي عشق جو رنگ آهي. هتي ڪُسڻ قرار آهي، سوري چڙهڻ: سيج پسڻ آهي، اصل عاشق پنهنجي سِسي ٽنا سانديين ۽ پاونگ اُيو پڙ ۾ آهي ۽:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ڪَرنِ ڪَندَ نَچَنِ" رِڻ گجيو راڙو ٿيو"

واري ڪار آهي. پر لطيف وٽ رڳو اهو: هڪڙو تيز ۽ تکو رنگ ئي ناهي عشق جو. پر ڦڪڙو ڪومل: نرم، ملائم، نازڪ ۽ نفيس رنگ بہ آهي. عشق جي رنگ ۾ رتل لطيف سائينءَ جا گهڻي ڀاڱي سيئي سُر خوبصورت آهن. پر انهن سُرن ۾ "بروو سنڌي" خوبصورت ترين آهي.

نندي ڪنڊ جي سمورن شاعرن وٽ عشق هڪ وجداني ڪيفيت آهي. جنهن ۾ گم ٿي، صوفيءَ جي دل هن دنيا کان دُور ٿي ٿي وڃي ۽ هو محض "هڪ هستيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿو. پوءِ اها هستي مجازي هجي، ڪين حقيقي! اها وجداني ڪيفيت صوفيءَ جي دل جي تارن کي ڇيڙي ٿي. ۽ هن جي وجود کي روشنين ۽ خوشبوئن سان واسي ٿي ڇڏي. اهائي وجداني ڪيفيت شاعر جي اکر اکر مان اوتجي ٿي:

"نازَ منجها ران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پندُ،
يُون پڻ بسم الله چئي، راهَ چُمي ٿي رندُ،
اُيون گهڻي ادب سين، حُورون حيرت هندُ،
سائينءَ جو سوڳند، ساڃن سينڌان سهٽو."

لطيف سائين سنڌيءَ جو اهو پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي ان جي تمام تر نزاڪتن ۽ نفاستن سميت سماجي، ثقافتي، اقتصادي، مذهبي، صوفياڻي ۽ شاعراڻي اظهار واسطي انتهائي خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو آهي. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خيال، احساس ۽ لئي (ترنم، نغمگي، غنائيت ۽ موسيقيت) جو رلمل رنگ آهي ۽ توهان انهن ٽنهي مان ڪنهن به هڪ رنگ کي ڇني ڌار نٿا ڪري سگهو. بلڪل ائين ئي جيئن آڪاس ۾ جمي ويل، مينهن ڦڙن مان منعڪس ٿيندڙ روشنيءَ جا رنگ، توهين الڳ الڳ پڪڙي ۽ پکيڙي نٿا سگهو. ائين ئي لطيف سائينءَ جي شاعري سمورن گڻن ۽ سمورين خوبين جي ائين آميزش آهي جو اسين جي چاهيون به ته انهن کي الڳ الڳ نٿا ڪري سگهون. ها انهن کي پرزم (Prism) مان گذاري، انهن جو لطف ضرور ماڻي سگهون ٿا. انهن کي الڳ الڳ نالا ۽ سڃاڻپ ڏيئي سگهون ٿا. پر مڪمل الڳ نٿا ڪري سگهون ۽ پرزم (Prism) هٽائڻ ڪانپوءِ اهي ائين ئي هڪ آهن. جيئن روشنيءَ ۾ سمايل ست رنگ!

انهن ستن رنگن مان ڪهڙو رنگ انتظار جو به آهي ۽ انتظار جو ايڏو مڌر اظهار ورلي ئي ڪنهن شاعر ڪيو هوندو:

”اچين جي هيڪارَ، مونَ سارينديِ سُپَرين،
پيرين ڏريان پنبڻيون، هنڌ وڇايان وارَ،
ساڄن سپ ڄمار، هوند گولي ٿي گذاريان.

لطيف سائينءَ جي شاعري محض خوبصورت ، ٺهڪندڙ، مُنديءَ تي ٽِڪ جيان جڙيل لفظ ناهي، لفظن جي تجنيس (Alliteration) جو بي پايان حسن، قافين جي خوبصورتي ۽ گوناگوني (Variety) ئي رڳو لطيف جي شاعريءَ جو مضبوط محور ناهي، رڳو، محض اونها، عميق، نازڪ، نفيس احساس ئي لطيف جي شاعري ناهن. بلند، اعليٰ، ارفع، اوچا آدرش، خيال ۽ تصور ئي رڳو لطيف جي شاعري ناهي، غربت اٿوند، ٻُڪ، اُڃ، ٽِنل، ٻگل، پريل، چڪيل، پگهريل ۽

جهُريل غربت ۽ جهُريل، محض ان عوامي رنگ جي چِٽسالي ۽ ان جو چچريل اظهار ئي رڳو لطيف جي شاعري ناهي تصوف جون رمزون، نکتا، باريڪيون رڳو ان جي اظهار جي ڪري لطيف، لطيف ناهي. حسن جي هاڪ، عشق جيءُ اُساٽ ئي محض لطيف کي لطيف نہ ڪيو آهي. زندگيءَ جو ترنم، موسيقي، نغمگي، رواني، آهنگ، غنائيت جو جادوئي لطيف کي لطيف نٿو ڪري. پر انهن سمورن گُڻن، وصفن، خوبصورتين، نزاڪتن، نفاستن، اوچاين، گهراين، انوکاين ملي لطيف جي شاعريءَ ۾ اهو لطف پريو آهي. جو اڄ هو اسان جو اَملهہ ورثو آهي.

لطيف سائين جي شاعريءَ ۾ ٻين گهڻن ئي تضادن جيان جبر ۽ صبر بہ گڏوگڏ هلندا آهن. زندگيءَ جو ارٿ سمجهڻ لاءِ جبر ۽ صبر جي سِير مان گذرڻ اَڻ ٽر آهي ۽ ائين هڪ سچي سالڪ جي زندگيءَ ۾ بار بار ٿيندو آهي. دلبر جي دل جون بند طاقيون ڪڏهن ڪڏهن کلنديون آهن ۽ ڪڏهن تہ:

"ڪڏهن طاقيون ڏينِ، ڪڏهن کُلن دَرَ دوستن جا،
ڪڏهن اچان، اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نينِ،
ڪڏهن سِڪان سَڏَ کي، ڪڏهن ڳُجها ندرَ ڳرهينِ،
اهڙائي آهينِ صاحب منهنجا سپرين."

شاهہ لطيف جي شاعري "عشقيہ تصوف" جي ان رنگ ۾ رتل آهي. پرين جنهن کي "پرواهہ" آهي بہ پر جو "بيپرواهہ" بہ آهي. "رب" جيڪو "رحيم" آهي، تہ "قهار" بہ آهي. رب العالمين جي ذات جيڪا خود بہ تضادن سان عبارت آهي. اهيئي سمورا تضاد لطيف سائينءَ جي "پرين - سپرين" جي سڃاڻپ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ڪونَي ڪُنائون، اڄ پڻ اڪرين سين،
ماسڻ وراهي هليا، ڪَرَ نگل ڇڏيائون،
وتواصوباالحق وتواصوباالصبر، ائين اُتائون،
مٿِي ماريائون، ڪلي ڳالهايو سچڻين."

لطيف سائينءَ جي ڪلام جو انتهائي اهم ڪمال هيءُ آهي تہ هو زندگيءَ جي ڌنڌل واڻائل عڪسن ۽ منظرن کي اسان آڏو نون ۽ نکور رنگن ۾ چِٽي ٿو، هو بيحد عام ڳالهين مان بيحد خاص ڳالهيون ڳولي ڪڍي ٿو، جيئن هن بيت ۾ ڪُنڌي مينهن جي ڪُنڊن سڱن مان لطيف سائين ڪيڏي نہ خوبصورت معنيٰ پيدا ڪئي آهي ۽ زندگيءَ جو ايڏو گهرو مشاهدو ئي دراصل هڪ شاعر جو ڪمال آهي تہ هُو بِنهہ عام ڳالهين مان خاص ڳالهيون ڳولي ڪڍي ٿو:

ڪي اوڏائي ڏورُ، ڪي ڏور بہ اوڏا سُپَرين،
ڪي سنيرجن نہ ڪڌهن، ڪي نہ وسرن مُورُ،
جڻ مينهن ڪنديءَ پُورُ، تڻ دوست وراڪو دل سين."

لفظ جي قوت جو اندازو، لطيف سائين کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن بہ شاعر کي ناهي. هو لفظن جو پارکو آهي ۽ ٻول جو مول ڄاڻي ٿو. ان ڪري ئي هو لفظن کي سڪٽي مٺل ۽ بي روح لفظ وانگيان استعمال نٿو ڪري. هو بي معنيٰ ۽ مئل لفظن ۾ روح ڦوڪڻ جي مسيحائي صفت رکي ٿو. اهوئي سبب آهي جو لطيف سائين، ڪنهن بہ اونهي ۽ عميق جذبي کي لفظن جو لباس پارائيندو آهي تہ، اها سِٽ ان لباس مان پاري جيان ڦٽڪندي محسوس ٿيندي آهي.

ان ۾ ڪو وڌاءُ ناهي تہ سنڌي ٻولي هڪ گَٿاٿي ٻولي آهي ۽

ان ڳتائتي ٻوليءَ جي سمورن ڳڻن کي شاهه عبداللطيف جهڙي ڳڻوان شاعر ئي نه رڳو پرکيو ۽ پروڙيو آهي. پر ورتايو به آهي. هو زبان (ٻوليءَ) کي گلاب جي پنکڙيءَ جي نزاڪت عطا ڪري سگهي ٿو.

• جذبن کي سمنڊ جي گهرائي ۽ احساسن کي سُريلا سُر بخشي سگهي ٿو ۽ ائين هو جذباتي بيخوديءَ جي انتها ماڻي ٿو:

”جڏها نڪر تيامِ، ساڃاهه سُپيرين سين
تڏهانڪر تِر جيترو، ويرَ نه وِسريامِ
اندر رُوح رَهيامِ، سَڄڻ اوطاقون ڪري“

عشق جو لاڳاپو جسم سان نه، پر رُوح سان آهي ۽ لطيف سائين پنهنجي روح جي وسعتن اندر زندگيءَ جو طويل ترين سفر ڪيو آهي ۽ ان سفر لاءِ هن سُرن کي پنهنجو ساٿي ڪيو آهي. ائين شاعر جي سچ ۽ سونهن جي تلاش سُريلن سُرن وسيلي جاري ٿي رهي. لطيف سائينءَ سچن انساني جذبن ۽ احساسن جي سموري سونهن کي پنهنجين • ”سون سريکين سٽن“ ۾ پلٽڻ لاءِ سُر کي ”الهامي سُر“ ۾ بدلائڻ جي سگهه رکي ٿو!.

”ڪڏهن ڪونه تيومِ، آثارو عشق جو
محبوبن مِنٿون ڪري، سِڪڻ سيکاريومِ
تهان پوءِ تيومِ، پَسڻ پرين جو.“

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

# شاهہ عبداللطيف رحہ ۽ مولانا رومي رحہ

شاهہ عبداللطيف رحہ جي رسالي ۽ مولانا جلال الدين رومي رحہ جي مثنوي ۾ پنهنجي وقت جي ماڻهن جي اصلاح جو پيغام ملي ٿو. هڪ عجيب اتفاق اهو آهي تہ شاهہ جي رسالي جو قلمي نسخو جيڪو ١٢٠٧ هہ ۾ لکيو ويو هو ان جي شروعات هن بيت سان ٿئي ٿي:

وَڍيلِ ٿي وايُون ڪري، ڪُنَلِ ڪُوڪاري
هُنَ پَنَ پنهنجا سارِيا، هيءَ هَنجُون هَڏن لڳ هاري.

مولانا جلال الدين رومي رحہ جي مثنوي جي وري هينين بيت سان شروعات ٿئي ٿي:



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بشنواز ني چون حڪايت مي ڪند
وز جدائي ها شڪايت مي ڪُند

نڙ ڪان ٻڌ ڇا بيان ڪري ٿو ۽ جدائين جي ڇا ڇا شڪايت ڪري ٿو. بظاهر ٻنهي جي ظاهري معنيٰ ۾ مشابهت آهي ۽ انهي جو اهو مفهوم نڪري ٿو ته ڪاني وڍجڻ کان پوءِ پنهنجي اصليت ياد ڪري ٿي. پر حقيقت ۾ ٻنهي آفاقي شاعرن جو مقصد انسان جو جنت مان نڪري دنيا ۾ اچڻ بعد واپس پنهنجي ماڳ وڃڻ جي جُستجو ۽ تڙپ آهي. مولانا جامي مثنويءَ مولانا رومي لاءِ لکي ٿو ته:

نيست پيغمبر ولي دارد ڪتاب

هو پيغمبر ته ڪونهي ليڪن صاحب ڪتاب آهي.

مثنوي لاءِ مولانا جامي هڪ ٻئي هنڌ لکيو آهي ته:

مثنوي مولوي و معنوي

هست قرآن در زبان پهلوي

مولانا رومي رحه پاڻ پنهنجي ڪلام جي باري ۾ به چوي ٿ ته

بيت من بيت نيست اقيلمي است
هَزل من هَزل نيست تعليم است

منهنجا بيت هڪ گهر جي مانند نه آهن پر هنن ۾ سڄو عالم سمايل آهي. منهنجو يوڳ مزاح نه آهي بلڪ ان ۾ تعليم جو درس ڏنل آهي. رومي وري چوي ٿو ته:

ماز قرآن مغز را برداشتيم
استخوان پيش سگان انداختم

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان قرآن جو مغز هٿ ڪري هڏا اُڇلي ڪتن کي ڏيئي ڇڏيا.

در اصل اهو آهي قرآن جي ظاهر ۽ باطن جو ذڪر. مولانا روميءَ رحه ظاهرُ کي هڏن ۽ باطن کي مغز سان تشبيهه ڏني آهي.

مولانا جامي جيان احمد خان مصرائي شاهه جي رسالي بابت چيو آهي تہ:

سنڌ جو قرآ ن تو سڏجي، رسالو شاهہ جو
مشرق ۽ مغرب وجي پهتو آهي، نالو شاهہ جو.

لطيف سائين بہ پنهنجي ڪلام جي باري ۾ خود چوي ٿو تہ:

جي تو بيت ڀائنيا، سي آيتون آهن
نيومن لائين پريان، سندي پار ڏي.

هتي آءُ ضروري سمجهان ٿو تہ مولانا رومي رحه ۽ لطيف سائين جي زندگي جو مختصر احوال بيان ڪريان.

مولانا جلال الدين رومي رحه ١٢٠٧ع ۾ بلخ (خراسان) ۾ ڄائو ۽ ١٢٧٣ع ۾ قونيہ ۾ وفات ڪيائين.

مولانا جلال الدين رومي رحه جو والد محمد بن حسين خطيبي بهاءُالدين ولد بلخي جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هُو بلخ جي عالمن ۾ وڏي عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو. اسلامي علوم ۾ اعليٰ قابليت ۽ ڄاڻ سبب بهاءُالدين ولد بلخي مختلف علائقن جي سير ڪندو، مختلف عالمن ۽ وقت جي بزرگن جي صحبتَ مان فيض حاصل ڪندو. ١٢٢٩ع جي وچ ڌاري قونيہ پهتو ۽ ديني مدرسي جو آغاز ڪيائين. ٻن سالن بعد بهاءُالدين ولد بلخي جمع جي ڏينهن ١٧ ربيع الاخر ٦٢٨ھ

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

١٢٣١ع ۾ وفات ڪئي. قونيہ ۾ پهچڻ وقت مولانا رومي جي عمر تقريبا ٢٢ سال هئي.

١٢٥٨ع ۾ عباسي خليفي جي قتل ۽ بغداد جي تباهي بعد عالمِ اسلام جي قوت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو ۽ مسلمان فڪري طور تي احساسِ گهٽتائي جو شڪار ٿيا. اهو مولانا جلال الدين روميءَ جو فڪر ۽ مسلمانن ۾ حوصلو پيدا ڪرڻ جو جذبو هو، جنهن هڪ دفعو ٻيهر مسلمانن کي ذهني پستي مان ڪڍيو ۽ منجهن نئون ولولو ۽ روحاني قوت پيدا ڪئي. جيڪا قوم شڪست خورده ذهنيت جي شڪار ٿي چڪي هئي، مولانا رومي ان قوم ۾ نئين زندگي پيدا ڪئي. مولانا رومي رحہ پنهنجي باقي زندگي قونيہ ۾ گذاري ۽ اتي ديني اصلاح ۽ ماڻهن ۾ ديني شعور پيدا ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوششون ڪندو رهيو.

هن پنهنجي پيءُ شيخ بهاؤالدين جي وفات بعد ١٢٣١ع ۾ سندس قائم ڪيل مڪتب اسلاميہ ۾ درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيو.

شاهہ عبداللطيف رحہ ١١٠٢هہ (١٦٨٩.٩٠) ۾ ضلع حيدرآباد، تعلقي هالا جي ڳوٺ هالا حويلي ۾ ڄائو. شاهہ لطيف جو والد صاحب شاہ حبيب ٿوري ئي عرصي کان پوءِ هالا حويلي مان لڏي ڪوٽڙي وڃي رهيو. ڪوٽڙي جو ڳوٺ ڀٽ شاهہ کان ٻن ڪوهن جي فاصلي تي هو. هاڻي اهو ڳوٺ ويران ٿي ويو آهي ۽ سندس نشان بہ ڪونہ ٿا ملن.

شاهہ لطيف جنهن دور ۾ پلجي جوان ٿيو، اهو دؤر مغلن جي زوال جي آغاز جو دور هو. ١٧٠٧ع ۾ اورنگزيب عالمگير جي وفات بعد هندوئن ۾ ڪيترين ئي تحريڪن جي شروعات ٿي ۽ هنن ۾ قومي جذبو

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايريو ۽ مسلمانن خلاف ردِعمل پيدا ٿيو. انهيءَ دور ۾ يورپي طاقتن جو هندستان ۾ واپاري جي حيثيت ۾ اچڻ بعد حالتن جو جائزو وٺي "تقسيم ڪريو ۽ حڪومت ڪريو" جي پاليسي تي عمل درآمد شروع ڪيائون. مغلن جي مرڪزي حڪومت ڪمزور هئڻ سبب صوبن جي حڪمرانن ۾ عليحدگي جو رجحان پيدا ٿيو. اورنگزيب عالمگير جي وفات وقت (١٧٠٧ع) شاهہ لطيف جي عمر ١٨ سال هئي. شاه صاحب پنهنجي جواني واري دور ۾ سنڌ ۾ مغل گورنرن جو زوال ۽ ڪلهوڙن جي ايرندڙ طاقت جو مشاهدو ڪيو. لطيف سائين جڏهن پنجاه سالن جي عمر جا ٿيا تہ نادر شاه جي سنڌ تي ڪاهہ ١٧٣٧ع ۾، ۽ دهلي ۾ مغل بادشاه محمد شاه جي وقت ۾ ١٧٣٩ع ۾ قتلِ عام جي باري ۾ پڏو. شاهہ لطيف جي عمر جڏهن ٥٨ سال هئي تہ احمد شاه ابدالي افغانستان ۾ جديد افغانستان جو بنياد رکيو ۽ سنڌ کي ڪابل جو باجگذار بنايو. شاه لطيف ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪئي.

مولانا جلال الدين رومي رحہ جيان شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي شاعري تي بہ پنهنجي ماحول ۽ حالتن جو وڏو اثر ٿيو. شاه جي شاعري ۾ انهيءَ ڪري جيڪي داستان ۽ لوڪ ڪهاڻيون بيان ڪيل آهن انهن ۾ هڪ پيغام جو سبق ڏنل آهي. شاهہ جي رسالي ۾ لساني محاورن ۽ اصطلاحن کي اهڙي نموني بيان ڪيو ويو آهي. ڄڻڪ ناياب موتين کي هار ۾ پوئي ڇڏيو اٿس.

نادر شاه جي سنڌ تي حملي کان پوءِ سنڌ جي اقتصادي حالت ڏاڍي خراب ٿي ويئي. ماڻهن ۾ سياسي شعور نہ هئڻ جي برابر هو. غربت ۽ افلاس جي ڪري عام ماڻهن جي زندگي پڙ پانگ بنجي چڪي

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي. انهي ڪري شاهہ صاحب حاڪمن جي تعريف ڪرڻ بدران، عام ماڻهن کي مخاطب ٿي، سندن مسئلن کي شاعري جي ذريعي بيان ڪيو ۽ شاهہ جو پيغام عام فهم نِج سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، جيڪا ٻولي ان وقت مروج هئي تہ جيئن عام ماڻهن کي سندس پيغام کان روشناس ٿي ڪرائي سگهجي.

سنڌڙيءَ جي سرتاج، لطيف سائين پنهنجي زماني جي حالتن جو گهرو مشاهدو ڪيو هو. ڪيس معاشري جي ڏتڙيل طبقي سان دلي همدردي هئي ۽ پاڻ استحصالي ۽ ڦورو طبقي جو سخت مخالف هو. اهو استحصالي طبقو، چاهي سرمائيدارن جو هو، يا سماج دشمن جو ٽولو هو، يا مذهبي طبقي جو اهو ٽولو، جيڪو مذهب جي نالي، ماڻهن کي دوکو ڏيندڙن جو هو، شاهہ انهن سڀني کي ننديو آهي ۽ پنهنجي پيغام ۾ هميشہ مظلوم طبقي جي طرفداريءَ ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيو اٿس. اهي ماروئڙا ، جيڪي اقتصادي طور مفلوج هئا، تن جي ترجماني ڪندي ڀٽائي سائين چوي ٿو:

”آئين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏيهاڙي سُومرا“

لطيف سائين سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن پهريون ڀيرو مڪاني ٿِصن، مڪاني ماحول، مڪاني نفسيات ۽ مڪاني محاورن جو استعمال پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي ۽ اهڙي سهڻي نموني، جو هن ڌرتيءَ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ جي ماڻهن.کي شاهہ صاحب جي ڪنهن نہ ڪنهن سُر ۾ پنهنجي روزمره جي زندگيءَ جو عڪس نظر اچي ٿو. سندس ڪلام ۾ انساني جذبن ۽ احساسن جي ڏاڍي سهڻي نموني ۾ ترجماني ڪئي ويئي آهي. اڄ بہ شاهہ جو ڪلام، بيت ۽ وايون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهرجهنگ، جبلن ۽ پٽن ۾ ڳايون وڃن ٿيون. شاهه جو ڪلام بي بها موتين جيان آهي ۽ سندس ڪلام هر مڪتب فڪر جي ماڻهن کي روحاني غذا مهيا ڪري ٿو. اهو انهي ڪري جو لطيف جو ڪلام، آفاقي ڪلام آهي، جنهن ۾ سيني لاءِ هڪ قسم جي ڪشش سمايل آهي. حقيقت ۾ "شاهه جو رسالو" هڪ اٿاهه ساگر آهي، جنهن ۾ هر ڪو پنهنجي لياقت آهر لاڀ حاصل ڪندو رهي ٿو. اٿين ڪٿي ڇنجي ته، بلڪل وڏاءُ نه ٿيندو ته، لطيف پارس آهي ۽ سندس ڪلام ۾ اهڙي ته مٺاس ۽ تازگي آهي، جو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ تي وجد طاري ٿي وڃي ٿو.

سورلي پنهنجي تحقيقي ڪتاب ۾ شاهه صاحب کي خراج عقيدت پيش ڪندي لکيو آهي ته "واديءِ مهراڻ جو لطيف، پنهنجي فن ۽ ڪمال جي حيثيت سان عظيم انفراديت ۽ اڪمليت جو صاحب آهي. هت جيڪڏهن اٿين ڇنجي ته شريعت ۽ ترنم، افاديت ۽ نغمگي، مقصديت ۽ پابندي جي حيثيت سان، شاهه جو مقام مڙني کان مٿي آهي ته ان کي بيجا نه سمجهڻ گهرجي." " آنچه خوبان همه دارند تو تنها داري".

سنڌي ٻولي جو عظيم شاهڪار "شاهه جو رسالو" آهي ۽ شاهه جي رسالي جو خالق سنڌي ٻولي جو شهنشاهه آهي ۽ پنهنجي ڪلام ذريعي شاهه صاحب سنڌي ٻولي کي زنده ۽ جاويد بنائي ڇڏيو آهي. جيستائين دنيا قائم آهي سنڌي ٻولي به اوستائين زنده رهندي.

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو سنڌ ۽ سنڌ واسين تي وڏو احسان آهي جو هن پهريون ڀيرو وڏي محنت ڪري ١٨٦٦ع ۾ جرمني مان "شاهه جو رسالو" ڇپائي پڌرو ڪيو. هو شاهه صاحب بابت لکي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"عبداللطيف بين سنڌي بزرگن وانگر هڪ صوفي هو ۽ ڇيو وڃي تو تہ هو مشائخ جي درجي يا تصوف جي اهم مرتبي تي رسيل هو، توڙي جو هو اڻ پڙهيل هو. پر سندس اڻ پڙهيل هجڻ جي رد ڪرڻ جي دعويٰ رسالي مان ئي ٿئي ٿي، جنهن ۾ هن عربي ۽ فارسي جا جوهر ڏيکاريا آهن".

ائين لڳي ٿو تہ ٻتائي گهوٽ ڪا درسي تعليم تہ حاصل ڪونہ ڪئي هئي. ليڪن اهو چوڻ صحيح ڪونہ ٿيندو تہ شاهہ صاحب ڪو امي يا اڻ پڙهيل هو. ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي ڇاپيل رسالي جي مقدمي ۾ انهيءَ دليل سان اختلاف ڪندي لکي ٿو تہ "اهڙي دعويٰ کي رد ڪرڻ لاءِ شاه جو ديوان ئي ڪافي ثبوت آهي، جنهن ۾ هن عربي ۽ فارسي زبانن جو اونهو محاورو ڏيکاريو آهي". در اصل لطيف علم لدني سان نوازيل هو ۽ خدا تعاليٰ سندس سيني جي فرهي تي سيئي علم اُڪري ڇڏيا هئا.

عربي ۽ فارسي کان علاوه ڪيس بلوچي، سرائڪي، هندي، پنجابي وغيره جي بہ يقيناً واقفيت هئي ۽ انهي کان علاوه سندس تاريخي معلومات بہ وسيع هئي. لطيف سائين سنڌ توڙي هندستان جي بين ڀاڱن جي قصن ۽ ڪهاڻين کان بہ چڱي طرح واقف هو. قرآن ۽ حديث، فقہ ۽ فلسفہ، تصوف ۽ ويدانيت، صرف ۽ نحو وغيره جو بہ ڳوڙهو اڀياس ڪيو ٿيو ڏسجيس".

شاهہ جي دور ۾ عربي ۽ فارسي ٻوليون حڪمرانن جي ذهن تي ڇانيل هيون. ڪلهوڙن جي دور ۾ بہ فارسي کي سرڪاري ٻولي جي حيثيت هئي. اهڙي وقت ۾ عام روش کان هٽي شاهہ لطيف پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيغام جي اظهار جو ذريعو سنڌي ٻولي کي بڻايو . اهو شاهه ڀٽائي جو هن ڌرتي تي ايڏو وڏو احسان آهي، جيڪو سنڌ واسي قيامت تائين لاهي نٿا سگهن. دراصل "شاهه جو رسالو" سنڌي ٻولي جو هڪ اهڙو شاهڪار آهي، جنهن سنڌي ٻولي کي هميشه لاءِ امر بڻائي ڇڏيو آهي.

شاهه جي رسالي ۾ اهڙا سوين بيت ملندا، جن ۾ مولانا رومي رحه جي پيغام کي ورجايو ويو آهي. اهي بيت پڙهڻ بعد هڪ محقق يقين سان نتيجي تي پهچندو ته ڀٽائي گهوٽ جو مطالعو تمام وسيع هو ۽ بلاشبه شاهه صاحب کي عربي ۽ فارسي تي بيحد عبور حاصل هو نه صرف ايترو پر قرآن ۽ حديث جو به پاڻ مفسر هو. شاهه جي رسالي ۾ سوين قرآني آيتن ۽ حديثن کي شاهه صاحب پنهنجي بيتن ۾ اهڙي طرح استعمال ڪيو آهي جڻ ته ڪنهن هيرن کي مالها ۾ پوئي ڇڏيو آهي.

مولانا روميءَ ۽ شاهه لطيف جي دورن ۾ پنج سؤ سالن جو مفاصلو رهيو آهي. تنهن هوندي به واقعات ٻڌائين ٿا ته ٻئي عظيم شاعر پنهنجي پنهنجي دور ۾ هڪ ٻئي جي ملڪن جي حالتن جي ڄاڻ رکندا هئا. ائين لڳي ٿو، جڻ مولانا رمي رحه باب الاسلام سنڌ جي دين اسلام سان محبت ۽ هن ڌرتيءَ تي اولياءِ الله جي ڪثرت کان واقف هو.

هڪ هنڌ مولانا فرمائي ٿو ته:

اصطلاح هنديان راهند مدح
اصطلاح سنديان راسند مدح

۽ وري چوي ٿو ته:

شاهه بود و شاهه حق آگاه بود

هن اصطلاحن مان ڪن محققن اها معنيٰ ڪڍي آهي تہ مولانا رومي رح سنڌ ۾ شاهہ لطيف جي اچڻ جي پيشن گوئي ڪئي هئي. اهو ئي سبب آهي جو شاهہ صاحب جڻ روميءَ جي فڪر جو ترجمان ٿي آيو. ٻنهي جي ڪلام، شخصيت ۽ تاريخي ماحول ۾ گهڻي مناسبت موجود آهي، جنهن ڪري ٻنهي جي فڪر ۾ هم آهنگي ملي ٿي.

- جيڪڏهين هڪ ساز آهي تہ ٻيو آواز آهي ۽ ٻئي سياست کان دور، مذهبي اختلافن کان پري، نسلي ۽ قومي تعصبن کان بيزار، تفريق ۽ فساد کان هميشہ پري رهيا.

عظيم محقق ۽ استاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهہ لطيف ۽ مولانا روميءَ جي تعلق جي باري ۾ لکن ٿا تہ "شاهہ لطيف جي ذوق ڪمال ڪيس حق ۽ حقيقت جي اعليٰ مقصدن جو متلاشي ڪيو. سلوڪ ۽ معرفت جي اعليٰ معنوي فڪر جا اهڃاڻ توڙي ديني تعليم جي رسمي ڄاڻ کان اڳتي اسلامي تعليم جي "روح" تائين پهچڻ جو راز ڪيس ميين شاهہ عبدالڪريم جي "بيان العارفين" ۽ ملانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي ۾ نظر آيو. پنهنجي پاڻ تربيت واري دور ۾ شاهہ لطيف خاص طرح مثنوي ڪي سمجهڻ طرف گهڻو ڌيان ڏنو غالبا ميين شاهہ ڪريم جي سوانح ۽ تلقين طرف توجهہ ڪندي، ڪيس "مثنوي" جي اهميت ۽ عظمت جو پورو پتو پيو، ڇاڪاڻ جو ميين شاهہ ڪريم کي مولانا روميءَ جي مثنوي توڙي سنڌس ديوان مان بيت ياد هئا. البت شاهہ صاحب کي مثنوي مان هن دور ۾ ڪنهن روشناس ڪرايو، سو خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي. ٿي سگهي ٿو تہ ننڍي جي عالمن جي صحبتن ۾ شاهہ صاحب کي مثنوي بابت وڌيڪ واقفيت ٿي

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجي ۽ مثنوي پاڻ وٽ رکي ھجيس. ھن دؤر جي پوين سالن ۾ ڏاسوڙي جي عالم ۽ درويش محمد عارف جي فرزند محمد صلاح پڻ، جنھن کي فارسي تي دسترس ھئي ۽ پڻ مثنوي جو ڄاڻو ھو، کيس "محمد صلاح مثنوي خوان" جي نالي سان سڏيو ويندو ھو، سو شاھ صاحب جو معتقد ٿي، جيئن ئي ھو شاھ صاحب جو ارادتمند ٿيو ۽ سندس خدمت ۾ اچڻ لڳو تہ غالباً شاھ صاحب کانئس مثنوي پڙھائڻ ۽ ٻڌڻ جو سلسلو شروع ڪيو، جيڪو پوءِ زندگي جي پوئين دور تائين جاري رھيو. مثنوي سان شاھ صاحب جي شغف جي ايتري تہ مشھوري ٿي، جو سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڪلھوڙي مثنوي جو ھڪ سھڻو قلمي نسخو شاھ صاحب ڏانھن تحفي طور موڪليو.

مولانا روميءَ کي موسيقي ۽ سماع سان بي حد لڳاءُ ھو.

مولانا رومي جڏھين پنھنجو ڪلام چوندو ھو تہ سندس مريد ۽ معتقد حسام الدين چلبي (Celebi) ھڪدم لکندو ويندو ھو. اھڙي ساڳي طرح ڀٽائي گھوٽ بہ جڏھن وجود ۾ ايندو ھو تڏھن بي اختيار ٿي ويندو ھو بيت چوندو ۽ اتي موجود فقير بروقت سندس ڪلام لکي وٺندا ھئا.

شاھ ڀٽائي راڳ جو ھڪ ادارو ڀٽ شاھ تي قائم ڪيو ھو. شاھ جي لاءِ موسيقي روحاني غذا ھئي. اھو ئي سبب آھي جو رسالي کي سُرن موجب ٺاھي بيھاريو اٿس. شاھ صاحب ڪن سُرن تي اصلوڪن ھندستاني راڳ ۽ راڳڻين جا نالا رکيا يا ڪن تي وري مضمون مدِنظر رکي پاڻ نالا رکياٿون.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي تحقيق مطابق "راڳ تہ، شاھ جي جان

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

جو جياپو هو ۽ ساهہ بہ سماع ۾ ڏنائين.“ چوندو هو تہ ”منهنجي دل ۾ الاهي محبت جو هڪ وڻ آهي، جو راڳ بنان سڪيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڏينهن جا ڏينهن سماع ۽ سرود ۾ صرف ٿي ويندا هئس. اهڙي حالت ۾ پنهنجي وجود جو بہ سماع نہ رهندو هئس. جذبو ايندو هوس تہ پاڻ بہ ڳائڻ ۾ اچي چٽڪندو هو. ۽ شايد مولانا روميءَ وانگي، انهيءَ وجد ۽ رقص جي حالت ۾ وايون ۽ ڪافيون بي اختيار سندس وات مان نڪرنديون هيون.“

رومي جو ڪلام بہ هر روز مولانا رومي جي روضي تي ڳايو ويندو آهي. انهيءَ جيان شاهہ جو ڪلام بہ ڀٽ شاهہ تي ڳايو ويندو آهي. دراصل ”شاهہ جي ڪلام جو پورو پورو مزو ان کي سُر سان آلاپڻ ۾ اچي ٿو.“

مولانا رومي جي مثنوي ۾ حڪمت ۽ علم ڪلام جا وڏا وڏا مسئلا سادي زبان ۾ بيان ڪيا ويا آهن. پاڻ هڪ طرف الله تعاليٰ جون صفتون بيان ڪيون اٿس تہ ٻئي طرف نبوت، روح، قسمت، تصوف، توحيد ۽ ٻين موضوعن تي بہ روشني وڌي اٿس.

مولانا رومي جي مثنوي هڪ اهڙو علمي شاهڪار آهي جنهن گذريل اٺ سون سالن کان دنيا جي مفڪرن ۽ دانشورن کي متاثر ڪيو آهي. مثنوي کي اسلامي فڪر جو هڪ خزانو سمجهيو وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هر دور ۾ مثنوي تي بيشمار شرحون لکيون ويون آهن ۽ عام ۽ خاص هن شاهڪار جو مطالعو ڪندو رهي ٿو.

قرآن کان پوءِ جنهن ڪتاب جي ذريعي زمين ۽ آسمان کي

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

تسخير ڪرڻ وارن علمن ۽ حڪمت تائين، رسائي ٿئي ٿي، اها مثنوي ٿي آهي. هن حڪمت جي ڪتاب ۾ دور حاضر جي پيچيده مسئلن جو حل به موجود آهي:

ملت عشق از همه دينها جد است
عاشقان را مذهب و ملت خدا است

وري ٻئي هنڌ مولانا روميءَ فرمائي ٿو ته:

شاعري جزويست از پيغمبري
جا هلانش كفر دانن از خري

روميءَ ۽ لطيف جي فڪر ۾ خيالات جي هم آهنگي جو ان وقت احساس وڌي وڃي ٿو. جڏهن ٻنهي جي ڪلام جو تقابلي مطالعو ڪجي ٿو. چند مثال پيش خدمت آهن:

سو هِيُ، سو هُو، سو اَجل سو الله
سو پرين، سو پساهه، سو ويري سو واهرو
لطيف

پيش من آوازت آواز خداست
عاشق از معشوق يا مشاكي جداست
رومي

مون لاءِ تنهنجو آواز الله جو آواز آهي، عاشق ۽ معشوق هڪ آهن ۽ ڪين جدا نٿو ڪري سگهجي.

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ريءَ
جنين جي ورونهن، سڻ آچيو مان ڳري.
لطيف

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر کجا وري دوا آنجا رود
هر کجا رنجي شفا آنجا رود
رومي

هر درد جي دوا موجود آهي شفا بعد رنج اچڻ لازمي آهي.

ڏورِ مَ ڏيان ڏار، ڏورڻ گهٽيون ڏاڪڙو
ڪوڙين ڪَکَ هزار، هن اونداهيءَ اندا ڪيا.
لطيف

هر ڪہ اوبي مرشدي در راه شد
او زغو رال گمره و در چاه شد
رومي

جيڪو بہ پنهنجي زندگي جو سفر بنا مرشد شروع ڪري تو
اهو شيطان جي هٿان گمراهي جي اونهائين کوه ۾ وڃي ڪرندو.

ماروءَ مَلير ۾، هميشہ هُئان!
پيرين تنهن پُئان، رات وِهائي نور سين.
لطيف

خوش تر آن شهري ڪہ در وي دلبر ست
رومي

اهو شهر بهترين جڳهہ آهي جتي منهنجو محبوب رهي ٿو.

سگر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وَسايمَ وَڏ ڦڙا، متي ماڙين مينهن
واجهائي وصال کي، تيس ٿهوارُون تيئن


Scanned with CamScanner

نِيرُ منهنجي نينهن ، أجاري اچو ڪيو.
لطيف

نالہ او رانا لها خوش آيدش
از دو عالم نالہ وَ غم بايد

رومي

آئون محبوب جي جدائي ۾ انهيءَ ڪري روئان ٿو جو هن کي منهنجا لڙڪ وڻن ٿا. چاڪاڻ تہ پرينءَ کي هنهي جهانن ۾ شڪوو شڪايت ۽ غم و الم پسند آهي.

واقف جي وٺڪار جا، وَڄُ تني جي سڌ
ساٿين سان سَيدُ چئي، لڌو لڌي گڏ
نيئي نماڻي نِجهرو، اوڻين پاسي آڌ
سک پنيور جا چَڏِ، تہ ڪاهي رَسين ڪيچ کي.
لطيف

هر کہ خواهد هم نشين با خدا
او نشين در حضور اوليا

رومي

جيڪو چاهي ٿو تہ کيس قرب خداوندي حاصل ٿئي تہ کيس گهرجي پنهنجو وقت اولياءَ الله جي صحبت ۾ گذاري.

پُنهون تيسَ پاڻهين، وَيو سَسُئي جو سينگارُ
مَن عَرف نفسہ فقد عرف ربہَ اهو ٿي آ چارُ
جو وِندُر ۾ واپارُ سو سودو سَرِيسِ هيتهين.
لطيف


Jeay Sindh
Scanned with CamScanner

در دل مؤمن بگنجم اي عجب
گر مرا جوئي در آن دلها طلب
رومي

آئون مومن جي دل ۾ موجود آهيان، جيڪڏهن توکي منهنجي تلاش آهي تہ مون کي ان ۾ ڳولهہ.

ڪَنُ ٿِيءُ ڪيچين ڪُڇيو، ڪَڄُ مَ تا ڪُڇَنِ
اشارَتون ان جون، سُڪون تان سُڄِنِ
وٺان ويهي تَنِ، سُڻ تہ سوز پرائين.
لطيف

چون عاشق اوست تو خاموش باش
چون گوشت مي کند تو گوش باش
رومي

جيئن تہ هو تنهنجو عاشق آهي. انهيءَ ڪري خاموش رهڻ ۾ بهتري آهي.

جنين پيتي باس، گنجي ڏونگر گامہ جي
ڇڏي سب لباس، لوَڇي لاهوتي ٿيا.
لطيف

آتش از عشق درجان برفروز
سر بسر فكرو عبادات رابسوز
رومي

آتش عشق پنهنجي دل ۾ دکائي مکمل طرح مادي شين کي تياگ (ڪناره ڪشي ڪر)

Jeay Sindh

جُزو وِڇايو جوڳين، ڪُلَ سين آهين ڪَمُ
آسڻُ جَنِ، عَدَمُ، آئون نہ جيئندِس ان ري.
لطيف

فارغ شوي زکثرت واصل شوي بہ وحدت
باشاهد حقيقت همخانگي همين است
رومي

ڪثرت کي رد ڪري وحدت ۾ گم ٿي وڃ، اهوئي ڪجهہ آهي محبوب حقيقي سان ملي وڃڻ جو مطلب.

مُونا جَنِ محرابُ، جُسو جامعُ تَنِ جو
قِبلي نُماءُ قلبُ ڪَري، تَنِ کي ڪيائون طواف
تحقيق جي تڪبير هٿي، جِسما ڪيائون جواب
تَنِ ڪَهڙو ڏوهہُ حِسابُ، جَنِ هينئڙي هادي حَلُ ٿيو.
لطيف

ز عشق رومي تو من روبہ قبلہ آور دم
وگر نہ من ز نماز دڻ قبلہ بيزارم
رومي

جيڪڏهن مون پنهنجو منهن قبلي ڏانهن ڪيو آهي تہ اهو صرف تنهنجي رضا خاطر آهي، ورنہ آئون نماز ۽ قبلي کان بيزار آهيان.

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قائم سولنگي

# شاهه ڀٽائيءَ کان اڳ جي سنڌ
# ۽ اڄ جي سنڌ

دنيا جي مشهور اخبار "مينيچسٽر گارجن" جو نمائيندو مسٽر ڊريگ براڻون ڪجهه سال اڳ سنڌ مان گهمندي ڦرندي وڃي موهن جي دڙي کان نڪتو. هن پنهنجي ڪالم جي شروعات هنن لفظن سان ڪئي آهي تہ:

"It seems that four thousands years before Sindh was centre of wealth and learning. Sindhi people were so civilized, cultured and peaceful that no weapons has been ever found from the rums of Moen-Jo-Daro".

وڏيڪ لکي ٿو تہ موهن جي دڙي جا سنڌي جنهن عاليشان بستي ۾ رهندا هئا سا جڻ اُن وقت جي انجينئرن جاميٽريءَ جي جديد اصولن مطابق جوڙي هجي، پر اڄ سنڌ کي کهڙو مرض لڳو آهي جو



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اها سنڌ موتمار هٿيارن جو ڍڳ ٿي ويئي آهي ۽ عدالتن ۾ ٥٠ سيڪڙو ڪيس ڪارو ڪاري جا آهن.

موهن جي دڙي مان لڌل ان معزز شهري جو مجسمو تو ڏسجي ته چاپهين ڏاڙهي سنوارت تيل، اکين ۾ سُرمون، وهتل مکيل، ڦولدار لباس، وارن کي ڦٽي ڏنل ايئن ٿو معلوم ٿئي ته جڻ پروفيسر هجي.

سنڌ ۾ دنياوي خوشحالي جو هي حال هو ته سنڌ مثالي رياست هڪ ڪاڪِ هئي. هتي جڻ محبت جون فيڪٽريون هيون.

- هَلو هَلو ڪاڪ ترين، جتي گهَرجي نينهن،
- اکون ڊاکون، سِر ڪنڊ شاخون، جِت چوکا چندن، ڪؤنر،
- سون ورنيون سوڍيون، رُپي رانديون ڪن،
- جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٽن ويس،
- سونا ڪُرَڪن ۾ ڳچيءِ ڳاڙها هار.

سنڌ ۾ ايترو ته سُرهاڻ ۽ خوشبو جو واهپو هو جو، اهي عطريات پئيرس ۾ به اڻ لڀ هئا يعني سموري سنڌ خوشبو سان وهتل هئي. جيئن شاهه سائين فرمايو ته:

عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تن
مڙهيا گهٽو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن
اوتيائون عنبير جا، مٿي طاق ٽڙن.

ايتري خوشحالي ۽ امن جو سنڌين کي سواءِ محبت ۽ پريم ونڊڻ جي ڪو ڌنڌو ئي ڪو نه هو. جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني جي

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳماشتن سنڌ تي پير رکيو تن پنهنجي رپورٽن ۽ ڪتابن ۾ لکيو آهي ته صرف شهر ٺٽي ۾ هڪ ٻه نه، پر سوين مدرسا هئا. پري پري کان علم جا پياڪ اچي اُڃ اجهائيندا هئا. جن جي ذهني سطح ۽ شعوري منزل کان ڀٽائي رحه صاحب ايترو ته متاثر ٿيو جو انهن کي صاحب تقدير جو خطاب ڏنائين:

”قلم جنين هٿ ۾، ڪارون ٻه تنهن ڪجن“

انهن مدرسن ۽ تعليمي ادارن ۾ اُهي دقيق مسئلا به بيان ٿيا جيئن ڀٽائيءَ رحه فرمايو ته،

ڏوٿي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نه ٻُڌي
پاسا متي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين
وِڃا اُت ووڙين، جِت نهايت ناهِ ڪا.

اهي مسئلا جيڪي زمان ۽ مڪان کان ٻاهر جا مسئلا، جن جو ڪتابن ۾ اڳ ذڪر ئي نه هو. لطيف رح اهڙن ماڻهن کي به ڏٺو جيڪي سقراط، نيوٽن، عمر خيام جي جوڙ جا صاحبِ شعور هئا. جن کي شاهه سائين اهو به چوندي ٻُڌو ته ”معلوم اهو ٿيو جو ڪجهه نه معلوم ٿيو“ بقول لطيف رحه ته:

اوريان ٿي آئين، ميڙيو معلّم خبرون
- ساتان سُڌ نه ڏين، جِت وِهه تو ويڙن ڪري.

جن جي مجلسن مان لعل لطيف کي اهو شعور مليو جو پاڻ چياٺون ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

- وسري ويو مر سبق، جو هڪ سِٽ نہ سنيران
اڄان ٻيو ورق، هاءِ مطالعو نہ ٿيو.

- طلب نہ رکن طعام جي، اوتيو پيئن اُڄَ.

- عَدَم جي اوڙاهہ تي، ڪيا آسڻ آدوتين.

- ٻک مرندي ٻکيا، ڪنهن کان ڪين گهُرن.

سنڌ جي دانائن اهو ثابت ڪيو تہ قرآن ۾ بار بار جنهن شهہ رڳ جو ذڪر آهي، دراصل اها انسان جي دل آهي ۽ دل بيت الله آهي. پوءِ اها دل چاهي هندوءَ جي، مسلمان جي يا عيسائي جي هجي.

ترڪ جرنيل خان خانان عبدالرحيم خان جيڪو اڪبر اعظم جو جرنيل ۽ فاتح سنڌ هو، اهو سنڌ جي سرزمين تي پگهِرَ تي ويو، جرنيلي وجود وڃائي وينو ۽ خان خانان جي بجاءِ هنديءَ جو وڏو شاعر رحيمن ٿي ويو. سرمد ترڪستان ۽ توران جي الائي ڪهڙي ڪنڊ کان نڪتو ۽ اچي ٺٽي جي علمي، ادبي محفلن جو شڪار ٿي، صوفين جو امام ٿي ويو ۽ دهليءَ ۾ پنهنجو ڪنڌ ڪپائي وينو. ميان مير رح جيڪو قاضي قادن جو ڏهٽو سنڌ مان علم ۽ عرفان جون سڀ سنڌون ماٺي دهلي دکن تائين ويو. جتي جتي ويو اُتي صاحبِ عقل ۽ دانش وارن کيس سلام ڪيو. شاهجهان جي وڏي پٽ شهزادي داراشڪوه سندس شاگردي اختيار ڪئي. جنهن تصوف ۽ ٻين دقيق مسئلن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا. ميان مير رح جي علمي مٺيا کان متاثر ٿي سِکن جي ڇهين گرو گوبند سنگهہ ۾ سندس شعوري منزل کي سڃاتو ۽ سِکن جي امرتسر ۾ مشهور عبادت گاهہ "اڪال تخت" جو بنيادي پٿر لڳائڻ

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner

لاءِ ڪيس عرض ڪيو ويو ۽ هن پنهنجي مبارڪ هٿن سان بنياد رکيو.

مُلان مبارڪ سيوهاڻي جي پٽن ابوالفضل ۽ مُلان فيضيءَ اڪبر اعظم جهڙي بادشاهه کي نه بادشاهيءَ ۾ فقيري ڪرائي ڇڏي، جيڪو نه رڳو هندستان ۾ پر پوري تاريخ انساني ۾ سيڪيولر سياست جو باني هو ۽ سنڌ ۾ ڄائو نپنو. مخدوم معين الدين عرف مُيون ٺارو جنهن جي ڳالهه شاهه لطيف رحه مختلف لاڙن سان هُن جي علمي فضيلت بيان ڪئي آهي جنهن جي سبقن نه ڀٽائي رح صاحب کي لاثاني شعور بخشيو. خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو جنهن لاءِ پاڻ چيائون ته:

"مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي".

۽ اهڙا ٻيا ڪئين جن کي ڀٽائي گهوٽ پنهنجي ڪلام ۾ مختلف ڪردارن ۽ نالن سان ياد ڪيو آهي. اُها سنڌ جتي جا ڪوري جيڪي ڳنڍڻ جا ماهر ۽ ڇنڻ جي معاملي ۾ اناڙي هئا اڄ اها سِنڌ تعصب، چاپلوسي، خوشامد، ضمير فروشي، گيدي پڻو ابن الوقتي جي علامت بڻجي ويئي آهي. سنڌ پريت جي پينارن کان خالي ٿيندي وڃي. اڳ جيڪي اَمرت اوت ڪندا هئا، آبِ حيات پيا ورهائيندا هئا اڄ انهن جاين تي زهر پيو اوتجي. سرمد، منصور، آدوتين، سامين، فقيرن، اوليائن، سخين، ڏاتارن جي سنڌ ڪيڏانهن ويئي؟

هيتريون يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ ادارا اُتان هر سال گهڻي ياڳي سَنَد يافته فتنه باز پيدا ٿي رهيا آهن. جيئن والنٽيئر پنهنجي همعصر نام نهاد دانشورن لاءِ چيو هو ته "اوهان جو علم صرف ايترو آهي ته اوهان چڱي طرح خبر رکو ٿا ته عوام ضعيف الاعتقاد ۽ بي سمجهه آهي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
Jeay Sindh

اڄ اُن سنڌ تي نظر ڪريو ته ڪي ابوجهل جي پايي جا عالم جن لاءِ قرآن ۾ فرمايو ويو آهي ته، ”اهي علم جا خچر آهن جيڪي ڪتابن جون بدون کنيو گهمن“. اڄ جي سنڌ جي، رسول الله صلعم جي زماني واري مڪي جي حالت کان به بدتر حالت آهي. هتي منصب ۽ اعليٰ عهدا اُهي پيا ماڻين جن جون کوپڙيون خالي آهن. هاتڪ، وينجهار ۽ موتين کي پرکڻ وارا صرافَ سچ جو هوڪو ڏيندي شرم تا محسوس ڪن.

”سامي سون تيا، لڪا پُڻن لوڪ ۾“.

پٽاڪون نه هنيائون. حڪمرانن ۽ ڪامورن جي درن تي ڌڪا نه کاڌائون.

- وڏي ڪنهن ولات جا، اُمنج آندائون.
- لڌائون لطيف چئي، سندو گروءَ گَس.
- جتي نظر نات جو، اُتي اوتاران.

معلوم هجڻ گهرجي ته علم ۽ عرفان، ڌيان ۽ گيان رکندڙ انسان ته فرعون، نمرود ۽ هامان جهڙن کي به پنهنجي مقابلي ۾ ٻڙي سمجهندا آهن. اڄ سنڌ جي عالمن جي مٿيا، ڏيا ۽ فضيلت ڪيڏانهن ويئي؟ ڪهڙي تعليم پٺي ڏني وڃي.

آڇو ته، انسانيت جي عظمت وڏائڻ وارا ٿيون. غلط طريقن سان پيٽ پرڻ کي انسانيت جي توهين سمجهون. ثابت ذهن ۽ ثابت ضمير رهي، انسانن جي انسانيت کي علم، اخلاق ۽ صلاحيت ۾ ڏسون

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ پرکيون. پاڻ ۾ سهپ، رواداري، ڏيا، نياز نئڙت ۽ ٻاجهه.وارو جذبو ڏاريون.

تي سگهي ٿو ٢١ هين صدي تائين دنيا جو مسلڪ برابري، برادري، اخوت، جمهوريت، خدا پرستي ۽ انسان دوستي تي جنهن جي تشريح ۽ تعبير پٽ ڏٺي رح ۾ ڪئي آهي. شاهه سائين جي هن بيت کي ۾ هيٺين سان هنڊايون ٿا:

"اڪ الٿي ڏار، وڻ اُبتو عام ڪان،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اونچو واهه اوڀار".

Jeay Sindh


Scanned with CamScanner



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu